سنڌين جي
فوجي مهارت
ــ دادا سنڌي

سنڌين جي فوجي مهارت

ليکڪ :

دادا سنڌي

— پاران —

موهن جو دڙو پبلشنگ هائوس

Mohen jo Daro Publishing House

6-7 ROBINA MANZIL, AMIL STREET, OFF ROBSON ROAD,
NEAR SOBHRAG HOSPITAL
KARACHI

سنڌين جي فوجي مهارت

دادا سنڌي

موهن جو دڙو پبلشنگ هائوس

ڊجيٽل ايڊيشن

2016

ڪمپوزنگ: شاھنواز سومرو

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(134)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان هي اهم ڪتاب **”سنڌين جي فوجي مهارت“** نامياري ليکڪ ۽ تاريخدان **دادا سنڌيءَ** جو لکيل آهي. هي ڪتاب هر سنڌيءَ کي پڙهڻ گهرجي جيئن هو ان ڳالهين کان واقف ٿئي ته سنڌ جي جوڌن هر دور ۾ ڪيئن نه ڌرتيءَ مٿان پاڻ قربان ڪيو آهي. سنڌين ڪيئن ڌارين سان مهاڏا اٽڪائي سڪي سنڌ کي بچائڻ جي جدوجهد ڪئي آهي.

اسان ٿورائتا آهيون سويڊري سان تعلق رکندڙ علم ۽ ادب دوست شخصيت سائين شاهنواز سومري صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني. سائين شاهنواز سومرو سنڌي ڪمپيوٽنگ جي شروعاتي ڏينهن کان ئي سنڌي ڪتابن جي ڪمپوزنگ وارو ڪم ڪندو رهيو آهي. سندس ڪاوشون ساراهه لائق آهن جو ڪمپيوٽر تي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ سدائين جاڪوڙيندا رهيا آهن.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

فهرست

1. اڳياڙي	6
2. دراوڙن جو دور	9
3. آرين جو دور	14
4. مها ڀارت ۽ رامائڻ جو جو دور	18
5. سنڌي فوجي ڏيساور ۾	22
6. سڪندر جو دور	29
7. موريہ گهراڻي جو دور	33
8. راءِ گهراڻي جو دور	35
9. برهمڻ گهراڻي جو دور	37
10. عربن جو دور	41
11. دهليءَ جي مرڪزيت جو دور	43
12. سومرن جو دور	47
13. سمن جو دور	51
14. ارغونن ۽ ترخانن جو دور	57
15. مغلن جو دور	62
16. ڪلهوڙن جو دور	68
17. ٽالپرن جو دور	73
18. انگريزن جو دور	81
19. پاڪستان جو دور	92
20. پڇاڙي	97

اڳياڙي

اسانجي سون ورني سنڌ سونهاري، سرسبز، سائو ستابو، شاداب ۽ آباد علائقو آهي. زرخيز زمين ۾ سدا بهار سايون پوکون ٿين ٿيون. ڍڳهن ۽ ڳهاٽن ٻيلن ۽ باغن ۾ منيون منيون لاتيون لنونڌڙ پکي ۽ ڪمائتا جانور ٿين ٿا. ميو متو مهراڻ آب حيات ٻڌجي هتان جي رهواسين جي زندگيءَ کي زنده جاويد بڻائي ڇڏي ٿو. مال لاءِ درياهه جي ڪَڇي ۾ چارو اڪيچار ٿئي ٿو. کير ۽ مکڻ، ڌُڌ ۽ ڏهي، ڪڻڪ ۽ ٻاجهر، ساريون ۽ چٽا، تِتر ۽ آڙيون، سنڌين جي جان ۽ جسم کي، سرير ۽ بدن کي مضبوط ۽ طاقتور بڻائين ٿا. هو تندرست، صحتمند، تازا توانا ۽ تنومند رهن ٿا. منهنجي ملڪ جا مارو اصل کان ئي سادا سودا، سهڻا سياڻا، سلڇڻا ۽ سوپياوان، سادگي ۽ سچائي، مهر ۽ وفا جا پُتلا آهن. ڪفايت شعار، سانگ سرفي وارا، آئي ويل هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ وارا، اؤکيءَ ويل ۾ سِر ڏيڻ وارا، مهمان نواز، باغيرت، باهمت، بهادر ۽ دلير آهن. سنڌي ثقافت، جيڪا هينئين عناصر جو مجموعو آهي، تنهن کي ايامن لاڪو سانديندا اچن- مهمان نوازي، ڪشاده دلي، دوستيءَ ۾ وفاداري، سُخن جي سچائي، غيرت، حياءُ ۽ حجاب، پاڙي جي لڄ، در آئي خون بخشي ڇڏڻ، سامُن تي سِر ڏيڻ، همت، توڪل، محنت ڪشي، الله تعاليٰ تي ڀروسو رکڻ، پنهنجن ڳٺن ۽ لوين، ڀَسين، ڀيرُن، ڳبڙن ۽ ڪنياتن تي فخر ڪرڻ ۽ انهن جي ڀيٽ ۾ پراون ڀَٽن، ڀٽيهرن، ٻوڙن، پلاون، باغن ۽ بلبلن کي تڇ ڀانئڻ — هنن سيني شين مان جيڪا خاص خوبي ۽ ڳُڻ، سنڌ واسين کي دنيا جي ٻين قومن کان ممتاز ۽ منفرد حيثيت بخشي ٿي، سا آهي حُب الوطني، ساڻيهه جي سِڪ ۽ جنم ڀوميءَ سان محبت، وطن عزيز جي عزت ۽ سرخروئي، بلندي ۽ بهتري جو اونو کين هر گهڙي هوندو آهي. حبِ وطن سندن جان جي رڳ رڳ ۽ نَس نَس ۾ سمايل آهي. ملڪ ۽ ملت جي خدمت لاءِ تَن مَن ۽ ڌَن قربان ڪرڻ سندن شيوو آهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ قوم ۽ ملڪ جي خدمت جي شريف جذبي جو بنياد نيت جي صفائي، خلوص ۽ ايثار جي اصولن تي آهي. ۽ سنڌ جي باشندن ۾ اهڙا هڪ نہ، بہ نہ، پر لکين فردَ ملندا جن پنهنجي وطن ۽ قوم جي خدمت ۽ سالميت لاءِ هر طاغوتي طاقت سان ٽڪر کائيندي، لال لهو وهائيندي، ڪال ڪوٺڙين ۾ هَڏ ٽوڙ سزائون سهندي، آل اولاد جون دربدرون سَنيندي، اڃتها ۽ پياس جا ڏولاوا برداشت ڪندي، جسماني ۽ ذهني عذاب کِلندي سيني سان لاتا. سنڌ جي انهن مرد مجاهدن ايثار ۽ قرباني جا جيڪي اڻ مٽ نقش ڇڏيا، اهي اسان جي ماضيءَ جا شاندار روشن قنديل آهن.

تاريخ شاهد آهي تہ جُڳن کان وٺي سنڌ تي حملا ٿيندا پئي رهيا آهن پر مادرِ وطن جي جوڌن ۽ سورهيہ پُٽن انهن لُٽيرن ۽ عالمي درندن جو جهڙي طرح مقابلو ڪيو آهي، تن ڪين هڪ فوجي قوم ۽ جنگي جوڌو بڻائي ڇڏيو آهي. هونئن بہ هن ڌرتيءَ جا رهواسي بهادر، جاننا ۽ پهلوان رهيا آهن آڳاٽي وقت کان ئي سنڌ ۾ پهلوانيءَ جو دور دوره هو. پهلوانن جو شان شوڪت جاري هو. جنگ ۾ بهادري ۽ جرئت، جسماني زور ۽ طاقت، ڪيڏ ۽ راند ۾ قوت ۽ ڪسرت سنڌ ۾ مکيہ ڪرتب ڪري شمار پئي ڪيا ويا آهن. هڪڙا پنجاهيا پهلوان هئا، جي هڪئي سِر پنجاهہ ڄڻن جو مقابلو ڪندا هئا تہ ٻيا ڏهيسر هئا، جيڪي ڏهن جا مَٽ هئا. جسماني زور ۽ طاقت ۾ هڪڙا اڍائي ونگ ورنهہ هئا، جيڪي پنهنجن ڊگهن وارن کي، هٿ تي اڍائي وڪڙ ڏيئي، زور ڏيندا هئا تہ وارن، ۾ پيل تيل ٽِمي پوندو هو تہ ٻين ڏگ مڙسن وري پاڻ کي لوهہ مروڙ تي چوايو- (ملهہ ۽ ملاکڙا – ڊاڪٽر بلوچ صاحب – مهراڻ سالگرهہ نمبر 1961ع) سندن انهيءَ پهلواني ۽ زور هن قوم کي بہ جنگي جوڌو بڻائي ڇڏيو. سنڌين جي شجاعت ۽ سورهيائيءَ جا قِصا، ڏينهن کان جَڳ مشهور آهن. جيئن تہ جين ڊڪشنہ چيهنہ لکي ٿو تہ – "سنڌي ناهوڪا، سهٽي ٽِلنڌڙ تور وارا، راڳ ناچ جا شوقين ۽ ساٽيهہ تان سِر گهوريندڙ آهن-" (سنڌ صدين کان – ممتاز مرزا ص نمبر 162)

هِت هن ڳالهه کي بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌي عوام جا پيشوا ۽ اڳواڻ، سردار ۽ رهنما خود سورهيہ، سخي ۽ سچا هئا. سورهيائي، سخاوت ۽ سچائي سنڌن قومي اخلاق جون نمايان خصوصيتون هيون. هو قومي ۽ ذهني آزاديءَ جا علمبردار هئا. جي حاڪم هئا تہ غيرتمند ۽ عادل هئا. هو پنهنجن پاڙن ۽ رعيت سان پورا وفادار ۽ سچا هئا. اهڙي بلند اخلاق ۽ قومي روايات کي برقرار رکڻ لاءِ جيڪڏهن ڪين وقت بہ وقت قرباني جي ضرورت سامهون آئي تہ جرئت ۽ مردانگي، همت ۽ حوصلي، سرويچي ۽ سورهيائي سنڌن طبع جا فطري جُزا بڻجي ويا. اهلِ سنڌ جي انهيءَ جرئت ۽ بهادريءَ جا بنيادي ڪارڻ قومي آزادي، قبائلي عزت، پاڙيسريءَ جي مدد، پنهنجن سردارن، پڳدارن ۽ دوستن سان وفاداري، خانداني ننگ و ناموس ۽ شخصي غيرت جا جذبات موجود آهن. انهن مڙني جذبن ۾ وطن جي محبت ۽ قومي آزاديءَ جو جذبو سنڌ واسين جي لنؤن لنؤن ۽ رڳ رڳ ۾ سمايل آهي، جنهن جي خاطر، هنن تاريخ جي هر دور ۾، وڏيون وڏيون جنگيون لڙيون ۽ قربانيون ڏنيون. سنڌي نہ صرف ماحول جي وسعتن تي اثر انداز ٿيا پر تاريخ جو پنو گواهہ آهي تہ اڪثر وقت گير انقلابن جو آغاز بہ هِن سرزمين تان ٿيو. (سماهي مهراڻ – سوانح نمبر 1957 – ص 234) نہ صرف هنن پنهنجي ديس جي آزادي، خودمختياري ۽ قومي غيرت لاءِ ڌارين سان لڙايون لڙيون پر ڪيترن پاڙيسري ملڪن ۽ يار قومن سان ڪلهو ڪُلهي ۾ ملائي، سنڌن هر طرح ملڪ جي سالميت ۽ لَڄن جي حفاظت ڪري، دوستي، خلوص ۽ ٻين لاءِ جيئڻ جي رنگين اصولن کي زندهہ جاويد بڻائي ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو سنڌن حب الوطني، جذبۂ آزادي، همت ۽ مردانگي، سورهيائي ۽ سچائي جي شاندار روايتن کي دنيا جي تاريخ ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي.

اڳين صفحن ۾ سنڌين جي انهن عظيم ڪار گذارين جو تاريخ وار جائزو پيش ڪجي ٿو.

دراوڙن جو دور

تاريخ ۾ سنڌي قوم مان، جن پهرين فردن سِر قربان ڪيا ۽ جنگ جي ميدان ۾ ڪُڏي، سِر ترِيءَ تي رکي، ملڪ ۽ ملت جي آزادي ۽ سالميت لاءِ قربانيون ڏنيون تن مان دراوڙن جو نالو سرِ فهرست آهي.

دراوڙ سنڌ جا اصلي باشندا هئا ۽ سنڌ جي اولين تهذيب ۽ تمدن جا امين هئا. موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي عظيم تهذيب جا باني هو ئي هئا. ايس – وي ونڪٽ سوسيرا لکي ٿو تہ **”دراوڙي قبيلا، پاھران سمنڊ رستي يا خيبر لڪ جي راھ کان، هن ملڪ ۾ داخل ڪونہ ٿيا هئا، پر هي ماڻهو اصلي هتي جا ئي رهاڪو هئا ۽ سندن خمير هن ئي ڌرتيءَ جي مِٽيءَ مان هو“**- (بحواله سنڌ جي طِبي تاريخ ج اول- نياز همايوني ص 50)

دراوڙن صنعتي، تجارتي ۽ زرعي لحاظ کان وڏي ترقي ڪئي. هي ماڻهو نهايت ئي سُڌريل هئا. ڌاتو استعمال ۾ آندو هئائون ۽ خاص طور ٽامي مان هٿيار ٺاهيندا هئا. ان ڪري تاريخ ۾ هن دور کي (Copper Age) ”ٽامي جو دور“ چئجي ٿو. هو سون ۽ چانديءَ جا زيور بہ ٺاهي پهريندا هئا ۽ ٽامي جا سِڪا بہ ٺاهيا هئائون. جايون ٺاهي انهن ۾ رهندا هئا ۽ حفاظت جي خاطر، چوڏاري قلعا ٺاهيندا هئا. هو جهاز راني جا ماهر هئا ۽ تجارت جي مقصد سان، سمنڊن ۾ جهازن ذريعي سفر ڪندا هئا. اهي لکڻ بہ ڄاڻندا هئا ۽ انهن جي ٻولي، علم و ادب خوب ترقي ڪئي. دراوڙن جي هي عظيم، تهذيب اڍائي يا ٽي هزار سال قبل مسيح جي درمياني عرصي ۾ پڪڙي- هو پڪن گهرن ۾ رهندا هئا. ڪڻڪ، ڪپهہ، جَوَن ۽ چانورن جون پوکون ڪندا هئا. سون، چاندي، ٽامي، ڪانسي جي زيورن ٺاهڻ ڪانسواءِ زردوزي ۽ پرت پرڻ ۾ ڪاريگر هئا. دراوڙ اهڙو تہ سنهو ڪپڙو تيار ڪندا هئا جو سڄو تاڪيو، ڇَلي مان ٽپي ويندو هو. هِن ڪپڙي جي مصر، بابل ۽ يورپ ۾ وڏي طلب هوندي هئي.

دراوڙن جو رنگ ڪارو، نڪ ويڪرو ۽ قدري گھنڊيدار، ڪاريون اکيون ۽ قد ۾ بِندرا هئا. سنڌ جي هنن اصلي رهاڪن تي آرين ڪاهه ڪئي. ان دور ۾ دراوڙن جا قبيلا هي هئا. (1) ليبيسا (2) ڏني (3) چوموري (4) پيپرو (5) ورچين ۽ (6) سمبارا — آرين جي اچڻ وقت دراوڙ، جنگي فن ۾ به مهارت حاصل ڪري چڪا هئا. وٽن مضبوط قلعا هئا، جيڪي دفاع جي لاءِ ڪم آڻيندا هئا. انهن ڪي پورا چئبو هو. اُهي مٽي يا پٿر جا بند هئا، جيڪي هنن آبڪلاٽي ڪي روڪڻ لاءِ پنهنجي شهرن ڪي ڏنا هئا. رگويد ۾ انهن بندن ۽ قلعن ڪي شردي يعني موسمي قلعا ڪوٺيو ويو آهي. (آرياٽي شاعري ۽ قديم سنڌ- محرم خان- سه ماهي مهراڻ 1967)

آرين ڪان گھڻو اڳ هندوستان جي ڪن راجائن دراوڙن تي حملا ڪيا. جن ۾ ديو سروا ۽ ديواواتا راجا قابل ذڪر آهن. تراسا داسيو جيڪو پورروڪوٽس جو پٽ هو سو دراوڙن جو سخت ويري هو. هن سمورو وقت سنڌ جي قديم رهاڪن سان وڙهندي گذاريو. دراوڙن خلاف يورو قبيلي پارتين جي مدد ڪئي. (تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 40) پر پارتي راجا نه سنڌ تي قبضو ڪري سگھيا، نه وري دراوڙن ڪي ماري مجائي پنهنجو غلام ڪري سگھيا. پر آرين دراوڙن سان مسلسل جنگيون جوٽيون ۽ ڪين ماري مجايو. سنڌ جي هنن رهاڪن جهڙي طرح آرين سان بهادري ۽ دليري سان مقابلو ڪيو، اهو ثابت ڪري ٿو ته هي ماڻهو ڪيڏا نه بهادر ۽ فوجي تربيت يافته هئا. هنن آرين سان خوب چڪريون ڪاڏيون- آرين جو هڪ بهترين سپهه سالار اِندر هو، جيڪو هر جنگ ۾ مقامي ماڻهن سان وڙهڻ لاءِ آرين جي فوج جي اڳواٽي ڪندو هو. پر سنڌي جوڌا، ڪانئس قطعاً نه ڊڄندا هئا، ۽ ساڻس جنگيون ڪندا آيا. آرين جو هڪ رشي لکي ٿو ته- ”تي هزار ورسي ونت (سنڌي سپاهي) جنگي لباس ڍڪي، پنهنجو بدن ويڙهي، پاڻ ۾ پڪي صلاح ۽ ٻڌي ڪري، يوياوتي وٽ گڏ ٿيا، پر اِندر جي تيرن تن ڪي تباهه ڪري موت جي گود ۾ ليٽائي ڇڏيو. ان هوندي به سنڌين آڻ نه مڃي. وروسين قبيلي مان هڪ دراوڙ جوڌو نڪري

نروار ٿيو، جنهن جو نالو واسو ديو هو. هو انگيرس جو ٻالڪو هو. هن اِندر سان ايڏو تہ سخت مقابلو ڪيو جو آرين جو هي سپھ سالار شڪست کائي پڇي ويو.

ان دور ۾ ٿيهارو ڪن سنڌي سردار پنهنجي ديس تان قربان ٿيا ۽ ڪيترائي ڪونڌر ڪُسي ويا. سنڌ مان توشتا ۽ پرترڌن بہ غدار پيدا ٿيا جن اِندر سان وڃي ياراڻي ڳنڍي- توشتا، اِندر کي هڪ ڳجهو هٿيار ”وڄر“ ڏنو، (جيڪو خالص سنڌي هو) انهيءَ بجليءَ واري هٿيار سان اِندر ڪئين قلعا ۽ شهر ساڙي ناس ڪري ڇڏيا. ان ڪانسواءِ ڪيترائي وڏيرا بہ آرين سان سَنمک ٿي هڪٻئي کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيڻ وٺڻ لڳا.

انهن غدار سنڌين جون سخائون رگ ويد ۾ آرين هينئن ڪيون- ”سنڌونديءَ جي ڪپ تي رهندڙ، هڪڙو وڏو پٽيل جنهن کي پنهنجي نالي ڪدائڻ جي وڏي سَڌ هوندي هئي، تنهن اِندر کي املھ سوکڙيون ڏيئي، پنهنجي اڻ متندڙ واکاڻ اُپ تائين اسرائي ڇڏي“ (آرياڻي شاعري ۽ قديم سنڌ- سہ ماهي مهراڻ 1967/4ع) انهن وطن جي ويرين ۽ پاڻ وٽائيندڙن جي موجودگي ۾ بہ سنڌين، آرين جو جنهن بهادري ۽ جوانمرديءَ سان مقابلو ڪيو، تن جو مؤرخن دل کولي داد ڏنو آهي. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ ”سنڌو ماتر جي قديم رهاڪن، آرين کي پنهنجي ملڪ ۾ پير کوڙڻ نٿي ڏنو ۽ ساڻن سخت چڪريون ڪاڏيون هئائون. انهن چڪرين ڪائيندي هزارين اڻ آريا لوڪ مارجي ويا. ڪن اڻ آرين ٻيلن ۽ جبلن ۾ وڃي پناھ ورتي، جتان پوءِ وجھ وٺي، آرين تي ڪاهي ايندا هئا. منجهن قربانيءَ جو انگ جهجهو هو ۽ ديس ڀڳتي هين. پنهنجي ديس جي بچاءِ خاطر، پنهنجو سِر ترِيءَ تي رکي، انت گهڙيءَ تائين آرين سان لڙيا“- (قديم سنڌ- ص نمبر 153) جناب نياز همايوني لکي ٿو تہ ”دراوڙن آرين سان سخت مقابلا ڪيا ۽ هنن ڪين جيڪا توڙي تپائي ڏني، تنهن جي موت ۾ ڪين اڻ آريو، ۽ ديئت ڪوٺيو ويو. هوڏانهن اهي ئي اڻ آريا ڪانئڻ وڏيڪ سڌريل هئا“- (سنڌ جي طِبي تاريخ- ج اول ص نمبر 96)

هي دستور آهي تہ حاڪم قوم ڪٽي ڪيڏي بہ وحشي، اڻ سڌريل ۽ ظالم هجي پر اها محڪوم قوم تي رعب ضرور رکندي آهي ۽ ان کي جاهل، ڄٽ ۽ بيوقوف سڏيندي آهي. آرين بہ پنهنجي ڀرم کي لڪائڻ خاطر دراوڙن کي اسر، دئت، دانو، راڪاس، اڻ آريا ۽ ٻيا اُگرا نالا ڏنا. هنن ڪين ڪرشڻ (ڪارو) داس ۽ دسيو سڏيو. حالانڪ اهي دراوڙ ڪانئن قابل ۽ ماهر هئا. مسز ماني شاهوڪار لکي ٿي تہ "آرين جي سنڌو ماٿر ۾ اچڻ کان اڳ، دراوڙ، داس ۽ ٻيون پراڻيون ڏيهي قومون، علوم ۽ فنون جي وڏي عروج تي پهتل هيون-" پر هنن ظالمن جي اچڻ سان، ڪسابن کان قائم ٿيل، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي جوڙجڪ درهم برهم ٿي ويئي. گهرن ۽ شهرن ۾ آڌڻ جو هنر هزارن سالن تائين وري نہ اسريو ۽ ڪيتيءَ جو ڏنڌو بہ ڪجهہ صدين تائين ڊانوان ڊول ٿي ويو. آرين دراوڙن کي هولناڪ سزائون ڏنيون، جهڙوڪ: جيئري باهہ ۾ ساڙڻ، انهن جي خاص عضون کي بيڪار ڪرڻ، انهن کي درندن ۽ خونخوار جانورن کان ڦاڙائڻ، ڪين جانورن جي کل ۾ سبائڻ ۽ ڪين ٻارن ٻچن سميت ذبح ڪيو. حضرت مولائي شيدائي لکي ٿو تہ "آرين درواڙن جي ٻوليءَ کي 'مير ڏرا واچا' نالو ڏنو ۽ ڪين ڏڪار مان 'اناسه' يعني نڪ ڦتا سڏڻ لڳا. اهڙي دشمني، نفرت ۽ ڏڪار هوندي بہ هو آڳاٽن درواڙن کي صفحئہ هستي تان مِٽائي نہ سگهيا." پروشاسوڪتا وارا اشعار ۾ اهو ڏيکاريل آهي تہ آريا قومن ڀهريون دفعو، سنڌ جي آڳاٽن رهاڪن تي شودرا يعني نيچ قوم نالو رکيو هو. اهي آرين جي صاحبي اندر سماجي طور غلام شمار ٿيڻ لڳا- (تاريخ تمدن سنڌ- ص نمبر 41)

آرين سنڌ جي پر امن سماج ۽ برادرانہ سماج ۾ ذات پات جو رواج وجهي، هتان جي عوام کي پنهنجو خادم بڻائي ذات پات جي طلسمي شڪنجن ۾، اهڙي طرح ڦاسايو جو هو، انسانيت جي شرف کان محروم رهيا، هنن هٿرادو ڌرمي قانون ناهي عوام کي مجبور ۽ محڪوم بڻائي ڇڏيو. منوسمرتي موجب "شودر ماڻهو سوئر ۽ ڪُتي مثل آهن، ان ڪري جڏهن برهمڻ کاڌو کائي تہ شودر اهڙي هنڌ ويهي جو برهمڻ جي مٿس نظر نہ پئجي

سگهي.“ ٻيو فقرو آهي تہ ”جيڪو شخص شودر کي مذهب ۽ عبادت جو سبق ڏئي ٿو اهو شودر سميت دوزخ جو پارٽ ٻڻبو، ڪنهن شودر کي اهو حق نہ آهي تہ اهو لِکڻ جو خيال بہ دل ۾ آڻي. جيڪڏهن ڪو شودر لکي ڪٿي ويد جو ڪو لفظ ٻڌي وٺي تہ، ان کي ڪَنن ۾ شيهو پگهاري وجهو“- (تاريخ انقلابات عالم- (اردو) ڀاڱو اول ص نمبر 85) آرين جي هن تنگ نظري، ٻيائي ۽ تعصب ڪري سنڌ کي وڏو نقصان پهتو ۽ ڊي- سي سين جي لفظن ۾- ”ذات پات جو مت پيد هڪ انسان کي ٻئي انسان کان دور ڪندو رهيو. سماج جو هينيون طبقو اوچي طبقي جي استبداد جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيو هو ۽ مٿس علم جو دروازو بند رهيو“-

مطلب تہ دراوڙن، وطن جي سالميت ۽ بقاءَ لاءِ قربانيون ڏنيون ۽ هڪ با صلاحيت جنگجو قوم وانگر مقابلا ڪيا.

*

آرين جو دور

آريا هڪ ظالم ترين ۽ خونخوار قوم هئي، جيڪا سنڌ جي سرزمين تي الاهي غذاب بڻجي نازل ٿي. آريا لفظ جي معنيٰ آهي رولو ۽ ڀٽڪندڙ- هنن کي گهر ناهي، ٺانيڪو ٿي ويهڻ نه ايندو هو. پنهنجي لڏ پلاڻ لاءِ چوندا هئا ته اسين پنهنجي جاءِ به جَوءِ وانگر پاڻ سان گڏ وٺيو پيا هلون. سندن اصل وطن، خزر جي سمنڊ کان وٺي پروشيا ۽ ڪريميا وارو ميدان هو، جتي سندن رولو قبيلا چوپائي مال جي ڌڻن سان، چراگاهن جي تلاش ۾ گشت ڪندا رهندا هئا. سنڌ ۾ هيءُ ڦورو قوم عيسوي سَن کان سورهن صديون اڳ وچ ايشيا مان ڀٽڪندا ڀٽڪندا، ايران ۽ بلوچستان جي پهاڙي لَڪن مان لنگهي موهن جي دڙي ۽ هڙپا مٿان اچي ڪڙڪيا- (آرياڻي شاعري ۽ قديم سنڌ- سه ماهي مهراڻ- 4/1967ع) سنڌ جي زرخيزي، سرسبزي ۽ شادابي ڏسي هنن هتي رهڻ کي ترجيح ڏني. پر هتان جي رهواسين ساڻن سخت مقابلا ڪيا. آخر آرين پاڻ کي هتان جي زمين سان وابسته ڪرڻ شروع ڪيو- ۽ فاتح ۽ مفتوح درميان ناتن ۽ رشتن استوار ڪرڻ جو آغاز ٿيو ۽ غير آريائي تهذيب اسرڻ لڳي. پروفيسر گوس واسي لکي ٿو ته- ”آرين ۽ مقامي ماڻهن جو هڪ ٻئي سان ميلاپ ۽ شادين مرادين جو سلسلو عام ٿيڻ ڪري ڪيترائي اڻ آريا قبيلا ۽ غير آريائي قومون به آريائي قومن ۾ گڏجي سڏجي ويون. آرين ۽ ديسي ماڻهن جي اهڙي ميل ميلاپ مان هڪڙي نئين تهذيب اسرڻ لڳي.“ (بحواله سه ماهي مهراڻ- 4/ 1967ع) دراوڙي تهذيب جو آريائي تهذيب تي به وڏو اثر پيو. پر خاص ڳالهه ته سنڌ جي عسڪري نظام پختگي حاصل ڪئي. آريا جيڪي هن زمين تي اچي هتان جا ٿي ويا. سنڌ کي ماتر يومي سنڌ ۽ جيجل ماتا سمجهڻ لڳا. تن درواڙن سان گڏجي سنڌ جي بقا، آزادي ۽ سالميت لاءِ به اڳوڻن رهاڪن وانگر سِرن جي سودن ڪرڻ جا عزم ڪيا.

آريا هڪ جنگجو قوم هئا. سندن فوجي نظام ۽ وڙهڻ جو طريقو انوکو هو. هنن جنگ جو هڪ ڌار شعبو قائم ڪيو ۽ اهو ڪم ڇتري (کتري) جي حوالي ڪيو. مگر هر ذات وارو تربيت يافته هو. رشِين ۽ برهمڻن جو گهڻو ڌيان ڌرمي ڳالهين ڏي هوندو هو ته به هٿيارن هلائڻ ۾ پڙ هوندا هئا. فوجن ۾ زرعي پيشه ور ۽ هنرمند ڀرتي ڪيا ويندا هئا، سنڌ جا راجا پاڻ لشڪر وني دشمن سان جنگ ڪرڻ لاءِ نڪرندا هئا. ان وقت ڪماندر به مقرر ڪيا ويندا هئا، جن کي سيناپتي چئبو هو.. ننڍي فوجي عملدار کي گراماني چوندا هئا. پروهتا ڪٽنبن جا برهمڻ جنگين جي نگراني ڪندا هئا، جن کي وڏا برهمڻ پنهنجي طرفان، جنگين ۾ موڪليندا هئا. برهمڻن جا ايجنٽ پروهت، جنگ جي ميدان ۾ راجائن جي سوڀ لاءِ پرارٿنائون ڪندا هئا. (قديم سنڌ- ڀيرومل آڏاوڻي ص نمبر 224) لشڪر سان پروهت هم رڪاب هوندا هئا. راجائون ۽ امير ڪشتري سادن رَٿن تي سواري ڪندا هئا.

رَٿن جي ڪاٻي پاسي ڪان، فوجي هلندا هئا، رَٿن هلائڻ وارا تجربيڪار هئا. پيادا دوبدو لڙندا هئا. مگر هٿيار وٺن تير ڪمان هئا ۽ ڪمانن کي هو ڪَن تائين ڇڪيندا هئا. تير ڪمانن ڪان سواءِ نيزن، ڀالن، ترارن، کهاڙين ۽ ڪانياٽين وسيلي پٿرن اڇلائڻ جو به ڏس ملي ٿو. سپاهي زرهون ۽ خود ٻانهن تي غلاف به چاڙهيندا هئا. تِير ڪانن جا هئا، جن جو نوڪون سِڱن يا ڪنهن ڌاتوءَ جون جڙيل هيون. ڪن ڪن موقعن تي، زهرناڪ تِير به استعمال ڪندا هئا. جنگيون درياءَ جي ڪَپن تي لڳنديون هيون. (تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي- ص نمبر 51) جنگي جوڌا مخالف ڌر جي پنيان جوش منجهان ڪاهي پوندا هئا. جڏ مهل، سورهيه سپاهي پنهنجا جهنڊا کڙا ڪندا هئا. جنگ شروع ڪرڻ مهل پيريون يا نغارا وڄائيندا هئا ته پريان ئي سُڌ پوندي هئي ته هاڻي جنگ لڳي ٿي. جنهن مهل ڍوم مان ڌمالون وڄنديون هيون، تنهن وقت مانجهي مڙس، شور مچائي، تِکا تِير ڪٽي، جنگ جي ميدان ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ سندن شور پرانهن پَٽن ۾ پڙاڏا پيو ڪندو هو. اوڏي مهل سارٿي، پنهنجا رَٿ تکڙا تکڙا

ڪاهي، ناهموار پٽن تان بہ ائين تِڪا ويندا هئا، جيئن ندين جو پاڻي ڪنهن وڏي لاهہ تان لهي، تڪڙو تڪڙو وهندو آهي. پنهنجن گهوڙن جون واڳون، ٻنهي هٿن ۾ قابو جهلي، دشمنن تي ائين وڃي پوندا هئا، جيئن باز ڪنهن شڪار ڪي وڃي جهٽ هڻندو آهي. گهڻن سوارن جا گهوڙا، هٽڪارون ڏيندا، هڪڙي ئي وقت، تڪڙا ڊوڙندا هئا تہ گهڻي لٺ اٿندي هئي. ڪن جنگي جوڌن ڪي، ڪلهن تي پالا هوندا هئا ۽ جيڪي زيور پيل هوندا هئا، تن جو چمڪو پريان پيو پسبو هو. ڪيترن جوانن ڪي پيرن ۾ ڪڙيون پيل هونديون هيون. ڪن جون سونيون زنجيرون، چاتيءَ تي پيون لڙڪنديون هيون، ٻانهن ۾ پٽا پيل هوندا هئا. ڪن ڪي زرهہ پيل هوندا هئا ۽ ڪمانون ڪلهن تي پيل هونديون هيون. سنڌن گهوڙن ۽ گهوڙين ڪي موتين جون ڪنٺون پيل هونديون هيون. جنگي سپاهين مان ڪي هاٿين، گهوڙن ۽ رَٿن تي سوار هوندا هئا تہ ڪي پيادا هوندا هئا. پٽرن رکڻ لاءِ تيرڪش يا ٻٽيون هونديون هيون. دوبدو لڙڻ مهل ڪهاڙا، نيزا ترشولن نموني جڙيل هٿيار ڪم آڻيندا هئا. ڪنهن جڌ ۾ سوپارا ٽيندا هئا تہ پيرون يا نغارا زور سان وڄائيندا هئا ۽ بلند آواز سان- ”جئي جئي ڪار“- منائيندا هئا. (قديم سنڌ- ڀيرومل ص نمبر 398) جڏهن سوڀ ٿيندي هئي تہ انهن جي مال ملڪيت آل اولاد راجا جي غلامي ۾ اچي ويندي هئي.

ان وقت سنڌ جي راجائن جا جنگ بابت بہ ڏار اصول هئا. هڪڙن جو اصول اهو هو تہ پنهنجو ملڪ سنڀالي وهجي، ۽ ڪنهن ڌاريئي کي پنهنجي ملڪ ۾ پير پائڻ نہ ڏجي، تنهن ڪري جنگ فقط تڏهن ڪجي جڏهن غنيم ڪاهي اچي. ٻين جو مَتو هي هو تہ خوامخواہ بہ ٻين ملڪن تي ڪاهي ڪين پنهنجو ڏن پرو ڪجي. ان زماني ۾ آرين جا سنڌ ۾ مختلف قبيلا هئا. هڪ قبيلو وشاني هو، جيڪو سنڌ جي هڪڙي پاڱي تي حڪومت ڪندو هو. ٻيو قبيلو آنو هو، جيڪو راوي نديءَ تي رهندو هو، جنهنجو پنڊت پريگو خاندان مان هو. دروهيو سنڌن پر ۾ رهندڙ هو. سرسوتيءَ تي رهندڙ تروآسا ۽ يادو

سنڌن طرفدار هئا. سرسوتي پريان پورو پارتين جا پاڙيسري هئا. هنن قبيلن کان سواءِ الينا ڪافرستان جي اتر ايرندي ۾ رهندا هئا. پڪتا، (پختون) افغان، ڀهالاوا بولان دري تي رهندا هئا، سيوا سيوستان، سيوي ۽ هاٽوڪي قلات ۽ سيوستان (يوب ۽ لورالائي) پرڳڻن جا حاڪم هئا. (تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي- ص نمبر 33) آرين جي دور ۾، سنڌ واري ميدان ۾ ڏهن راجائن جي جنگين جو ذڪر ملي ٿو، جنهن کي "دش راجن" چئجي ٿو. اهي جنگيون پارتا يعني برهم ورتا جي رهاڪن ۽ اتر الهندي وارن قبيلن جي وچ ۾ لڳيون. پارتا وارن قبيلن جو راجا سوداس هو، جيڪو ترتسو خاندان مان هو. هن جي ساراهه ۾ پندت وششارزمي گيت چيا آهن. وششا ڪانپوءِ وشامترا پندت هو، جنهن جي نگراني هيٺ پارتين بياس ۽ ستلج وارن سان جنگ جوٽي هئي. پوئين جنگ پروشني (راوي) جي ڪپ تي لڳي هئي، جتي سنڌو جي رهندڙ ڏهن آرين قبيلن مقابلو ڪيو هو. پروشني واري جنگ سوداس، داسا، سمبارا، پني، پاراوات ۽ بريسايا قبيلن سان جنگيون ڪيون هيون. سنڌ جي پراڻن رهاڪن مان دسيو راجا ٻه آرين جو حمايتي هو ۽ ان پنهنجي قبيلي سان گڏجي پنجاب جي پنجن راجائن سان جنگ ڪئي. ان ڪانسواءِ پني قبيلو ٻه دراوڙن مان هو، جنهن کي يونانين پرنيمي سڏيو آهي. هي ٻه هڪ جنگجو قبيلو هو، جنهن آرين جي جنگي مدد ڪئي.

آرين نه صرف سنڌ جي بقاءَ ۽ سالميت لاءِ جنگيون ڪيون. پر سنڌن سپاهيانه خصوصيت ڪي ڏسي پر وارا ملڪ ٻه ساڻن "دفاعي معاهدا" ڪري، سنڌن فوجي خدمتون حاصل ڪري، پنهنجي سلطنت جي توسيع ۽ دفاع ڪي مضبوط ڪرڻ لڳا، جيڪا قديم سنڌين جي فوجي مهارت جي هاڪ ۽ مقبوليت جي گواهي آهي.

مهاڀارت ۽ رامائڻ جو دور

ڪنهن زماني ۾ هستناپور تي، ڀرت جي ڇهين پيڙهيءَ مان پاندو راجا راڄ ڪندو هو. سندس وڏي ڀاءُ ڌرتراسٽر کي سؤ پٽ هئا. وڏي پٽ جو نالو ڌريوڌن هو. اهي ڪورو سڏبا هئا. پاندو جيئن ته انڌو هو، ان ڪري هن تاج ۽ تخت ڌرت کي ڏنو. سندس ڌريوڌن حڪومت ڪرڻ لڳو. پاندو کي ٻن زالن مان پنج پٽ هئا. نڪل، سهديو، ڀيم، ارجن، ۽ يڌشٽر. اهي پنج ئي ڄڻا پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هستناپور ۾ رهڻ لڳا، جن کي پوءِ ڌريوڌن هڪالي ڪڍيو، جتان هو قنوج ويا جتي پنچال راجا جي ڌيءُ دروپدي ارجن کي پسند ڪري شادي ڪئي. ڌرتراسٽر سڏائي، ڪين کانڊا پرست جو پرڳڻو ڏنو، جتي پاندو راڄ ڪرڻ لڳا. ڌريوڌن جيڪو سندن خلاف هو، ڪين هستناپور ۾ گهرائي، جوئا ۾ سندس زال کٽي، پاندون کي 12 ورهيه شرط موجب بنواس پوڳڻو پيو. ارجن کي گجرات جي راجا پنهنجي ڌيءَ پرڻائي، جا مترا جي يادو راجا ڪرشن جي ڀاڻيجي هئي. ڪرشن ڀهريائين ڪورون کي سمجهايو، پر جڏهن هو نه مڙيا تڏهن هن جنگ ڪئي.

مهاڀارت جي هن تاريخي جنگ ۾ سنڌ وڏو ڪردار ادا ڪيو. هي عظيم جنگ 850 ق-م ۾، امبالي ضلعي جي ڪرو ڪيتر واري ميدان تي لڳي. هن لڙائيءَ ۾ هڪ طرف جو سئناپتي سيوهڻ جو راجا ۽ ڪورون جو ڀيڻويو، جئدرٿ جوڌو هو ته ٻيءَ ڌر سان ارجن جو ماروٽ سندس سالو ۽ ارجن جو پٽ ابيمنيو جو مامو ۽ سهرو يادو اڳواڻ سري ڪرشن سمو هو. جئدرٿ پنچالن مان هو. سندس ٻيو نالو سؤوير هو. ان زماني ۾ سنڌ ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ جا حصا ۽ ملتان جون سرحدون هيون. سنڌ جي حڪومت، ڪشمير جي واديءَ تائين ٽئڪسيلا، پشاور ۽ پنجاب جي اندرئين ڀاڱي تائين هئي، جنهن تي هي عظيم جئدرٿ حڪومت ڪندو هو. جنگ پورا 18 ڏينهن هلي، جنهن ۾ آتشي تِير، ۽ زبردست مگدر وغيره ڪم آندا ويا. هن جنگ ۾ سنڌي راجائن جنگي

هاٿي مڪا هئا. هن جنگ ۾ ناقابل تسخير سنڌي لشڪر، پنهنجي حريفن سان ڪورون لاءِ ڏاڍي بهادري سان وڙهيو ۽ پاندون جي وڏي بهادر ارجن جو پٽ ابيمنو مارجي ويو. جڏهن ڪرشن مهاراج ۽ پاندون ڏٺو ته ڪورون جو لشڪر جيتجڻ بجاءِ مورڳو فاتح ٿو ٿئي، تڏهن هنن شري ڪرشن گجرات جي بادشاهه جي جنگي چالن کان ڪم وٺڻ بهتر سمجهيو. پاندون جا پنجئي ڀائر به بهادر هئا. جهنگن ۽ پهاڙن جي رهائش، هنن جي دلين کي وڌيڪ بهادر ۽ سخت بڻائي ڇڏيو هو. لڙائي زوردار لڳي. ٻنهي طرفن بهادرن جا سپاهي تيرن سان چلجي ويا. آخر ڪرشن صحيح ڪري ورتو ته سنڌي لشڪر ۽ سندس مهندار کي ڪنهن اٽڪل سان مارائجي. ان ڪري هن ڀيم کي ڪَن ۾ چيو ته ”راجا جئدرٿ کي مقابلي لاءِ للڪاري، سج لٿي تائين مقابلو ڪندو رهي ۽ جڏهن اوندهه ٿئي، تڏهن سندس پيرن ۾ تلوار هڻي قتل ڪري ڇڏج.“ ڀيم اِئين ڪيو ۽ راجا جئدرٿ قتل ٿي ويو. توڙي جو ان وقت جنگي قانون موجب، گوڏن هيٺان ڌڪ هڻڻ نه گهربو هو. جڏهن سنڌي سوڍن کي ان غير اخلاقي ۽ بي قانوني حرڪت جي خبر پيئي تڏهن، هنن پلئه وٺڻ خاطر سري ڪرشن کي قتل ڪري ڇڏيو. (ديس دروهي- اديب انقلابي- ص نمبر 60) هڪ مؤرخ لکي ٿو ته- ”اهو ثابت ڪري ٿو ته سنڌي سورمن جي اڳيان سڄي هند جو لشڪر ۽ اڳواٽي بي معنيٰ هئا انهيءَ کان پوءِ سنڌي لشڪر سنڌ ۾ موٽي آيو پر پاندون کي اها جرئت نه ٿي جو پلاند وٺڻ لاءِ، سنڌ تي حملو ڪن- (ادب سنڌ- غلام حيدر گبول- ص نمبر 40)

رامائڻ جي دور ۾، سنڌ جو راجا اسواپتي يعني گهوڙن وارو راجا هو. سندس حڪومت جون حدون درياءَ اٽڪ جي ڪناري تائين هيون، هن کي هڪ ڌيئڻ ڪيڪئي هئي، جنهنجي پنيان سندس حڪومت ڪيڪيه نالي سڏبي هئي. (تاريخ سنڌ- ڀاڱو پهريون- مولوي نور محمد نظاماڻي ص نمبر 23) ان زماني ۾ ايوڌيا جو راجا دسرٿ هو، جنهن سان ڪيڪئي جي شادي ڪئي ويئي. ان ڪري سنڌ جو راجا اسواپتي دسرٿ جو سالو هو. پاندون جي زماني ۾، راجا جمني جياني

هستناپور جي راجا، جيڪو راجا پانڊو جي نسل مان هو تنهن راجا اسواپتي کي قتل ڪرايو ڇو تہ ڪورون جي مدد ڪئي هئي.

راجا اسواپتي جي ڌيءُ ڪيڪئي جيڪا دسرٿ جي نازنين راڻي هئي، سا سنڌ جي ملڪہ بهادر، شجاع ۽ جنگجو هئي. هڪ دفعي جنگ جي ميدان ۾، پاڻ بہ شريڪ ٿي هئي ۽ راجا دسرٿ کي دشمن جي وار کان بچائي خون ٿيڻ کان نجات ڏياري. ان ڪري راجا ڪيس وردان گهرڻ لاءِ چيو. هن پنهنجي پٽ ڀرت کي ايوڌيا جي گادي تي ويهاريو ۽ شري رامچندر کي بنواس موڪليو. رامچندر 14 ورهيہ جلاوطن رهيو. هن مٿيلا جي راجا جنڪ جي ڌيءُ سان شادي ڪئي جا مڙس ۽ ڏير لڇمڻ سميت جلاوطني ۾ شامل رهي. هڪ ڏينهن سندس غير حاضريءَ ۾، لنڪا جو راجا راوڻ، سيتا جي خوبصورتي ڏِسي ڪيس کڻي ويو. رامچندر دکن جي راجا سگريو جي مدد سان، سمنڊ پار لنڪا وڃي، راوڻ کي قتل ڪري، سيتا هٿ ڪئي. هو 14 ورهيہ گذرڻ بعد، ايوڌيا موٽي آيو. مهاراجا دوارڪا پرشاد لکي ٿو تہ ”اهو سنڌ جي راجڪماري ڪيڪئي جو ڪامياب منصوبو هو، جنهن پنهنجي پتي، راجا دسرٿ کي قربان ڪري، ڏکڻ هندوستان تي آريا سيتا جو جهنڊو بلند ڪرايو. جنهن لنڪا تي، راجا راوڻ حڪومت ڪندو هو، تنهن جون حدون، هاڻوڪي آمريڪا کنڊ تائين پکڙيل هيون. ان ڪري مان بي ڌڙڪ چوندس تہ، اسان جي سنڌي راجڪماري ڪيڪئي، ويدڪ آريا سيتا جو جهنڊو، سري رامچندر جي معرفت نہ صرف ايشيا کنڊ جي ڏکڻ ۾، بلڪ آمريڪا کنڊ ۾ بہ بلند ڪرايو“- (هر فن ۾ هوشيار سنڌي- ص 27) جڏهن رامچندر کي ايوڌيا جي حڪومت ملي، تڏهن، هن سنڌ، شري ڀرت جي پُٽن تڪش ۽ پشڪر کي ڏني. جن سنڌ جون حدون قنڌار (گانڌار) تائين ڪيون. (شري دوارڪا پرشاد جو مضمون).

ان زماني ۾ سنڌ ۾ بہ جنگجو ذاتيون هيون، ميد ۽ جاٽ، جن پنهنجا سردار هستناپور روانا ڪيا. ڌرتراشٽر جي پٽ ڌريو ڌن، جئدرٿ جي راڻي

دهشلا کي، جا سندس پيڻ هئي، ٽيهه هزار برهمڻن سان سنڌ روانو ڪيو. دهشلا ميدن ۾ جاٽن کي، ملڪ ورهائي ڏنو ۽ امن امان سان حڪومت ڪئي.

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا رهاڪو مهاڀارت ۽ رامائڻ جي دور ۾، ساري هندوستان ۾ پنهنجي شجاعت ۽ سياست جو ڌاڪو ڄمايون ٿي آيا. ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح هنن انهن ٻنهي عالمي جنگين ۾ ڀاڱ ملهائي، پنهنجي دليري ۽ جنگي مهارت جو رڪارڊ قائم رکيو.

*

سنڌي فوجي ڏيساور ۾

پراڻي زماني کان وٺي، سنڌ جا رهاڪو غيرت ۽ همت، عظمت ۽ جرئت جا مينار سمجهيا وڃن ٿا. جن نہ صرف وطن عزيز جي بقا ۽ سالميت، آزادي ۽ خودمختياريءَ لاءِ جان جا نذرانا ڏنا، پر پنهنجن پاڙيسري فوجن سان گڏجي، سندن دشمنن کي ٽوٽا چٻائي پاڙي جو حَق ادا ڪيو. انهن مڙني جنگين ۾، جيڪي سندن سرزمين تي لڳيون، هنن پنهنجي شجاعت ۽ جنگي مهارت جو ثبوت ڏيندي، دنيا تي واضح ڪيو تہ، سنڌ جا رهواسي، هن فن ۾ ڪيڏي نہ مهارت رکندڙ هئا. دراوڙن جي دور کان وٺي، سنڌي فوجي ڏيساور ۾ وڃي پنهنجي دوست ملڪن جي فوجن سان گڏجي غنيمن سان وڙهندا رهيا آهن. هن باب ۾، ان جو تفصيل سان ذڪر ڪجي ٿو.

حمورابي مشهور اشوري شهنشاهه هو، جنهنجو ڳاٽاٽو دنيا جي پراڻن عظيم بادشاهن ۾ ٿئي ٿو. هو اٽڪل 1800 ق م اڳ ٿي گذريو آهي. هن جڏهن عراق کي فتح ڪرڻ چاهيو، تڏهن سنڌ مان دراوڙ فوجي گهرايا هئائين، چاڪاڻ تہ اهي آرين کان وڌيڪ بهادر، سگهارا ۽ قداور هئا- (سنڌ جا اسلامي درسگاهہ- محمد جمن ٽالپر- ص نمبر 25)

فونيقيا لبنان جي ڏکڻ ۾ آهي، جنهن سان سنڌ جو پراڻو تجارتي ناتو هو. فونيقين قبرص، نيز، شمالي آفريڪا ۾ بستيون قائم ڪيون، پر سڀ کان وڌيڪ قرطاجنہ مشهور ٿيو، جنهنجو بنياد هنن 814 ق . م ۾ وڌو. قرطاجنہ جي رهاڪن، پنهنجي حڪومت کي وڌائڻ لاءِ ڪيتريون ئي جنگيون ڪيون. سندن خاص 3 جنگيون مشهور آهن، جيڪي هنن يورپ سان لڙيون. اهي 268 ق . م کان شروع ٿيون. ٻي جنگ ۾ قرطاجنہ جو سپهہ سالار هيني بال هو، جيڪو دنيا جي نامور سپهہ سالارن ۾ ڳڻيو ويندو هو. (انسائيڪلوپيڊيا تاريخ عالم- ج -2 اردو ترجمو ص نمبر 64) هيني بال 218 ق . م ۾ 26 هزار فوج ۽ هاٿين سان روم تي چڙهائي ڪئي. مؤرخ لکن ٿا تہ ان فوج ۾ سنڌي فوجي بہ هئا، جن پاڻ سان

12 هزار گهوڙا، ۽ 37 هاٿي سنڌ مان نيا هئا. هن جنگ ۾ رومين کي شڪست ملي- (سياره ڊائجسٽ- اپريل 1965 — ص نمبر 62) 217 ق .م ۾، رافيا وٽ بطليموس چوٿين، شاهه مصر ۽ انطاڪس والي شام جي وچ ۾ جنگ لڳي، تڏهن ٻنهي طرفن کان سنڌي هاٿي ڪتب آندا ويا، جيڪي لازمي طور سنڌي سپاهي هتان ڪاهي ويا هوندا. دارا گشتاسپ اول، 486 ق . م، ۾ جڏهن يونان تي حملو ڪيو، تڏهن پنهنجي لشڪر سان گڏ هڪ سنڌي فوجي دستو به ان ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن جنگ ۾ سنڌي هاٿي استعمال ڪيا. 490 ق . م ۾ دارا اٿينس تي ڪاهه ڪئي ۽ ميراٿان جي جاءِ وٽ هڪ وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ دارا سنڌي فوج کي شامل ڪيو هو. هن فوج ۾ پهريون دفعو سنڌين پاڻ سان گڏ ڪتن کي به نيو هو، جن دشمن جو وڏو نقصان ڪيو. 480 ق . م ۾ دارا جو پٽ زرڪسيز تخت تي ويٺو. هن جي دور ۾ سنڌين پنهنجي اعليٰ سپاهيانه ڪردار جو عظيم مظاهرو ڪيو. ان دور ۾ دارا فيصلو ڪيو ته، هو يونان کي هميشه لاءِ ختم ڪندو ان ڪري هن وڏو جنگي ٻيڙو ۽ وڏي فوج تيار ڪئي. اها جنگ ٿرماپلي ۽ سليمس جي نالي مشهور آهي. زرڪسيز 2 لک 60 هزار لشڪر، 12 سؤ جهازن ۽ 3 هزار باربرداري جي جهازن سان هيلسپانٽ جي ڳچي سمنڊ کي لتاڙي، اٿينز تي گهيرو ڪيو. هن فوج ۾ سنڌين جو گهڻو تعداد هو، جن پاڻ سان ڪتا به نيا هئا. سنڌي سپاهي اعليٰ نموني سان وڙهيا. هيروڊوٽس لکي ٿو ته: "سنڌي سوار ۽ پيادل فوج جا سپاهي هئا. سندن پوشاڪ سوٽي ڪپڙي جي هئي. سندن هٿيار تِير ۽ ڪمان هئا. تِير ڪانن ۽ بيد جا جڙيل هئا، جن جا مٿا لوهه جا هئا. اهي پاڻ سان رٿ ۽ هاٿي به ڪٽندا هئا. سوارن وٽ گهوڙا ۽ رٿن ڇڪڻ لاءِ گورخر به هئا. سيتاني سنڌين کي ڍگهيون ٽوپيون پاتل هيون. بلوچستانين وٽ پٽل ۽ فولاد جا هٿيار هئا. سندن پوشاڪ چمڙي جي هئي. سنڌين مان جاٽ محنتي، سادا، ايماندار، بدن جا مضبوط، قد جا ڊگها ۽ جنگجو هئا." (تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي، ص نمبر 65) حضرت مولائي شيدائي لکي ٿو ته: سنڌي برصغير ۾ پهرين قوم هئي، جنهن 500 ق . م ۾

سمنڊ پار يونانين سان بري ۽ بحري ويڙهه ۾، پنهنجي فوجي قابليت جو ثبوت ڏنو. هي پهريون دفعو هو جڏهن يورپ وارن، سنڌن ئي سرزمين تي سنڌي سورما ڏٺا. (تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي، ص نمبر 65) دارا ثالث جي ڏينهن ۾، سڪندر ايران تي حملو ڪيو. دارا ساٽس جنگ ڪرڻ لاءِ، اربيلا جي ميدان ۾ تورانين، بلوچن، باختري، ساڪا ۽ سنڌي فوجن سان سندس مقابلو ڪيو. هن جنگ ۾ سنڌي فوجن هاٿين کان بہ ڪم ورتو. هڪ ايراني بادشاهه سائرس هڪ سنڌي سپاهي جي نيزي جو نشانو ٿيو. 316 ق . م ۾ هڪ سنڌي سورمو ايران ۾ جنگ ڪرڻ لاءِ ويو ۽ اتي مارجي ويو، تہ پنيان سندس ٻن زالن چکيا تي چڙهي، پاڻ کي قربان ڪيو.

سنڌي سپاهين جي فوجي مهارت ۽ ملٽري فورس جو ايران جو حاڪم هرمز وڏو قائل هو. هرمز نوشيروان جو پٽ هو. هن سنڌي فوج کي پنهنجي فوج ۾ شامل ڪري، پنهنجي عسڪري قوت کي مضبوط ڪيو. سندس مرڻ کان پوءِ خسرو پرويز (589ع) تخت تي وينو. هن سنڌي لشڪر کي مضبوط ڪيو. سنڌي فوجين تي ڪيس ايڏو تہ اعتماد هو جو سندس باڊي گارڊ بہ سنڌ جا بلوچ سپاهي هئا. خسرو پرويز روم سان جيڪي بہ جنگيون ڪيون، تن ۾ سنڌي فوج وڏو ڪردار ادا ڪيو. اهڙي طرح سنڌي فوجي، ايراني لشڪر سان گڏجي رومن شهنشاهت ۽ مشرقي بازنطوم شهنشاهيت جي سلسلي ۾، جيڪي ايران ۽ روم جون خونخوار لڙايون لڳيون تن ۾ خاص حصو ورتو.

يزدگرد پرويز جو پوٽو هو ۽ 634ع ۾ تخت تي وينو. هن جي ڏينهن ۾ عربن ايران تي ڪاهون ڪرڻ شروع ڪيون. ان دور ۾ سنڌي لشڪر ايران ۾ تمام گهڻو رهندو هو. اطهر مبارڪپوري لکي ٿو تہ: سنڌي، شاهانِ فارس جي اثر ۽ اقتدار هيٺ هن طرح هئا جو هتان جا راجا ۽ مهاراجا، سندس ڏن پرينڊڙ فرمانبردار هئا ۽ ضرورت جي وقت ايراني، سنڌي سرويچن جي مدد پڻ وٺندا هئا. ايران جي بادشاهه اردشير، سنڌي مهاراجائن کي، سندن امداد ڪرڻ ڪري، القابن سان پڻ نوازيو هو، جهڙوڪ: قفصد شاهه، قيقان شاهه، قشميران شاهه،

انهن کان سواءِ هتان جا راجا پنهنجي ذاتي نالن سان پڻ مشهور هئا. ايراني لشڪر ۾ سنڌ جا جاٽ ۽ ميد گهڻي انداز ۾ شامل هئا- (عرب و هند عهد رسالت ص نمبر 520) ان کان سواءِ سيابجہ اساورھ ۽ اندغار بہ سنڌي ذاتيون هيون جيڪي ايراني فوج ۾ هيون. اساورھ نوشيروان جي ڏينهن کان ايراني فوج ۾ نوڪر هئا. چچ بن سيلائج، سنڌ جي حاڪم بہ هڪ معاهدي هيٺ، سنڌ مان ڪافي فوج ايران موڪلي هئي.

ايرانين سان عربن جون جيڪي جنگيون لڳيون تن ۾ جنگ ذات السلاسل مشهور آهي. هيءَ جنگ 12هه ۾ هرمز ۽ خالد بن وليد جي وچ ۾ لڳي. هن لڙائيءَ ۾ هرمز سنڌي جَٽن کان ڪم ورتو. هي جَٽ سپاهي ميدان جنگ ۾ اهڙي طرح وڙهندا هئا جو پيرن ۾ ڪين زنجير ٻَڌل هوندا هئا تہ جيئن انهن مان ڪوبہ ميدانِ جنگ مان پچي نہ وڃي. ان ڪري هن جنگ ۾ بہ هر سپاهيءَ جي پير ۾ زنجير ٻَڌل هئي، ان ڪري هن ذات السلاسل سڏيو ويو. هن جنگ سنڌين وڏي بهادري ڏيکاري.

ان کان پوءِ سن 14هه مطابق 635ع جنگ قادسيہ لڳي. هيءَ جنگ يزدجرد جي زماني ۾ لڳي. ان لاءِ هن سنڌ جي راجا کان فوجي مدد گهري. جنهن هڪ وڏي فوج سان گڏ جنگي هاٿي بہ موڪليا. اهڙي هڪ سفيد هاٿي مسلمانن کي وڏو نقصان پهچايو. هيءَ جنگ 3 ڏينهن ۽ 3 راتيون جري رهي. (آئينہ حقيقت نما- مولانا اڪبر نجيب آبادي ص 79) ان کان سواءِ سنڌي سپاهين ايرانين سان گڏجي مڪران وٽ مسلمانن جو مقابلو ڪيو. سنڌي سپاهين جي ان بهادري ۽ سورهيائيءَ جو تذڪرو، ايران جي مشهور شاعر فردوسيءَ پنهنجي شاهنامي ۾ ڪيو آهي. ايران جي ملڪ الشعراءَ بهار، پنهنجي شاهنامہ نوبخت ۾ هڪ بهادر سپهہ سالار جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو مڪران جو سنڌي بلوچ هو، جيڪو يزد جرد جي زماني ۾ عربن جي لشڪر سان وڙهيو. پوءِ مسلمان تي ساساني حڪومت کي ختم ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. (ماهنامہ پيغام- جولاءِ آگست

1983ع) مطلب تہ سنڌي فوج ايران، يونان ۽ يورپ جي سرزمين تي پنهنجا اڻ مٽ شجاعتي نقش ڇڏيا آهن.

ايران کان پوءِ ٻئي جنهن ملڪ ۾ سنڌي فوجين جو گهڻو تعداد ملي ٿو سو عرب آهي. پراڻي زماني ۾ سنڌ جا ڪافي ماڻهو واپار جي ڪري عرب ۽ يمن ويا. جيڪي سنڌي ذاتيون هتان لڏي عرب ۾ وڃي رهيون تن مان زط، ميد، سيابڃ، احاصره، اساوره، بياسره ۽ تڪاڪره (ناڪر) مشهور آهن. هي ماڻهو عمان، مسقط، قطيف، بحرين، قطر، ڪويت ۽ بصره کان سواءِ عرب جي ريگستاني علائقن نجد ۽ وچ عرب جي مڪي ۽ مديني ۾ گهڻي تعداد ۾ رهندا هئا. زط ۽ ميد جنگجو ۽ فوجي فن جا ماهر هئا. عربستان ۾ سندن بهادريءَ جو ڏاڪو ڄميل هو. هڪ ڀيري ڏکڻ عرب ۾، ايران جي لشڪر کي شڪست ملي، ۽ يمن تي حبشين قبضو ڪيو. جڏهن ان جو اطلاع ايران جي شهنشاهہ ڪسريٰ کي مليو، تڏهن هن چيو تہ "يمن تي ڪهڙن ڏارين ماڻهن قبضو ڪيو آهي، سنڌين يا حبشين (سيرت ابن حشام- ص 11 مترجم محمد اسماعيل پاڻيپتي) هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌي، فوجي لحاظ کان مڃيل مڃايل حيثيت جا مالڪ هئا جو ايران جو حاڪم بہ قبول ڪري ٿو.

سنڌي سپاهين جو گهڻو تعداد جنگ قادسيہ کان پوءِ عرب ۾ پهتو. اهي سنڌي سپاهي، 4 هجري کان 9 هجري وارين فتوحات ۾ مسلمان ٿيا ۽ سندن عزت وڌي ويئي. هو پوءِ اسلامي لشڪر ۾ شامل ٿي ڪافي جوهر ڏيکارڻ لڳا. پهريائين سنڌي سوداگر، عربن جي جهازن جي نگراني ڪندا هئا ۽ ساموندي قزاقن جو مقابلو ڪري، عرب جي جهازن کي محفوظ ساحلن تائين سلامتيءَ سان پهچائيندا هئا. سندن بهادريءَ جي باري ۾ هڪ عربي شاعر، حضرت عثمان غنيءَ کي بہ ٻُڌايو هو.

بلاذري لکي ٿو تہ حضرت علي رضہ جڏهن بصره فتح ڪيو تڏهن سندس خدمت ۾ ستر سنڌي سوداگر حاضر ٿي مشرف اسلام ٿيا ۽ حضرت علي رضہ جي خلافت جو اقرار ڪيائون، تڏهن کان پوءِ جنگ جمل ۽ جنگ صفين ۾

حضرت علي رضہ جا ٻانهن ٻيلي ٿي، اموي فوجن جي مد مقابل ٿي تلوار جا جوهر ڏيکاريندا رهيا. بعد ۾ يوم مسعود ۽ يوم ربذه ۾ بہ سنڌين خاص حصو ورتو ۽ بهادري ۾ روايتي مثال قائم ڪيائون. حضرت علي رضہ ڪانئن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بصري جو خزانو سنڌن حوالي ڪيائين، اُموي دور ۾ امير معاويہ ۽ وليد بن عبدالملڪ رومين سان مقابلي ڪرڻ لاءِ، جَتن جي ڪجھ قبيلن ڪي شام جي ڪناري انطاڪيہ ۾ آباد ڪيو هو.

ڪربلا جي ميدان ۾، امام حسينؑ جي ستر ڄڻن ۾، ڪجھ سنڌي سپاهي بہ هئا. (مولانا گرامي صاحب سہ ماهي مهراڻ گرامي نمبر) مختار ثقفي جڏهن انتقام حسين رضہ لاءِ لشڪر گڏ ڪيو ۽ شامي فوج سان وڙهڻ لاءِ، ابراهيم الشتر ڪي ويهہ هزار فوج ڏيئي روانو ڪيو. ان ۾ سمورا ڪوفي ۾ رهندڙ سنڌي سپاهي هئا جن ڪي مؤرخن حمراءَ لکيو آهي ڇاڪاڻ تہ هو ڳيڙو ڪپڙا پائيندا هئا. (عرب و هند- عهد رسالت ۾- مولانا اطهر مبارڪپوري)

عبدالرحمان بن اشعث، جڏهن بنو اُميہ ۽ حجاج بن يوسف جي ڏاڍ ۽ ظلم خلاف هڪ فوجي جماعت ناهي ميدان ۾ آيو، تڏهن بصري ۾ رهندڙ سنڌي فوجي بہ هن ٽولي ۾ شامل ٿي ويا. جنهن ڪري حجاج جي عتاب هيٺ آيا. جنهن سنڌن گهر ڊهرائي، ڪين جلاوطن ڪري ڇڏيو. ابن زبير رضہ جي زماني ۾، ربزھ جي جنگ ۾ هڪ جماعت شريڪ ٿي ۽ گهڻن ماڻهن ڪي پنهنجي تِيرن سان هلاڪ ڪيائين، ڇو تہ انهن جو ڪوبہ نشانو خطا ڪونہ ٿي ٿيو. اهي سنڌي زط هئا، جيڪي بصره ۾ آباد هئا. (فتوح البلدان)

عباسين جي دور ۾ سنڌين تمام گهڻي تعداد ۾ عربي لشڪر ۾ والنٽيئر فوج جي حيثيت ۾ اجين، پڙوچ ۽ ٿبيٽ تائين جنگين ۾ حصو ورتو. بغداد جي خليفي معتصم باالله عباسي جي ڏينهن ۾، سنڌ جي جَتن جن جو تعداد سترهن هزار هو، ساموندي ٻيڙين رستي عراق تي حملو ڪيو. ان ڪان پوءِ هو سليشيا ۾ آباد ٿيا، جتان پوءِ ٽريش ۾ وڃي رهيا. مشرقي يورپ جا زنگاري، بوهيمين، جپسي ۽ ٻيا قبيلا انهن سنڌي سپاهين جو اولاد آهن. اڄ بہ اهي

جيڪا ٻولي ڳالهائين ٿا سا گهڻو ڪري سنڌي ٻوليءَ جهڙي آهي. (ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ- نئين زندگي سيپٽمبر 1971ع)

عرب جي سرزمين ۾ رهي سنڌي فوجن جيڪا مهارت ڏيکاري، انجو عربي شاعرن دل کولي داد ڏنو آهي. هڪ عربي شاعر همان، سيابج سنڌي سپاهين جي بهادريءَ کي ساراهيندي چيو آهي ته ”جي هاٿيءَ جو ڪنهن هنڌ، سيابج سان مقابلو ٿي وڃي ته سيابج ان جون ڳچي ۽ هڏيون ڀڃي وجهندو.“ (بحوالا: سنڌ جي طبي تاريخ- ج اول- نياز همايوني ص نمبر 226)

ان ڪان سواءِ سنڌي سپاهي، جنگ جي وقت جيڪي هٿيار ڪم آڻيندا هئا، تن جو به شاعرن ذڪر ڪيو آهي. مثال: تلوار جو ذڪر ڪندي زهير بن ابي سلميٰ چئي ٿو ته ”ٻين تلوارن جي وچ ۾، هندي تلوار توڪي جنگ جي ميدان ۾ ڪڏهن به ناڪام ڪري نٿي سگهي جڏهن هٿياربند لشڪر جي جنگ لڳي.“ حاتم طائي سنڌي زره، نيزن ۽ ترارن جو هن طرح ذڪر ڪيو آهي. ”مان پنهنجي مال ۾ عمديون زرهون پڪي رنگ جا نيزا ۽ هندي تلوارون محفوظ رکندس.“

سڪندر جو دور

دنيا جي عظيم ڏاڙيل سڪندر مقدونيءَ کان ڪجھ عرصو اڳ ۾ سنڌ تي حملا ٿيندا رهيا. مصر جي فرعوني راڻي سميرا ميسد 810 ق . م ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪئي. سندس ايرندي سرحد هندوستان ۽ سنڌ سان مليل هئي. هن پنهنجي لشڪر ۾ عراق ۽ اسيريا جا سپاهي آندا. هن اٽڪ ٽپي، سنڌ تي حملو ڪيو. تن ڏينهن ۾ هِتان جو راجا بروبيٽيس هو، جيڪو زبردست منتظم هو. هن جا سپاهي بهادر ۽ قلعا مضبوط هئا. هتان جا ماڻهو هاٿين تي سوار ٿي وڙهندا هئا. سميرا ميسد، هاٿين تي رعب وجهڻ جي هيءَ ترڪيب ڪئي جو ڏڳن جون کلون لهرائي، اُنن تي وڌيون ۽ انهن کي هاٿين کان به خوفناڪ صورت جو جانور بڻائي ڇڏيو. لڙائيءَ ۾ هن جي پيادل سپاهين، هاٿين تي حملو ڪيو پر ناڪام رهيا. آخر سميرا زخمي ٿي شڪست کائي پڇي ويئي. (تاريخ سنڌ- ج اول- مولانا نور محمد نظاماڻي ص نمبر 103) سيليوڪس 305 ق . م ۾ سنڌ تي حملو ڪيو، پر سنڌ جي فوجين کيس عبرتناڪ شڪست ڏني. راجا ڪفند جڏهن سنڌ تي حڪومت ڪندو هو تڏهن سنڌ تي بهمن، ايران جي بادشاهه حملو ڪيو ۽ سنڌ جي ڪيترن شهرن تي قبضو ڪري آتشڪده نهرايا، پر راجا پنهنجي پاءُ ساميد جي هٿ هيٺ تمام وڏو لشڪر موڪلي ايرانين کي لوڏي ڪڍيو ۽ سندس نهرايل آتشڪدن کي به ڍهرائي ڇڏيو. اهڙي طرح دارا اعظم پنهنجي سپهه سالار، اسڪاءِ ليڪس کي وڏو لشڪر ڏيئي سنڌ کي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ موڪليو. هي سالار جڏهن هِت پهتو، تڏهن سنڌين پنهنجي حب الوطني ۽ دفاعي صلاحيتن جو ڀرپور ثبوت ڏنو ۽ ڏيڍ بن سالن تائين جنگ جاري رکي کيس زبردست پريشان ڪيو. (سنڌ- اسلام کان اڳ- ايچ ٽي لئمبرڪ)

هن کان پوءِ سڪندر سنڌ تي حملو ڪيو. هو لک ويهه هزار پيادا ۽ 15 هزار گهوڙي سوار تيار ڪري سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ هو. اسپارٽا جيان هِت بہ بچاءَ وارين فوجن لاءِ گڏيل ڪاڌي جو رواج هو ۽ لشڪر لاءِ باقاعدي ريسٽورنٽ نهيل هئا. هِت فوجي حڪمت عملي جي اٽڪلن واري نظريي کي ”ڏوهارين جي حرڪت“ چئبو هو. سڪندر پنجاب ۾ سواءِ ڪنهن جنگ کان فتح ماٽيندو جڏهن ملتان پهتو، تڏهن سنڌي عوام سندس سامهون ٿيو. هتان جي راجا پورس جي فوج ۾ سنڌي ڪترين جو تعداد گهڻو هو. سندس فوج ۾ 30 هزار پيادا، گهوڙيسوار ۽ هاٿي هئا. سنڌي ڪترين پنهنجي تاريخي روايتن ۽ صلاحيتن کي قائم رکندي سڪندر سان زبردست مقابلو ڪيو. يوناني مؤرخن سندن بهادريءَ جو نقشو هن طرح چِٽيو آهي. ”پورس جا ماڻهو بہ ترارن ۽ هڪڙي ڍال ڪٽي وڙهن ٿا. سندن ڪمان ماڻهن جي قد جيڏي هئي. تير اڍائٽ مهل، ڪمان جي تار کي، پوئتي ڇڪي تير هٽندا هئا. سندن تير چار فوٽ ڊگها هئا، جيڪي ڪيتري بہ مضبوط ڍال مان، لنگهي پار ٿي ويندا هئا. پنهنجي کابي هٿ ۾، هو چمڙي مان نهيل ڊگهي پر سوڙهي ڍال ڪٽندا هئا. بيا سپاهي تلوار باز هئا، جن جون تلوارون ساڍا چار فوٽ ڊگهيون هيون. هو ٻنهي هٿن سان ترار هٽندا هئا تہ جيئن زورائتو ۽ اثرائتو ڌڪ لڳي. پورس جي پيادل فوج مان جتي هڪ تي مُئو تہ سڪندر جي پنجن ماڻهن جو سِر تي ڪنيائين.“ (هلال مئگزين- جنوري 1983ع غلام دستگير پٽي.) ملتان ۾ ان وقت هڪ سنڌي جنگجو ذات مَل هئي، جنهن سڪندر سان زبردست مقابلو ڪيو. منوسمرتي موجب مَلي ڪترين جي ذات جو هڪ پاڙو هو، ٻيو پاڙو پهلو هو. مَلهہ ۽ پهلوان هنن ذاتين جي جوڌن کي چئبو هو. گنگارام سمرات پلوتارچ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ، ”مَلي پارت جي سڀ کان وڌيڪ جنگجو جاتي چئي ويندي هئي. جنهن يُڌ ڪندي سڪندر ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي وجي ها.... حملي سان سندس زرهہ کي چني تلوار خواهہ ٻڙچين سان کيس گهائل ڪري ڇڏيو. هڪ مَلي جو ڪجهہ پري بيٺو هو، جنهن ايتري زور

سان تِير ڪشي هنيو جو سڪندر جي پاسريءَ ۾ وڃي لڳو ۽ هو گوڏن پر اچي ڪريو. (ملهه ۽ پهلوان- ڊاڪٽر سنديلو- نئين زندگي جنوري 1972ع) هن جنگ ۾ ملوئي ذات وارن پاڻ سان نو سؤ سنڌي هاٿي بہ ميدان جنگ ۾ آندا هئا. مشهور مؤرخ پلوٽارچ لکي ٿو تہ، ”پورس خلاف وڙهندي سڪندري فوجون پست همت ٿي پيون، دراصل هِت کين شڪست ملي هئي.“ رابن لين فاڪس بہ لکي ٿو تہ: ”هندوستاني مؤرخن جو خيال آهي تہ پورس سڪندر کي ماري مڄايو هوندو، ان ڪري ئي سڪندر کيس اعزاز ڏنو.“ (ڏيئي ڏني ڏڏن- سڪندر مقدوني- دادا سنڌي ص نمبر 29-30) ان ڪان پوءِ سڪندر پنهنجي لشڪر مان مکيہ سپهہ سالار، پهلوان ۽ قابل جوڌا چونڊ ڪري، هڪ لک سپاهين سان سنڌ تي حملو ڪيو. هت هر وِک ۽ قدم تي سنڌين سندس مقابلو ڪيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ: ”سڪندر کي سنڌ ۾ گهڻي مخالفت ڏسڻ ۾ آئي. هو سنڌ مان جتان بہ گذريو، اتان سندس فوج جو سخت مقابلو ٿيندو رهيو.“ مر وستي ۽ هر ڳوٺ ۾، پرڏيهي پرمارن سان ويڙهاند ۾ رُڌل هئا ۽ ڪنهن بہ وستي جي ماڻهن آڻ نہ مڃي.“ (ڏيئي ڏني ڏڏن- سڪندر مقدوني- دادا سنڌي ص نمبر 29-30) ان دور ۾، سنڌ جو آرمي فورس تمام مضبوط ۽ اعليٰ پائي جو هو. ان وقت سنڌ جي راجائن وٽ بہ لک پيادا، 20 هزار سوار، 2 هزار رَٿ ۽ چار هزار جنگي هاٿي هئا. سندن تِير هلڪا هئا، جن کي مٿي تي لوهہ لڳل هئا. سنڌي بهادر ۽ جنگجو هئا. راجائن وٽ فوجي قوت کان سواءِ مضبوط قلعا هئا. جنگ جي ميدان ۾ سنڌي راجائون، لشڪر جي اڳيان، هاٿين جون قطارون ڪڙيون ڪندا هئا. جن جي پنيان پيادا سپاهي، صِفن ۾ بيهندا هئا. ساڄي ۽ کابي کان، سوارن جا دستا، راجا جي حڪم لاءِ، انتظار ڪندا هئا، جنهن جي پالڪي لشڪر جي وچ ۾ هوندي هئي. سوارن جا رَٿ بہ هوندا هئا. لشڪر جي اڳيان جهنڊي بدران ڪوشنايا اندرا جا بُت، بانس جي چڙين تي بينل هوندا هئا. حملي ڪرڻ وقت نغارا يا شرنايون وڄايون وينديون هيون. سنڌي جنگ ڪرڻ وقت، مرڻ مارائڻ کان سواءِ، هرگز ميدان نہ ڇڏيندا هئا. نيرڪوس سنڌين جي بهادريءَ بابت لکي

ٿو تہ ”سنڌي جوڌا، قد جا ڍگها هئا. سندن ڪمانون، سندن قد جتريون ڊگهيون هونديون هيون، جن کي ڪٻي پير سان موڙيندا هئا. سندن ڍالون، نڏيون چمڙي جون ٺهيل هيون، وٽن ڪشادي ڦر سان ٻہ منهيون ترارون هيون. سوارن وٽ ٻڙڇيون هيون. (تاريخ تمدن سنڌ- ص نمبر 108)

مطلب تہ سنڌي سورهين سڪندر کي مزي سان سنڌ کي لُٽڻ نہ ڏنو، مشهور مؤرخ ايچ ٽي لئمبرڪ سنڌين جي سورهيائي کي ساراهيندي لکي ٿو تہ: ”هن مغرب جي پهرين ڏاڙيل سان، سنڌين جون، هي طويل ۽ خوني جنگيون ظاهر ڪن ٿيون تہ، سنڌين اندر آزادي لاءِ وڏو جوش هو. جيترو عرصو سڪندر سنڌ ۾ رهيو، سُڪون گهڙيءَ لاءِ نہ مليس. (تاريخ تمدن سنڌ- ص نمبر 302)

بابل واپس وڃڻ وقت، سڪندر پنهنجي فوج کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصو پنهنجي ڪمان هيٺ خشڪيءَ رستي ۽ ٻيو حصو نرخوس جي ڪمان هيٺ سمنڊ رستي روانو ڪيو. جڏهن سنڌ جي بحري فوج کي خبر پيئي تڏهن، هن نرخوس تي حملو ڪري کين تباهہ ڪري ڇڏيو. هن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ جا بحري جنگي جهاز، سڪندر جي ٻيڙن کان وڌيڪ مضبوط ۽ طاقتور ۽ ڦڙت هئا ۽ اهي عربي سمنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان واقف هئا، سڪندر کان پوءِ باختر جي يوناني بادشاهن ڊميٽرا اپالو ڊوٽس ۽ منافدر جي سنڌين سان ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ جنگين جو ذڪر ملي ٿو. اهي بحري آرماڙ سنڌ جي ماڻهن ناهيا هئا ۽ ان جا ناڪئا بہ اهي سنڌي هئا. (ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ- سنڌ ۾ جهاز راني جو فن- نئين زندگي- 1972ع)

هن سڪندر واري دور ۾ سنڌين جنهن جوان مردي، بهادري ۽ سورهيائيءَ جا مختلف ملڪن جي فوجن سان مقابلا ڪيا، ان مان صاف ظاهر آهي تہ هو فوجي ۽ عسڪري لحاظ کان ڪيڏا نہ بهادر ۽ جنگجو هئا.

موريا گهراڻي جو دور

موريا گهراڻي جو باني راجا چندر گپت هو. جيئن تہ سندس ماءُ مور پاليندي هئي، ان ڪري هو موريا سڏجڻ لڳو. هن ٽئڪسيلا جي مڪتب ۾ تعليم ورتي ۽ سڪندر جي فوجي جوڙجڪ ۽ جنگي فنن مان واقف ٿيو. هن مگڌھ جي نندا خاندان جي پوئين راجا مها پدما کان 322 ق . م، ۾ مگڌھ فتح ڪيو ۽ پنجاب ۽ سنڌ مان يونانين کي ڀڄائي هڪ منظم ۽ مضبوط سلطنت جو بنياد وڌو. هن جي گاديءَ جو هنڌ پاٽلي پتر (پٽنہ) هو ۽ سندس سلطنت مغرب ۾ هرات تائين پکڙيل هئي. سندس وڏو وزير چاڻڪيہ پنڊت هو، جيڪو سنڌ جو مشهور سياستدان ۽ ماهر طب هو. سندس دور حڪومت 322 ق . م کان397 ق . م آهي.

راجا چندر گپت هڪ جليل القدر بادشاھ هو، سندس دور ۾ سنڌ جي عسڪري پوزيشن مضبوط هئي. هن 317 ق . م، ۾ سنڌ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. ان وقت هت 5 لک يوناني طرز تي سيڪاريل فوج ۽ نو هزار جنگي هاٿي هئا. سندس ڏينهن ۾ سڪندر جي فوجي جرنيل سيليوڪس سنڌ تي ڪاھ ڪئي. هو سڪندر جي مرڻ کان پوءِ شام جو حاڪم بڻيو هو ۽ سندس حدون شام ۽ پونچ سمنڊ کان وٺي مهراڻ تائين هيون. سندنس لشڪر ۾ يوناني ۽ مقدوني سپاهي هئا.

سيليوڪس جي حملي وقت سنڌ جي فوجي قوت کي راجا چندر گپت چاڻڪيہ پنڊت جي نظرداري هيٺ تمام مضبوط ڪيو هو. چنانچ ڪترين جو موروثي پيشو سپهہ گيري هو. وقت سر ضرورت آهر امدادي لشڪر بہ ڀرتي ڪندا هئا، جن ۾ جهنگلي قبيلا بہ شريڪ ٿيندا هئا. زير نگران صوبا جنگ جي وقت فوجي رواني ڪرڻ ۾ ٻڌل هئا. بيروني حملي وقت ڳوناٺن جي پنچائتن جي فيصلي موجب، ملڪ جي حفاظت لاءِ هرڪو ٻَڌل هو. بلڪ

واپاري به حصو وٺندا هئا. هاٿين جا دستا فوجن ۾ رهندا هئا. سوار ۽ پيادا، لشڪر جا مکيہ حصا هئا. ڪي دستا سفر سينا جو ڪم به ڪندا هئا، مثلاً لشڪر لاءِ ڇانوڻيون هڻڻ ۽ رستا تيار ڪرڻ. سنڌين جا قلعا مضبوط هئا، جن کي چؤطرف خندقون هيون. انهن کي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيندا هئا. محاصري جي حالت ۾ قلعن اندر کاڌ خوراڪ ۽ پاڻيءَ جو ڪافي انتظام هو. بحرحال سنڌي جنگي فن کان واقف هئا. هاٿي ۽ رَٿ پيادل جي اڳيان ۽ پٺيان بيهاريندا هئا.
(تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي- ص نمبر 131)

جڏهن سيليوڪس جي سامهون سنڌ جو ايڏو تربيت يافتہ لشڪر آيو تڏهن کيس ذليل شڪست سان منهن ڏيڻو پيو. هن صلح لاءِ درخواست ڪئي. افغانستان ۽ بلوچستان وارا علائقا جنگ جي خرچ عيوض ڏنائين ۽ پنهنجي ڌيءُ جو سَڱ چندرگپت کي ڏيئي دوستي رکيائين. ان ڪانسواءِ سندس هڪ سفير مئگستينز به هندوستان ۾ رهيو.

موريا دور ۾ سنڌ جي عسڪري نظام جيڪا مضبوطي حاصل ڪئي ۽ سيليوڪس کي جنهن نموني شڪست فاش ملي، تنهن مان سنڌ جي رهاڪن جي فوجي مهارت جو چٽو ثبوت ملي ٿو.

*

راءِ گهراڻي جو دور

راءِ گهراڻي وارن 495ع کان 632ع تائين حڪومت ڪئي. هن جا پنج راجا هئا، جيڪي ٻُڌ جا پوڄاري هئا. سنڌن مائٽي قلات جي سيوا راجائن ۽ راجپوتانا جي راجائن سان هئي. سنڌن حڪومت جون حدون اتر ۾ ڪشمير، قنڌار، هلمند تائين، الهندي ۾ ڪرمان جي وادي نور منشور تائين، ڏکڻ ۾ سورت ۽ اوڀر ۾ چتور ڳڙهه تائين هيون. (جنت السنڌ- مولائي شيدائي- ص نمبر 70) هن حڪومت جو باني راءِ ديواجي هو. ان زماني ۾ ملڪ چئن صوبن برهمڻ آباد، سيوستان، اسڪلنده ۽ ملتان ۾ ورهايل هو. هر صوبي تي هڪ گورنر مقرر هو جنهن کي ملڪ چئبو هو. ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ الور هو، جتي راجا رهندو هو.

راءِ گهراڻي وارن سنڌ جي دفاع لاءِ وڏا ڪم ڪيا ۽ هنن دفاعي نوعيت جا اهم قدم کنيا. هنن مختلف جنگجو قبيلن کي منظم ڪيو. ڪيترن قلعن جي مرمت ڪئي ۽ متعدد نوان دفاعي مرڪز ۽ ڪوٽ تعمير ڪيا. ان دور ۾ سنڌ اندر آسودگي هئي ۽ ڏُک ڏکار جو نالو به نه هو. فوجين کي بروقت پگهار ڏيڻ جو بندوبست ٿيل هو. صوبن جي بچاءِ لاءِ مصبوط قلعا اڏيل هئا. جهڙوڪ: سيوارا، ماٿيلو، الور، برهمڻ آباد، سيوستان، لورالائي ۽ ديبل. برهمڻ آباد جو قلعو برصغير ۾ مشهور هو. ان جي بچاءَ لاءِ ڀهرور ۽ دهليلا به ننڍا قلعا به هئا. هي قلعو ان دور ۾ وڏي دفاعي حيثيت جو مالڪ هو. ابن خلدون ان کي، هند جي مضبوط قلعن مان هڪ سڏي ٿو. ابوالفضل لکي ٿو ته- ”برهمڻ آباد جو قلعو، ڪافي ايراضيءَ ۾ پکڙيل هو، جنهن کي 14 سؤ برج هئا. هن ۾ هڪ ئي وقت چاليهه هزار لشڪر سمائجي سگهندو هو.“ (برهمڻ آباد قلعي جي دفاعي حيثيت- غلام محمد لاکو. ماهوار پيغام- مارچ 1984ع) هتان جا فوجي اعليٰ پائي جا تربيت يافته هئا. ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ لکي ٿو ته، ”برهمڻ آباد جي قلعي جا ماڻهو، تِير ڪمان سان ليس ٿي، جنگي هاٿين، گهوڙن ۽ پيرين پيادل، جنگ لاءِ ميدان ۾ ايندا هئا. ڏينهن جو دشمن کي للڪارڻ، رات جو قلعه بند ٿي، شهر جي حفاظت

ڪرڻ، راتاها هٽي دشمن جي رسد ۽ جانورن جو چارو بند ڪرڻ مخصوص قسم جي ٽري جنگ ڪرڻ، هتي جي جنگي طور طريقن ۾ شامل هئا.“ (برهمڻ آباد قلعي جي دفاعي حيثيت- غلام محمد لاکو. ماهوار پيغام- مارچ 1984ع)

هن دور ۾، ايران جي حاڪم نيمروز سنڌ تي حملو ڪيو، جنهن جي حڪومت فارس، اصفهان، اهواز، بست زابل، سجستان، مڪران ۽ ڪرمان تائين ڦهليل هئي. نيمروز ڪرمان جي رستي سنڌ ۾ آيو. ان وقت راجا سهيرسد اعليٰ لشڪر وٺي، نيمروز جو مقابلو ڪيو. (چچ نامو- سنڌي ترجمو- صفحو نمبر 15) تاريخ معصومي وارو لکي ٿو تہ- ”هو وڏي بهادريءَ سان وڙهيو“- ۽ اهڙي طرح پنهنجي ملڪ جي دفاع لاءِ وڙهندي مارجي ويو، پر نيمروز کي پڄائي ڪڍيو.

اهڙي طرح هن دور ۾ بہ سنڌين پنهنجي اعليٰ فوجي مهارت جو ثبوت ڏنو.

برهمڻ گهراڻي جو دور

برهمڻ حڪومت 622ع کان 711ع تائين قائم رهي. هن حڪومت جو بنياد وجهندڙ چچ پُٽ سيلائيج نهايت برجستو ۽ سياستدان حڪمران هو. هن تخت تي ويهڻ شرط پنهنجي وزير بديهمن کان مشورو ورتو ته هن چيس ته، "منهنجي خيال ۾ بهادر فوج ۽ هاٿين جي ڪثير تعداد لشڪر سان نه صرف ملڪ ۾ امن امان رهندو پر ملڪ جون سرحدون به محفوظ رهنديون." ۽ اوهان جا سڀ دشمن اوهان جي تلوار جي خوف کان ڊڄندا رهندا ۽ ڪوبه ملڪ تي حملو نه ڪري سگهندو. (تاريخ سنڌ- مولانا قدوسي- ج- اول- ص نمبر 19) ان ڪري هن اندروني طور پوزيشن مضبوط ڪئي. ۽ خارجي طرح قسطنطنيه جي قيصر هرقل جي دربار ۾، پنهنجو سفير موڪلي، ايران جي خلاف پنهنجو سياسي توازن برقرار رکيو. 627ع ۾ جڏهن خسرو پرويز کي هرقل شڪست ڏني ته ان موقعي تي چچ قيصر ڏانهن مبارڪباد جو پيغام موڪليو. خلافت فاروقي ۾ جنگين جي موقعي تي ايران جي بادشاهه يزد جرد کي فوجن ۽ جنگي سامان جي هاٿين سان مدد ڪئي. هن دشت ندي تي ڪجيءَ جا وڻ پوکرائي. سرحد تي نشان لڳرايا. (مولائي شيدائي- روزانه مهراڻ سالگره نمبر 1961ع ص نمبر 25)

برهمڻ حاڪمن سنڌ جي فوجي قوت کي ڦهلايو ۽ مضبوط ڪيو. هن دور ۾ وڏن ۽ خاص شهرن ۾ فوجون رهنديون هيون. حڪومت اندر ملڪ جي بچاءَ لاءِ مضبوط قلعا هئا، جن کي چؤگرد کاهيون يا ڍنڍون هيون. اهي قلعا گهڻو ڪري، ٻيلن يا ٽڪرين تي هوندا هئا. راورجي قلعي اڳيان ڏبڻ واري زمين هئي. نيرون ڪوٽ قلعي جي چوگرد، ڍنڍ جو پاڻي برسات ۽ آبڪلائي ۾ گڏ ٿيندو هو. سيوستان جي قلعي هيٺان اڙل واهه وهندو هو. ساموئي يا سمانگو قلعي کي، ڪاهي ڏنل هئي. ديبل جو قلعو سمنڊ جي ڪناري تي هو، ان کان علاوه اُچ، سيواءِ، ماٿيلو ۽ مائو به مضبوط قلعا هئا. سنڌي فنِ قلعي سازي کان پوري طرح واقف هئا. برهمڻ آباد جي قلعي جي اهميت هن دور ۾

ٻہ مسلم هئي. هر قلعي کي برج هوندا هئا، جن جي اوچائي 40 فوٽن کان ٻہ مٽي هئي. شهر جي انتظام لاءِ هر هڪ حصي تي فوج جا دستا رکيل هئا، اهڙن هنڌن کي گلما چئبو هو. (تاريخ تمدن سنڌ- حضرت مولائي شيدائي- ص نمبر 125)

برهمڻن جي دور ۾ سپاهين وٽ زرمون، نيزا، تِير ڪمان، تراورون، ڀالا، ٻرڇيون ۽ گيندن جو ڍالون، جنگي هٿيار هئا. راجا خود لشڪر جي مهنداري ڪندا هئا ۽ جڏهن راجا هاٿي تي سوار ٿي سوارن، پيادن ۽ هاٿين جي ڪٽڪ سان، جنگ جي ميدان ۾ نڪرندو هو ۽ سپاهي گهنڊ ۽ واڄا وڄائيندا هئا تڏهن دشمن جي دلين تي هيبت ڇائنجي ويندي هئي. ڪتري سپاهي، پنهنجي روايت مؤجب، چيلهہ ۾ رسا ٻڌي، ميدانِ جنگ ۾، جوان مردي سان وڙهندا هئا. هڪ ٻئي جي چيلهہ ۾ رَسا ان ڪري ٻڌندا هئا، جيئن ڪو بزدل ميدان مان ڀڄي نہ وڃي. جنگ جي ميدان ۾ ڪي هندو سوار، موقعي جي نازڪ حالت ۾، هاٿين ۽ گهوڙن تان هيٺ لهي، دشمن سان دوبدو مقابلو ڪندا هئا. جنگ جو سمورو دارومدار راجا جي سرڪردگي ۽ موجودگيءَ تي هوندو هو. هو هر لحمي پنهنجي فوج سان گڏ هوندو هو. ائين نہ هو تہ، فوج کي ٻوهي ۾ ڏيئي پاڻ وينو عيش ڪري. ان دور ۾، سنڌ ۾ لشڪر تمام گهڻو هو، مثال: اروڙ واري تاريخي جنگ ۾ 35 هزار زرهہ پوش، ڏهہ هزار پيادا ۽ نيزا بردار ۽ سٺ هاٿي هئا. برهمڻ آباد واري جنگ ۾ 40 هزار سوار ۽ پيادا ۽ هڪ سؤ هاٿي هئا. (جنت السنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 360)

برهمڻ خاندان جو ٽيون حاڪم راجا ڏاهر هو، جيڪو 700ع ۾ تخت تي وينو. مولانا قدوسي لکي ٿو تہ- ”ڏاهر تخت تي ويهڻ شرط عدل ۽ انصاف کي پنهنجو شيوو بڻايو. فوج کي پئسن سان ۽ رعيت کي احسان سان گرويده ڪيو، جنهن ڪري رعيت ۾ هن لاءِ غير معمولي جذبہءِ اطاعت ۽ فرمانبرداري پيدا ٿي. هن سڄي سنڌ جو دورو ڪيو. سنڌ جي مشرقي سرحد تي وڃي، اتي قابل اعتماد ماڻهو رکيا. اتان ٿي هو مغربي سرحد تي آيو ۽ اتي انتظام درست ڪيائين. اتان ٿي برهمڻ آباد ۾ اچي پنهنجي ڀاءُ ڏهرسين جي حڪومت کي

درست ڪيائين. پوءِ هو ڪيچ مڪران ويو، جتي ڪرمان جي بادشاهہ جنهن جي سرحد سنڌ سان ملندڙ هئي سان دوستيءَ جو معاهدو ڪري واپس گاديءَ جي هنڌ اروڙ ۾ آيو. (تاريخ سنڌ- ج اول- ص نمبر 43)

راجا ڏاهرهڪ اعليٰ حڪمران، سپهہ سالار ۽ فوجي جرنيل هو. هن جي دور ۾ 711ع ۾ عربن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي. مجيون ڪٺي تہ راجا ڏاهر ڪافر هو، ڪراڙ هو، جيڪو سنڌ کي نہ پر پنهنجي اقتدار ۽ تخت کي بچائڻ لاءِ وڙهيو. هن مسلمانن سان وڙهي پنهنجي عاقبت ڪاري ڪئي ۽ اسان سنڌين تي ڪارنهن جو ٽِڪو لاتو. چو تہ هن مسلمانن کي حڪومت نہ ڏني- ائين نہ! پر محنت سائين چور جي بہ نہ وڃائجي. پلان پليءَ جو ڇيهہ ئي ڪونهي! پر ٻيلي واٽيو ٽي، همراهہ مڙسي واهہ جي ڏيکاري- دنيا ۾ پلا اهو کهڙو حاڪم آهي، جنهن پنهنجي تخت ۽ ڪرسيءَ کي بچائڻ لاءِ جنگ نہ ڪئي هجي. تاريخ شاهد آهي تہ هن هڪ تربيت يافتہ، آرمي آفيسر وانگر دليريءَ سان مهنداري ڪئي ۽ مقابلو ڪيو. چچ نامي وارو لکي ٿو تہ ”10 رمضان تي اروڙ ۾ آخري معرڪو ٿيو. ان وقت راجا ڏاهر پاڻ جنگ ۾ آيو. سندس پٽ جيسينہ بہ گڏ هو، جيڪو فوج جي وچ ۾ هو ۽ ڏهہ هزار فوج ان جي اڳيان پنيان هئي، جن جون تلوارون مياڻن کان ٻاهر نڪتل هيون ۽ ڪين زرمون پاتل هيون. سندن هٿن ۾ تلوارون ۽ ڍالون هيون. اهڙي شان سان مقابلي لاءِ نڪتا هئا.“ (چچ نامو- ص نمبر 173) مير معصوم بکري لکي ٿو تہ-”ڏاهر جي فوج جي اڳيان جنگي هاٿي هئا. ان کان پوءِ ڏهہ هزار سوار زرهہ پوش هئا. پوءِ ٽيهہ هزار پيادا هٿيارن سان ليس هئا. لشڪر جي وچ ۾، راجا ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي سوار هو، جنهن کي وڏا وڏا سردار ۽ امير وچ ۾ ڪيو بيٺا هئا. (تاريخ معصومي- ص نمبر 24) راجا ڏاهر، پنهنجي هاٿي سان گڏ، چار سؤ سوارن کي ساڻ ڪري، ميدان جنگ ۾ ڪُڏي پيو. هن جي هٿ ۾ هڪ چڪرو هو، جنهن ۾ تيز چاڪو لڳل هئا، جنهن کي هو گهمائيندو هو تہ، جيڪو بہ هن جي ويجهو ايندو هو، ان جو سِر ڌڙ کان ڌار

ٿي ويندو هو. ڏاهر ۽ ان جا ساٿي، هن آخري جنگ ۾ وڏي بهادريءَ سان وڙهي رهيا هئا-“ (تاريخ سنڌ- ج اول- مولانا قدوسي ص نمبر 152)

10 رمضان المبارڪ 93هه ۾ سنڌ فتح ٿي ۽ هت عربن جي حڪومت قائم ٿي. تاريخن ۾ اچي ٿو ته اروڙ جي فيصلہ ڪن جنگ ۾ ڪيترن ئي سنڌي اڳواڻن عربن جي مدد ڪئي، جن ۾ ديبل جو مولانا اسلامي، نيرون ڪوٽ جو حاڪم پنداڪن موڪ بن بسايا وغيره شامل آهن.

عربن جو دور

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي، تہ سنڌ جي رهاڪن مسلمانن جي روش ۽ سلوڪ ڏسي خوشيءَ سان اسلام قبول ڪيو. جنگين ۾، سنڌين جي بهادري ۽ عسڪري قوت عربي لشڪر جي سپهہ سالار کي ڏاڍو متاثر ڪيو، ان ڪري جڏهن سنڌين اسلام قبول ڪيو، تڏهن محمد بن قاسم کين پنهنجي لشڪر ۾ڀرتي ڪري، پنهنجي عسڪري قوت کي مضبوط ڪيو. نيرون ڪوٽ جي فتح وقت جيڪي جاٽ سپاهي مسلمان ٿيا، تن کي فوج ۾ داخل ڪيائين. سيوستان جي سمنيہ پنڊتن کي ساڳيا فوجي عهدا مليا. برهمڻ آباد جي قلعي کي فتح ڪرڻ کان پوءِ چئن ئي دروازن تي جيڪي فوجي دستا مقرر ڪيا ويا، انهن ۾ هر دستي جو فوجي آفيسر برهمڻ هو، جن کي هڪ گهوڙو ۽ خلعت ڏيڻ سان گڏ، هٿن ۽ پيرن ۾ سونا ڪنگڻ وڌا ويا- دربار ۾ هر هڪ کي ڪرسي ڏني ويئي. جن فوجي سپاهين اسلام قبول ڪيو، تن کي فوج ۾ ساڳيا عهدا ڏنا ويا.

ان کان پوءِ، جيڪي بہ عربي گورنر سنڌ ۾ آيا، تن سنڌن جنگي فن جي قابليت کان متاثر ٿي، کين فوج ۾ وڏا عهدا ڏنا ۽ ڪيترائي سنڌي سپهہ سالار ۽ ڪمانڊر انچيف بڻجي ويا. والنٽيئر فوجن ۾ هندو، جاٽ، بلوچ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ذاتيون ڀرتي ٿيون. انهن سپاهين کي روڪ پگهار ملڻ لڳي. مٿن ڍلون معاف هيون. ڪن کي انعام ۾ زمينون بہ مليون. سنڌ جي والين وٽ مضبوط لشڪر رهندو هو. منصوره جي فوجي قوت مسعودي جي بيان مطابق چاليهہ هزار هئي. ان فوج سان اسي هاٿي بہ هئا. هر هڪ سان پنجن سون پيادن جو دستو هوندو هو.

هن دور ۾ سنڌ جي عظيم لشڪر ڪشمير، گجرات ۽ مالوه تائين سوڀون ڪيون هيون. 107هہ (725ع) جنيد، مارواڙ، مانڊل، پٽن، ڀڙوچ، اُجين ۽ ڪشمير تائين ڪاهون ڪري بيشمار مال غنيمت هٿ ڪيو. 140هہ ۾ هشام

ڪشمير تائين ملڪ فتح ڪيو. ڪڏهن ڪڏهن مڪران ۽ ڪرمان جي علائقن جي نگراني به، سنڌ جو لشڪر ڪندو هو. تن ڏينهن ۾ سنڌين وٽ جنگي هٿيار، نيزا، زرهون، خود، ڍالون، جوشن ۽ ڪمانون هيون. وٽن ٽن قسمن قسي، الرجل ولرڪاب، قسي اللوب ۽ جراد جا تِير هئا. جراد جي ڊيگهه فقط گرانٺ هئي. زرهن جا ٻه ڪيترائي قسم هئا. جهڙوڪ: مبطزه ۽ زرديات. عربي فوجن کي هٿيار سرڪاري ملندا هئا. مال غنيمت ۾ پنجون حصو سرڪار وٺندي هئي، باقي سپاهين ۾ ورهايو ويندو هو. عباسي دور ۾ فوجن جون پگارون وڌايون ويون. پيادي جي پگهار ڏهه روپيا ۽ سوار جي پگهار 25 روپيا ڪئي ويئي. (جنت السنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 322)

عربن جي آخري دور ۾ هبارين تي سلطان محمودغزنوي حملو ڪيو، جنهن سان سنڌي جاٽن وڏي بهادريءَ سان مقابلو ڪيو. ان ڪري 1027ع ۾ محمود غزنوي چار هزار ٻيڙيون اهڙي قسم جون تيار ڪرايون جن جي ڪابي پاسي ٻڙڇيون ۽ هڪ اڳيئن حصي ۾ ٻڙڇي لڳل هئي. اهي ٻيڙيون سنڌ ۾ روانيون ڪري هر هڪ تي ويهه ويهه سپاهي تِير ڪمان، ڍال ۽ نيزي سان مسلح ڪري 28 هزار فوج وٺي سنڌ روانو ٿيو. سنڌي جاٽن کي جڏهن اها خبر پيئي تڏهن ٻار ٻچا محفوظ جڳهه تي ڇڏي اٺن هزار ٻيڙين ۾ سوار ٿي، محمود سان بحري جنگ لڙي ۽ نهايت شجاعت ۽ بهادريءَ سان محمود جا ماڻهو ماري، پاڻ به وطن تان سِر قربان ڪري ويا- (تاريخ سنڌ- ج اول- مولانا قدوسي ص نمبر 325)

بهرحال هن دور ۾ به سنڌين پنهنجون فوجي صلاحيتون قائم رکي، پاڻ کي مسلح قوم جو فرد ثابت ڪيو.

دهليءَ جي مرڪزيت وارو دور

سنڌ جي سرسبزي، خوشحالي ۽ آسودگي، هند جي حاڪمن کي اکين ۾ ڪَتر تي چيندي هئي. هو هر طرح هن خطي کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي، ان کي ڦرڻ لُٽڻ لاءِ ڪوشان رهندا هئا. پوءِ ان لاءِ ڪٽي پنهنجو ڪيڏو به لشڪر مارائڻو چونه پوي. شهاب الدين غوري، جڏهن دهلي سلطنت جو بنياد وڌو، تڏهن، سنڌ تي حملو ڪيو، پر سنڌين جي بري فوج ڪيس زبردست شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو. ٻيو ڀيرو هن، 1177ع ۾، حملو ڪري ملتان ۽ اُچ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. 1206ع شهاب الدين جي مرڻ کان پوءِ قطب الدين ايبڪ تخت تي وينو ۽ غلام گهراڻي جي حڪومت شروع ٿي. 1288ع ۾ خلجي سلاطين جو وارو آيو، جن اٽڪل چاليهه سال حڪومت ڪئي. خلجين کان پوءِ تغلق حاڪم ٿيا. غوري خاندان کان وٺي خلجي دور تائين، سنڌ ۾ سومرن جو زور رهيو، جيڪي ڪڏهن به چُپ ڪري نه وينا. آزادي ۽ صوبائي خودمختياري حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندا رهيا ۽ لاڳيتي ڪوشش کان پوءِ هنن سنڌ جي سرزمين کي، دهليءَ جي مرڪزيت کان آزاد ڪرائي وڳهه ڪوٽ کي پنهنجو تخت گاهه بڻايو، جيتوڻيڪ هن دور ۾ سنڌ جي ڪن حصن ملتان، ٻکر ۽ سيوهڻ تي وقت به وقت گورنر دهلي کان پئي آيا، مگر سنڌ جا حقيقي حاڪم اهو سمورو عرصو سومرا ئي هئا ۽ لاڙ جي حصي تي مضبوطيءَ سان قائم رهيا. هڪ غلام گورنر ناصر الدين قباچه سنڌين جي زور پرڻ تي، سنڌ کي دهليءَ جي مرڪزيت کان ڌار ڪري خودمختيار ملڪ بڻايو. تغلق گهراڻي جي حاڪمن به سنڌ کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ هڪ ٻئي پٺيان 3 حملا ڪيا. ان دور ۾ هتان جا حاڪم سما هئا، جن ڪين وٺ نه ڏنو ۽ آخر هو معاهدو ڪري دهلي موٽي ويا.

هن سڄي دور ۾ سنڌ جو فوجي نظام اعليٰ پايي جو هو، جن کي هندوستان جي مڙني شهنشاهن تسليم ڪيو ۽ هو سنڌين جي بهادري خواهه

عسڪري قوت جا گُڻ ڳائيندا رهيا. هن دور ۾، سنڌ هند تي مغلن جا حملا ٿيندا هئا، جن کي روڪڻ لاءِ قطب الدين سنڌ جي سرحد تي مضبوط قلعا ۽ فوجي چانوٽيون قائم ڪري فوجون وهاريون. اهڙيون چانوٽيون لاهور، ملتان، ديبالپور، بکر ۽ سيوهڻ ۾ هيون. ان دور ۾ فوجون ٻن قسمن جو هيون. وجهي يعني باقاعده فوج ۽ ٻيو غير وجهي يعني بي قاعده فوج. فوج مٿان هي عملدار هئا. (1) سپهه سالار (2) سرخيل. هڪ سپهه سالار هيٺان ڏهه سرخيل هئا. (3) امير، جنهنجي ماتحت ڏهه سپهه سالار هئا. سپهه سالارن کي امير بہ چوندا هئا. (4) ڏهن سپهه سالارن مٿان وڏو عملدار ”خان“ هوندو هو، جنهنجي ماتحت ڏهه مَلڪ رهندا هئا. سپهه سالار جي نگراني هيٺ هڪ سؤ سپاهي رهندا هئا. في مَلڪ ماتحت، هڪ هڪ هزار سپاهي رهندا هئا. في خان ماتحت جنهن کي نمندار بہ چوندا هئا، ڏهه هزار لشڪر رهندو هو. هڪ لک سپاهه مٿان پنج هزار مَلڪ مقرر هئا. سپهه سالارن کي ڊگها جبا پيل هوندا هئا جن جي آستينن؛ ڳچي ۽ ڪلهن تي سونا ڪاري جو ڪم ٿيل هو. سندن ٽوپيون چئن ڪُنڊن واريون هيون؛ جن تي جواهر لڳل هئا. سپاهين کي بہ مختلف رنگن جي پوشاڪ هوندي هئي. فوجي عملدارن مان خلجي دور ۾ في سوار کي 234 ٽڪا؛ خان جي پگهار هڪ لک ٽڪا؛ امير جي پگهار 30 يا 40 ٽڪا؛ ملڪ جي 50 يا 60 هزار ٽڪا ساليانو پگهار هئي. ڪو امير، لشڪر ڏيندو هو تہ هن کي سرڪار پاران پروانو ملندو هو ۽ سندس سپاهين کي نقد پگهار ملندي هئي. لشڪر جي سپاهين کي صوبن جي خزانن مان چيڪن ذريعي پگهار ملندي هئي. هر هڪ فوجي دستي جي حساب ڪتاب لاءِ جدا رجسٽر ۽ منشي مقرر هو. محمد تغلق هر سوار کي ڪاڏي، پوشاڪ ۽ گاهہ پني کان سواءِ پنج سؤ ٽڪا پگهار ڏيندو هو. جهونن سپاهين جي مائٽن کي فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ خاص موقعو ڏنو ويندو هو. سلطان علاءالدين خلجي جي فوجين جو تعداد چار لک پنجهتر هزار هو ۽ محمد تغلق وٽ نو لک لشڪر هو. فوجن کي حڪم هو تہ رواني ٿيڻ وقت کيتن ۽ ڳوٺن کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائين جيسين کين

لُٽمار ڪرڻ جو حڪم نہ ملي. لشڪر کي ندين ٽپائڻ لاءِ، سرڪاري ٻيڙو مقرر هو، جنهن کي بحر چوندا هئا ۽ ٻيڙهہ جي عملدار کي اميرالبحر جي لقب سان ڪوٺيندا هئا. شاهي فوج کي گهوڙن مهيا ڪرڻ لاءِ سلاطين وٽ شاهي اصطبل هئا، جن کي پايہ گاهہ چئبو هو. شاهي گهوڙن جي پرورش لاءِ، جدا عملدار آخور بيگ مقرر هو. دهليءَ ۾ پنج شاهي اصطبل ۽ فيل خانہ هئا، فيل خاني جي عملدار کي، شهنائي فيل چوندا هئا. هزارن جي تعداد ۾ هاٿي پرورش ونندا هئا. لشڪر وٽ ترڪي ۽ ايراني ڪمانون هيون. لشڪر وٽ بم گولا بہ هئا. علاءُالدين خلجيءَ وٽ توبون هيون. لشڪر جي صف آرائي هن طرح ٿيندي هئي. ڪي دستا اڳيان، ڪي پنيان، ڪي ساڄي ڪي کاٻي، ۽ ڪي وچ ۾. ڪوچ ڪرڻ وقت لشڪر کي سيڌي سامان پهچائڻ لاءِ، واپاري ساڻ هلندا هئا، جن کي بنجارا يا وڻجارا چئبو هو. لشڪر رواني ٿيڻ وقت نغارا ۽ باجا وڄندا هئا. مال غنيمت مان پنجون حصو سرڪار جو هو، جنهن کي خمس چوندا هئا. باقي فوجين کي ورهائي ڏيندا هئا. پيادي جي مقابلي ۾ سوار کي 2 يا 3 حصا وڌيڪ ملندا هئا. سلاطين وٽ جهنڊا بہ هوندا هئا، جن جا مختلف رنگ هئا. (تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 231)

دهليءَ جي هن مرڪزي حڪومت واري دور ۾، سنڌين صوبائي خودمختياري ماڻڻ لاءِ جيڪي مسلسل ڪوششون ڪيون ان لاءِ مؤرخ سنڌ، مولائي شيدائي لکي ٿو تہ، ”سنہ 1321ع تائين غلام، خلجي، تغلق سلاطين سنڌ تي حڪومت ڪئي پر ڪين ساڳيون مشڪلاتون پيش آيون، جيڪي عربن ۽ غزنوين کي پيش آيون، ڇاڪاڻ تہ سنڌ دهليءَ کان گهڻو پري هئي. حڪومت جا باغي بہ دستور موجب هن صوبي ۾ پناهہ وٺڻ لڳا، انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ دهلي سلاطين کي: ڀکر ۽ سيوهڻ ۾ وڏي فوج رکڻي پيئي. وري جڏهن ڪا ٻيروني طاقت ڪاهہ ڪندي هئي جهڙوڪ مغل، تہ اهڙن موقعن تي سنڌ جا هندو مسلمان گڏجي بغاوتون ڪندا هئا. دهليءَ جا گورنر فقط سنڌ مان ڍلون اڳاڙيندا هئا. انهن مسلسل بغاوتن ڪري دهليءَ جي سلاطين کي لاچار

سنڌ سنڌين جي حوالي ڪرڻي پيئي. 1726ع ۾ جيسلمير جي راول جئسي سنڌ جي خزاني مان ٽن هزار پريل گهوڙن ۽ خچرن کي، دهليءَ ڏانهن ويندي واٽ تي ڦريو. دهليءَ جي سلاطين کي جڏهن فوج جي ضرورت پوندي هئي ته خراسانين ۽ مڪرانين کي ڀرتي ڪندا هئا. علاؤالدين خلجي کي اَٺن سالن تائين سنڌ جي رستي کي صاف ڪرڻ لاءِ، ڀاڻين سان جنگ ڪرڻي پيئي. (تمدن سنڌ- ص نمبر 372)

سنڌين وٽ ان دور ۾ جنگ ڪرڻ جا مکيہ ۽ اعليٰ طريقا هئا، جن سان هنن دشمنن کي ٽوٽا چٻايا. سندن بهادرانہ صلاحيتن، عسڪري نظام، آزادي ۽ صوبائي خود مختياري جي جذبن کي مجروح ڪرڻ ۽ هيسائڻ لاءِ دهلي جي ظالم حڪمرانن وڏيون سختيون ڪيون مگر سنڌين کي ڪچلي نہ سگهيا.

آخر ۾ خود دهليءَ جي حاڪمن، سندن فوجي صلاحيتن کي قبول ڪندي کين فوج ۾ وڏا عهدا ڏنا ۽ اهڙي طرح کين پنهنجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سمن حاڪمن مڪمل طرح خود مختياري حاصل ڪري سنڌ ۾ وري آزاد حڪومت جو جهنڊو بلند ڪيو.

*

سومرن جو دور

سنڌ جي تاريخ ۾، سومرن جو دورِ حڪومت انفرادي حيثيت جو حامل آهي. هن زماني ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ادب ۽ ڪلچر جيڪا ترقي ڪئي اها تاريخ جي ورقن ۾ لکي ويندي. سنڌ جا روماني قصا ۽ رزميه داستان هن دور جا لافاني يادگار آهن. عمر مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو ۽ دودو چنيسر هن زماني جا اهي تمدني ۽ ادبي پهلو آهن جن کي سنڌ جي تاريخ ۾ وڏو مقام آهي. هنن ئي قِصن ۽ داستانن، سنڌي ادب ۾ هڪ تغير ۽ انقلاب آندو، جنهن ڪري سنڌي شاعريءَ رومانوي ۽ رزمي طرح وڏي فضيلت حاصل ڪئي. جناب ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ- ”مقامي حڪمرانن جي مضبوط مرڪز سبب مقامي ماڻهن جو ڌيان بين مسئلن ڏانهن وڌايو. امن امان سُک ۽ سلامتي جي ڪري محفلن، معرڪن ۽ ڪچهرين جو رواج پيو. مقامي راڳ رنگ ۽ شعر و شاعري جو شوق وڌيو. هن نجي ماحول ۾ ماڻهن جو توجهه اندروني مسئلن ۽ معاملن طرف وڌيو. ملڪي آزاديءَ سببان ماڻهن جا ذهن ڪليا ۽ حاڪمن ۾ سردارن جي ڪچهرين ذريعي مقامي قصن، ڪهاڻين، عشقيه داستانن ۽ بين خاص واقعن جي پهت پچار شروع ٿي. سنڌ جي عام مقبول ڪنهن قصن ۽ عشقيه داستانن جو بنيادي ڏٿو سومرن واري سر زمين ۾ لڳل نظر ايندو.

(سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ- ص نمبر 220)

سومرن جي حڪومت جو دور، جيڪو ستين صديءَ کان شروع ٿئي ٿو، سنڌ جو انتهائي عروج ۽ ترقي جو دور آهي. هنن جي هر مرد ۽ عورت، ٻار خواهہ ٻُڍي ۾ پنهنجي ملڪ جي آزادي ۽ سالميت لاءِ محبت ۽ سِڪ هئي. ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو تہ ”هن دور ۾ ساڻيهہ تان سِر صدقو ڪرڻ، نہ فقط مَردن جو مَرڪ هو، پر عورتن بہ حب الوطنيءَ جا مثال قائم ڪيا. ٻارن، ٻُڍن، مَردن ۽ زالن ۾ وطنيت، خود قرباني، استقلال، همت ۽ مريادا جو جذبو، اول کان ئي رهيو آهي. هو هر مهل، هر حال ۾ ۽ هر موقعي تي پنهنجي وطن ۽

پنهنجي عزت لاءِ، سِر ڏڙ جي بازي لڳائڻ کان ڪين هٽيا. (سومرن جي دور جو سنڌي ادب- نئين زندگي مارچ 1980ع) هن دور ۾ عورتن بہ ملڪي سياست ۽ دفاع ۾ تاريخ جي ورقن ۾ پنهنجو مقام اوچو رکيو. مائي تارا ٻائي ڏيءُ دودي جي، پهرئين سنڌي عورت آهي، جنهن سڄي برِصغير ۾ پهريون دفعو سنڌ تي عورت ٿي حڪومت ڪئي. ان کان سواءِ سنگهار جي مرڻ کان پوءِ سندس زال همون ٻائي حڪومت جون واڳون سنڀالي وڏي هوشمنديءَ سان حڪومت هلائي.

سومرن جي دور ۾، سنڌ جو انتظام اعليٰ قسم جو هو. حڪمران ڪي سومرن جي پاڙي جا سرڪردا سردار ۽ راڄن جا سربراهہ ۽ هر پاڙي جا مهاندا ڳڌجي چونڊبيندا هئا. حڪمرانن لاءِ هڪ مخصوص بادشاهي جهنڊو هوندو هو، جنهنجو رنگ اڇو هو، ان ڪري ان کي اڇو جهنڊو چئبو هو. اهو تخت تي وينل حڪمران جي جاءِ تي چاڙهيو ويندو هو. ملڪ جي انتظام لاءِ مرڪزي عملي ۾ عامل ۽ ڪاتب مقرر ٿيل هئا. گاديءَ جي شهر ۾ حڪومت جو شاهي دفتر هو، جيڪو پهريائين هميرا سومري قائم ڪيو هو. انتظامي لحاظ سان سڄو ملڪ صوبن ۾ ورهايل هو ۽ هر صوبو وري شهرن ۾- هُن دور ۾ سنڌ جو عسڪري نظام تمام مضبوط هو، جنگ ڪرڻ جو فيصلو، اسيمبلي ڪندي هئي. حاڪم خود لشڪر وٺي، ميدان ۾ ايندو هو ۽ پاڙي جا سردار بہ پنهنجو لشڪر آڻيندا هئا. جيڪو جنگ هارائيندو هو، انکي ڪتندڙ ڏُر داڳ ڏيئي پنهنجو غلام بڻائيندي هئي. (سومرن جو دور- ڊاڪٽر بلوچ صاحب- ص نمبر 228)

سومرا حاڪم بهادر، غيور ۽ محب وطن هئا. بهادري ۽ شجاعت ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هئا. سندن دور ۾ محمود غزنوي ڪاهہ ڪئي، جنهن سان هنن دليريءَ سان مقابلو ڪيو. 1032ع ۾ شهاب الدين غوري حملو ڪيو پر سومرن ڪيس سنڌ ۾ اچڻ نہ ڏنو. هنن جنهن فوجي حڪمت عملي ۽ بهادريءَ سان علاءُالدين ترم شيرين جو مقابلو ڪيو، تنهن کين هڪ اعليٰ قسم جو جنگجو بڻائي ڇڏيو. هن جنگ ۾ هر سنڌي پنهنجي اعليٰ فوجي مهارت جو ثبوت ڏنو.

هن ترم شيرين، محمد بن تغلق جي تخت نشينيءَ کان ٻه سال پوءِ هندوستان تي ڪاهيو، جنهن کي تغلق حاڪم زر ۽ جواهر ڏيئي رخصت ڪيو. ان کان پوءِ خاص موصوف مارواڙ ۽ گجرات ۾ ڦرمار ڪري سنڌ رستي وطن وريو. هن جنگ جو مکيه سورمو دودو آهي. هو هڪ عظيم جرنيل ۽ اعليٰ سپهه سالار هو، جنهن اسان جي قومي آزادي لاءِ قرباني ڏني. دودو سونهن، سياڻپ ۽ سورهيائيءَ جو مجسمو، حب الوطني ۽ قربانيءَ جي جذبن سان اسان جي قومي ڪردار جي نمائندگي ڪري ٿو. سندس جنگي ڪارنامو وطن جي راهه ۾ سرفروشي ۽ قربانيءَ جي عوامي جذبن جي صحيح ترجماني ڪن ٿا. دودو سنڌ جو هڪ لافاني، لاثاني ۽ قومي هيرو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سندس جنگ ڪرڻ جو نقشو هيئن چِٽيو آهي- ”دودو دلير ۽ دلاور هو. ڪوپو ۽ ڪنڌار هو. جڏهن دودو جنگ تي چڙهيو ته سندس حشمت ۽ هيبت کان بادشاهي لشڪر جا هانءُ ڪاچي ويا. دودو چڙهيو ته پنهنجو خاص ٿهانگ هٿيار ڪڍي چڙهيو جنهن ۾ ست تلوارون سميٽيل هيون. دودي کي سَت هٿيارو سومرو ڪري ٿي سڏيائون جو جنگ جي ميدان ۾، ٻين جي ڀيٽ ۾ جڻ سَت هٿيار پئي وڙهيا ۽ جتان ٿي شاهي فوج ۾ پيو اتان ته پها ڪڍي ٿي ڇڏيائين. جڻ درياءَ اٿلون ڪري پلٽجي ٿي پيو ۽ مخالف لشڪر کي، ٻنهي ڪنڌئين ٻوڙي ٿي ڇڏيائين. دودي جي مقابلي جي ڪنهن کي به جرئت ڪانه ٿي ٿِي. دودو چوڏهن ڏينهن وڙهيو ۽ عالادين جي لشڪر جو وڏو حصو مارجي ويو پر شاهي لشڪر کُٽڻ جو ڪونه هو، آخري جنگ ۾ دودو ڪفن پائي وڙهيو ۽ جڏهن جوش مان حملا ڪيائين، تڏهن سيني کي پَڪ ٿي ته دودو مارجڻ جو ئي ناهي. آخر چنيسر کين حرفت ڏسي، جنهنڪري دودي کي ننگيءَ سان شهيد ڪيائون. (سومرن جو دور- ص نمبر 336)

دودي ڪانسواءِ هن جنگ عظيم ۾ ننگر، هاسو سوڍو، ساهڙ سومرو، ممٿ ابڙو، جاڙيجا حاڪم اهڙا سپهه سالار ۽ سورهيه سپاهي هئا جن پنهنجي لَکن جي فوج جي ڪمانڊنگ ڪندي فوجي قابليت ڏيکاريندي وطن تان سِر

صدقو ڪيا. ان کان سواءِ هن دور جي عورتن ۾ به ايڏي ته حب الوطني ۽ ساڻيھه جي سِڪ جو عنصر هو جو وطن خاطر هنن هر قرباني ڪي برداشت ڪرڻ جو عزم ڪيو. محترم مهتاب اڪبر راشدي لکي ٿي ته، ”سنڌ جي تاريخ جي ورقن ۾ جن عورتن جا نالا نقش ٿيل آهن، تن مان خاص طور تي سومرا دور جون عورتون قابل ذڪر آهن، جن پنهنجي ديس کي، ڌارين جي حملي کان بچائڻ لاءِ، سڄو خاندان قربان ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ به ميدان جنگ ۾ نڪري آيون. اهڙين بهادر ۽ جانباز عورتن ۾ ٻاگهل بائي، ڪوئل، ساران، مالهان ۽ ابڙي جي ڌيءُ زينب جا نالا قابلِ ذڪر آهن، جن ڌارين سان مقابلي ڪرڻ لاءِ، پنهنجي وِت ۾ وسعت آهر پاڻ ملهايو. (سنڌي عورت جو تحريڪ آزادي ۾ ڪردار- ماهوار پيغام مارچ 1983ع)

سومرن جي دور جا هي هڙئي سورما ۽ سپهه سالار قابلِ عزت آهن، جن اسان جي تاريخ، تهذيب، آزادي ۽ غيرت تي سِر ڏيئي پاڻ کي ۽ ملڪ کي سلامت رکي پنهنجو نالو وطن دوست شهيدن ۾ لکرايو. سندن عظيم ڪردار حب الوطني ۽ قرباني جي ڀرپور جذبن سان اسان جي قومي روايتن جي پوري پوري نمائندگي ڪن ٿا. سندن مردانگي، شجاعت، دليري ۽ ساڻيھه جي سِڪ جو جذبو، اڄ به نئين نسل ۾ اهو روح ڦوڪي ٿو.

بنا کر دند خوش رسمي نخون و خاک غلطين
خدا رحمت کند اين عاشقانِ پاک طينت را-

*

سمن جو دور

سماٺ سنڌ جي هڪ قديم ذات آهي، جيڪي اصل چندر ونسي راجپوت هئا. دوارڪا جي راجا ڪرشن جي ستين راڻي جامبوتي جي وڏي پٽ سامبا سنڌونڊي جي ٻنهي ڪپن تي، زابلستان تائين هڪڙي حڪومت جو پايو وڌو هو، جنهنجو تخت گاهه سمبانگو يا مينانگو ساموئي وٽ هو. اها حڪومت سنڌ سما سڏبي هئي. سامبل هن خاندان جو راجا هو، جنهن سڪندر يوناني سان جنگ ڪئي هئي. جامبوتي جي بطن مان هئڻ ڪري سندس اولاد جو لقب ڄام هو. برهمڻ راجائن جي حڪومت جي زماني ۾ هن ذات جا ماڻهو وڏا جاگيردار ۽ مندرن جا متولي هئا. سنڌ جي سياست ۾ سندن وڏو دخل هو. چچ جي ڏينهن ۾ سيوراج سمو ديبل جو حاڪم هو. (جنت السنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 323)

شروعات ۾ سمن، سومرن جي مدد ڪئي، ان ڪري سومرن جي حڪومت مضبوط ٿي ويئي، پر پوءِ هنن ٻنهين جو پاڻ ۾ ٽڪر ٿي پيو ۽ سما ڪڇ ڏانهن ويا جتي پنهنجي بادشاهي قائم ڪيائون. ڪڇ جي سمن جو سنڌ جي سمن سان ٻه ناتو هو، جن جي مدد سان 1351ع ۾، سومرن جي پوئين حاڪم همير جي ڏينهن ۾، سڀ سما، ڄام انڙ جي سرداري هيٺ گڏ ٿيا ۽ سما حڪومت جو پايو وڌائون، سندن اوائلي تخت گاهه سمانگر هو، جيڪو مڪليءَ کان 3 ميل اتر طرف هو.

سمن جو دور سنڌ لاءِ رحمت جو دور هو. ملڪ ۾ امن امان هو. خير ۽ برڪت جو جواب ڪونه هو. سنڌ جا ماڻهو سُکيا ستابا هئا. سڄو ملڪ ريان ڪيان هو. ديانتداري ۽ دنيا داري ٻيئي گڏوگڏ هيون. ديني ۽ دنوي علومن جي اشاعت سنڌ جي چئن ئي ڪُنڊن ۾، انتهائي عروج تي هئي. اهو دور سنڌ ۾ قومي جاڳرتا جو دور هو. سنڌ واسين ۾ قوميت جو احساس ڪر موڙي رهيو هو. علم و ادب گهڻي ترقي ڪئي. اسلامي تعليم لاءِ مدرسا ڪليا، جن ۾ وڏا وڏا محدث ۽ بلند پائي جا عالم تعليم ڏيڻ لڳا. ٺٽي کي دارالعلوم جي حيثيت

ملي، جنهن ۾ خراسان، ايران ۽ عربستان کان عالم لَڏي اچي رهيا. سَمن حاڪمن علم ۽ فَن جي قدرداني ۽ عالم جي عزت افزائي ڪئي.

هن دور ۾، سنڌ جي گجرات، ڪڇ، ڪانياواڙ ۽ راجستان سان سياسي، سماجي ۽ ثقافتي لاڳاپا وڌيا. سمن فرمانروائن ڏاڙيلن جي بيخ ڪني ڪئي، جن جن واپارين جا مال سنڌ اندر ڏاڙيلن لُٽيا هئا سي انهن گجرات تائين سندن وارثن کي ڏاڙيلن سميت پهچايا. گجرات نو مسلم مظفريہ سلاطين سان، جيتوڻيڪ سمن جي مائٽي هئي، تاهم سما سلاطين، ٿر ۽ جوڌپور جي سرحد تي سومرن، ڪلهوڙن، سوڍن ۽ بلوچن جي ڪٽڪن کي وهاري ڇڏيو هو. انهن 1362ع ۾ دهليءَ جي غلاميءَ کان سنڌ کي آزاد ڪرايو. 1459ع ۾ جوڌپور جي راجا رانوڙ تي ڪاهه ڪئي. هن جنگ ۾ راجپوتن شڪست کاڌي ۽ راجا جو پٽ سنتل مارجي ويو. سن 1470ع ۾ 24 هزار سنڌين جي گڏيل فوج گجرات تي ڪاهه ڪئي. سلطان محمود بيگڙهه، سنڌي لشڪر جي سردارن کي سورٺ ۾ جاگيرون ڏنيون.

سمن جي دور ۾، سنڌ جو عسڪري نظام اعليٰ پائي جو هو. سنڌي فوجن جي هاڪ ملڪان ملڪ هئي. هنن جي بهادري، جرئت ۽ شجاعت جا مثال ڏنا ويندا هئا. سنڌي فوجن جي ويڙهه جا طريقا نهايت جديد ۽ خوفناڪ هئا. گوريلا جنگ ۾ سنڌي فوجن جو ڪوبہ ثاني نہ هو، سنڌي جڏهن بہ ڪو دشمن ۽ ڌاريو غنيم پنهنجي ملڪ ۾ ڏسندا هئا تہ تمام زرخيز زمينن ۽ باغن کي اڳواٽ ئي ويران ڪري ڇڏيندا هئا، جيئن حملہ آورن کي ڪاڌ خوراڪ ۽ گاهه نہ ملي سگهي. سمن حاڪمن فوج کي منظم ڪيو. ملڪ جي بچاءَ لاءِ قلعن ۾ فوجون رکيائون. هنن ملڪ ۾ قلعن جو ڄار وڇائي ڇڏيو. ان زماني ۾ هي قلعا مشهور هئا. سوڍن جو قلعو عمر ڪوٽ ۾، نصرپور سرڪار ۾ سانڪره واهه تي قلعو، بنوره جو قلعو، سيوهڻ جو قلعو، نيرون ڪوٽ جو قلعو، سيوي جو قلعو، بکر جو قلعو. هنن وڏن قلعن کان سواءِ ٻيا ننڍا قلعا ۽ چانوٽيون انيڪ هيون. سما سلاطين ملڪ جو گشت ڪري، حالتن کان واقف رهندا هئا.

چانوٽين ۽ قلعن کي مرڪز مان فوجن ۽ باربرداريءَ جي جانورن جي امداد ملندي هئي. سماءِ فوجي عملدارن کي جاگيرون ڏيندا هئا. سنڌين جي فوجي قابليت کي نظر ۾ رکي ملتان ۽ گجرات جي حاڪمن ڪين پنهنجي لشڪر ۾ نوڪريون ڏنيون.

هن دور ۾، سنڌين تغلقن ۽ ارغونن سان جيڪي لڙايون ڪيون تن مان سنڌن فوجي مهارت جو چٽو ثبوت ملي ٿو. دهليءَ جا ٻه تغلق حڪمران محمد شاهه ۽ فيروز شاهه تغلق سنڌ جي سمن کان شڪستون کائي، نامراد ٿي واپس ويا. محمد شاهه تغلق ٻن لکن جي فوج سان 751ھ ۾ هِت آيو، جنهن سان سنڌي فوج نهايت جوانمردي، همت ۽ سورهيائيءَ سان وڙهي ۽ بادشاهه کي اهو ڏسي دلهول وٺي ويو ۽ اتي ئي مري ويو. وري 1361ع ۾ فيروز شاهه تغلق نوي هزار سوار، چوراسي هزار پيادا، چار سؤ اسي هاٿي ۽ پنج هزار ٻيڙين جي عظيم فوج سان سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو. ان وقت هتڄام انڙ جو ڀاءُ ۽ ان جو ڀائيٽو ڄام ٻابينو حڪمران هئا. تاريخ فيروز شاهي وارو لکي ٿو ته ”ٺٽي ۾ مضبوط قلعو آهي. هتان جا رهاڪو بهادر، انجام جا پڪا، جنگ جا ڪوڏيا ۽ وطن جي محبت ۾، مرد و زن سرشار آهن.“ عفيف لکي ٿو ته ”سنڌ جا ماڻهو مٿير مڙس آهن، سنڌن مڙسي ۽ مردانگي جي سڄي دنيا کي خبر آهي. سنڌن فوج ۾ ويهه هزار دلير مرد ۽ چار لک پيادا هئا. هر سوار زور ۽ طاقت ۾، پنهنجي زماني جو رستم هو. (تاريخ فيروز شاهي) هنن دشمن مؤرخن جي بيانن مان، سنڌ واسين جي فوجي مهارت جو چڱي طرح پَتو پئجي وڃي ٿو. هڪ ڏيهي مؤرخ سنڌ جي عوام جي فوجي مهارت ۽ حب الوطني بابت لکي ٿو ته ”حب الوطني ۽ وطن جي دفاع جي محبت سنڌ واسين کي ايڏي هئي جو سنڌ جا عام ماڻهو ٻه پنهنجي جان ڏيڻ کان دريغ نه ڪندا هئا. ٺٽي وارن طرفان، ماڻهن جو وڏو هجوم هو. انهن مان هر هڪ پاڻ انجمن هو ۽ وقار ۽ پهاڙ مثل هو. سيئي بهادر ۽ جنگجو هئا. سنڌن قوت ۽ بهادريءَ جا مثال هر هڪ لاءِ روشن هئا.... ان وقت ٺٽي وارن جو لشڪر ويهه هزار بهادر سوارن تي مشتمل

هو. هر هڪ قوت، دلاوريءَ ۾ يگانو روزگار هو ۽ پيادل فوج جو انداز 4 لک هو. هن بي پناهه لشڪر ۽ بي پايان قوت سان، ننڍي جا ماڻهو لشڪر جي سامهون آيا.“ (تاريخ سنڌ- جلد اول- مولانا قدوسي ص نمبر 334) ۽ فيروز شاهه کي هن سنڌي لشڪر، اهڙي تہ شڪست ڏني جو هو گجرات ڏانهن ڀڄي ويو. وري ٻئي دفعي هو، ڀيڻو لشڪر وٺي آيو. سنڌ واسين فوجي حڪمت عملي کان ڪم ورتي، دشمن جي اڳتي وڌڻ جون راهون بند ڪري ڇڏيون. دشمن جي رسد بند ڪرڻ لاءِ درياهه ۽ سمنڊ جي ڪنارن وارا علائقا خالي ڪري، اتي جو فصل ۽ گاهه ٻيلائي، سموري علائقي کي اجاڙي ڇڏيو. دريائي پلون ۽ ٽڙ ناس ڪيا. سنڌي فوج درياهه ٽپي، الهندي پاسي مورچہ بند ٿي ويٺي. سنڌونديءَ جي ڪناري تي 160 ميل ويڪري بچاءُ لائين ڪڙي ڪئي ويئي. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي جوڌا، ملٽري ۽ جنگ جي سپني جديد لاڙن ۽ طريقن کان واقف هئا. اهڙي طرح سنڌ واسين اهڙو تہ مڙسي سان مقابلو ڪيو، جو بادشاهه شڪست جو اعتراف ڪري، مخدوم جهانيان جهان گشت جي معرفت صلح ڪري واپس ويو. ڊاڪٽر رياض الاسلام لکي ٿو تہ- ”فيروز شاهه جون بہ زبردست ڪاهون، سنڌ کي ڪمزور ڪري نہ سگهيون. نہ صرف ايترو پر فيروز شاهه جي فوج بہ ڪين لوڏي نہ سگهي. ان جو هڪ سبب 14 صديءَ جي ٻئي اڌ ۾ مرڪز جي ڪمزوري ۽ ٻيو سبب سَمن جي وطن دوستي آهي. سمن ۾ وطن دوستيءَ سان گڏ اعليٰ انتظامي صلاحيتون بہ موجود هيون، جنهن سبب هنن عوام جي دلين تي حڪومت ڪئي.“ (سنڌ ۾ سمن جو اقتدار- هلال مئگزين سيپٽمبر 1983ع)

ڄام ننڍي جي ڏينهن ۾ (1520ع) ۾ شاهه بيگ ارغون سنڌ تي حملو ڪيو، جنهن سان سنڌين جنهن جوان مرديءَ سان مقابلو ڪيو سو تاريخ ۾ نمايان آهي. جناب مولانا اعجازالحق قدوسي، ان دور ۾ سنڌين جي بزدلي ۽ مرعوبيت بابت هڪ ڳالهه لکي آهي، جيڪا تاريخي حقائق جي لحاظ کان صفا غلط ۽ ڪوڙي آهي- لکي ٿو تہ- ”سنڌي مرزا عيسيٰ ترخان جي لشڪر کان

ايترو تہ مرعوب ٿي چڪا هئا جو ڪنهن بہ طرح ان جي مقابلي لاءِ تيار نہ هئا. سنڌين جي مرعوبيت جو اندازو، صرف هن واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هڪ دفعي هڪ مغل جي گهوڙي جي زين جو پٽو ڍلو ٿي ويو ۽ ان جي زين زمين تي ڪري پيئي. مغل گهوڙي تان لهي، زين کي درست ڪرڻ لڳو تہ سنڌي فوج جا 40 سپاهي، هن طرف آيا. انهن مغل کي اڪيلو ڏسي ان تي حملو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. مغل ڄڻين، انهن کي ڏسي، پاڻ ڀڄڻ جي ارادي سان ، رڪيب ۾ پير وڌو تہ چاليهہ ئي سنڌي فوجي فوراً ڀڄي ويا.“ (تاريخ سنڌ- ج اول- ص نمبر 255) اُف، ڪيڏو نہ اُپ جيڏو ڪوڙ آهي. سنڌين جي تاريخ سان ڪيڏي نہ هٿ چراند ڪئي ويئي آهي. حالانڪ اهو عيسيٰ ترخان، جڏهن شاهہ بيگ پاران سنڌ تي، لشڪر ڪشي ڪري آيو، تڏهن دريا خان کيس زبردست شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو ۽ هن وري اڪيلي سپهہ سالار جي حيثيت ۾ سنڌ تي ڪاهہ نہ ڪئي. جيسيتائين سنڌي فوجن جو تعلق آهي تہ تاريخ شاهد آهي تہ اهي هٿ هٿ تي ڏيئي چُپ ڪري نہ وينيون، پر شاهہ بيگ سان چَپي چَپي تي مقابلو ڪيائون. سنڌين جي شاهہ بيگ سان لڙائيءَ جو ڍنگ ۽ طريقو، مير معصوم بکريءَ هن طرح بيان ڪيو آهي. ”ڪَڇ ۽ ٿر جي سوڍن ۽ راجپوتن جي پنجاهہ هزار سوارن ۽ پيادن جي جماعت، جڏهن دشمن جي لشڪر کي سامهون ڏٺو، تڏهن گهوڙن تان لهي، مٿا اگهاڙا ڪري، پٽڪا چادرون ۽ ڪمربند، هڪ ٻئي سان ٻَڌي دشمنن جي فوج ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڏنائون.“ هو وڌيڪ لکي ٿو تہ، ”سنڌي جڏهن ڪُسڻ جو پهہ ڪندا، تڏهن اِئين وڙهندا آهن. (تاريخ معصومي- ص نمبر 143) مؤرخ سنڌ حضرت مولائي شيدائي لکي ٿو تہ، ”شاهہ بيگ سان جيڪي سَمن جون جنگيون لڳيون، تن ۾ سهتن ۽ هندو سوڍن حب الوطني جي جذبي هيٺ سمن جي مدد ڪئي. پوئين جنگ ۾ سنڌي سورمن هڪ ٻئي جون چيلهيون پٽڪن سان ٻَڌي پوءِ مغلن جو مقابلو ڪيو، ان ڪانسواءِ مخدوم بلاول سمي جي مريدن، مُئي مارڻ کان سواءِ سنڌ نہ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهڙي طرح محمود، منڱ خان، ڄام سارنگ ۽ رٽمل سوڍو،

مغلن جي لشڪر سان وڙهيا. هن جنگ ۾ سنڌين جي شڪست بزدلي ۽ مرعوبيت ڪري نہ ٿي پر قاضي قادن جي غداري ۽ ارغونن جو قرآن شريف وچ ۾ آڻي دريا خان کي نڀڳيءَ سان شهيد ڪرڻ آهي. ان کا علاوه مولائي شيدائيءَ جي لفظن ۾ "سنڌ جا وڏيرا، جيڪي دستور موجب ابن الوقت آهن، جيڏانهن ايرنڊڙ سِج ڏِسن اوڏانهن لاڙو ڪن، سي اندروني طرح شاهہ بيگ جا طرفدار ٿي بيٺا ۽ شاهہ بيگ کي ٺٽي تي قبضي ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏيڻ لڳا. (تاريخ تمدن سنڌ- ص نمبر 374) اهڙي طرح هن جيڪي ٺٽي ۾ مغل موڪليا هئا تن بہ هن لاءِ ڪافي راهہ هموار ڪئي. باقي سنڌ جو عوام ۽ فوج، پنهنجي پوري صلاحيت ۽ بهادريءَ سان ارغونن سان وڙهيا، جنهن لاءِ تاريخ جو پَنو پَنو گواهي ڏيندو.

ارغون ۽ ترخان گهراڻن جو دور

سنڌ ۾ ارغون گهراڻي جي حڪومت جو بنياد، 1520ع ۾، شاهه بيگ ارغون وڏي ڦرلٽ، غارتگري ۽ تباهيءَ ڪان پوءِ وڌو. هي هڪ جابر ظالم ۽ خونخوار حاڪم هو. سندس حڪومت جو دور صرف هڪ سال آهي، پر اهو سنڌ ۾ ظلم ۽ بربريت جي لحاظ کان صدين ڪان بہ وڌيڪ آهي. مولانا قدوسي صاحب لکي ٿو تہ ”شاهه بيگ جو سنڌ ۾ دورِ حڪومت وڏو ناڪاميءَ جو دور هو، سنڌ ۾ ان جو اهڙو ڪوبہ ڪارنامو نٿو ملي، جنهن جو بنياد، سنڌ وارن جي فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ هجي. هن پنهنجي عهد حڪومت ۾، اهلِ سنڌ جي غلاميءَ جي زنجيرن کي مضبوط ڪان مضبوط تر ڪيو ۽ سنڌ وارن کي قتل، غارتگري، سنڌ جي تباهي ۽ بربادي جون سوکڙيون ڏنيون. سنڌين ۾ ٻين جي غلامي ۾ اچڻ سان ئي، پنهنجي آزاديءَ جو شعور پيدا ٿيو، پر جيترو بہ هي احساس، سنڌين ۾ پيدا ٿيڻ لڳو، اوتروئي رولر مشين وانگر، شاهه بيگ ان کي ڪچليو. دريا خان جهڙو محب وطن ۽ شاندار انسان، جنهن آخري دفعو، پنهنجي قومي حڪومت کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، نٽي کان ٻاهر، انهن جي هٿان وڏي بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. سوڍن ۽ سهتن جهڙا حريت پسند قبيلا، ٺٽي جي ميدان ۾، پنهنجي قومي حڪومت جي بحاليءَ لاءِ وڙهيا. پر شاهه جي قتل ۽ غارتگريءَ سيني کي برباد ڪري ڇڏيو. مخدوم بلاول جهڙي جليل القدر عالم ۽ درويش، هن جي هٿان صرف ان ڪري مصيبتون سٺيون ۽ ڏنڀ پوڳيا جو هي قومي تحريڪ کي مدد ڏيئي رهيو هو. ماڇي ذات جي جذبۂ آزادي کي شاهه بغاوت ۽ سرڪشيءَ جو نالو ان ڪري ڏيئي اهڙي طرح ڪچليو جو انهن جي گهرن ۽ قلعن کي پاڙان اکيڙي، زمين سئين ڪري ڇڏي. ڏاريجن جي 47 سردارن تي، بغاوت جو الزام مڙهي انهن کي بکر جي قلعي ۾، گجرن ۽ مورين وانگر ان ڪري ڪپيو ۽ وڍيو جو اهي، هن جي

غلاميءَ جي لعنت کي پنهنجي مٿان ختم ڪرڻ جي ويچار ۾ هئا. بلوچن جي 47 ڳوٺن کي ان ڪري تلوار جو نشانو بڻايو ويو، جو اهي سندس حڪومت لاءِ خطرو هئا. مطلب تہ هن جي دور حڪومت ۾، سنڌ ۾، امن ۽ سڪون نظر نٿو اچي ۽ تباهين، قتل ۽ غارتگري کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏسي نٿو سگهجي ۽ سنڌ ۾ اهڙو ڪوبہ ماڻهو نظر نہ ايندو جيڪو هن ٻاهرئين اقتدار مان خوش هجي. (تاريخ سنڌ- ج 2- ص نمبر 47) شاهہ بيگ جڏهن وفات ڪئي تڏهن سندس پٽ شاهہ حسن ارغون 1522ع ۾ تخت تي وينو. هي بہ حد کان وڌيڪ ظالم هو. فخري بن اميري لکي ٿو تہ: شاهہ حسن ارغون مغل (چنگيز جي اولاد مان) هو ان ڪري فطري طور، سندس مزاج ۾ سختي ۽ بي رحمي موجود هئي. سنڌ تي ڌاڪ ڄمائڻ کان پوءِ، هن هتان جي رهاڪن تي، ڪابہ ڪهل نہ ڪئي. بلڪ مثالي انداز ۾ انهن جو رت وهايائين ۽ مٿن ظلم ڪيائين. سياسي بنيادن تي، هن هر هنڌ، پنهنجا امير ۽ پنهنجي قبيلي جا ماڻهو، مسلط ڪيا، جيئن ملڪي ماڻهو ڪنڌ نہ کڻي سگهن. هن (ظالم پيءُ جي ظالم پٽ) ايترو تہ ڀوسٽ پيدا ڪيو، جو ماڻهن جو ساهہ مُٺ ۾ اچي ويو- (روضة السلاطين- بحوالہ سنڌ جي طبي تاريخ- ج ٻيو- نياز همايوني) شاهہ جيئن تہ بي اولاد هو، ان ڪري سندس مرڻ کان پوءِ، هن جو امير، عيسيٰ ترخان 1554ع تخت تي وينو ۽ اهڙي طرح ترخانن جو دور شروع ٿيو، جن بہ سنڌ ۾ باهہ ٻاري ڏني. ظلم ۽ تشدد ۾ مرزا باقي ۽ بداخلاقي، بدڪرداري ۽ عيش و عشرت ۾ مرزا جاني بيگ ۽ غازي بيگ ساماڻيا.

هنن ڌارين لٽيرن ۾ غاصبن جي دور ۾، سنڌين جيڪي قربانيون ڏنيون ۽ ساڻن مقابلا ڪيا، تن جو ذڪر تاريخن ۾ محفوظ آهي. سنڌين رڻ ٻاري ڏنو، ان ڪري ارغونن سنڌ واسين جي دلين کي ناٺڻ جي ڪوشش ڪئي. پهريون تہ هو سنڌ کي وطن ڪري وينا ۽ سمجهيائون تہ زمين جو ناتو منجهن حب الوطني جو شعور پيداڪندو ۽ ٻيو تہ، سنڌين جي فوجي صلاحيت مان فائدو وٺي بابر کي بہ منهن ڏيئي سگهندا ۽ پنهنجي مملڪت جي بہ توسيع ڪري

سگهندا، ان ڪري، هو سنڌ کي وطن ڪري وينا ۽ خراسان جا خواب ختم ڪري، پنهنجي فوج کي منظم ڪرڻ لڳا.

سندن ڏينهن ۾ سنڌ جي فوجي حالت مضبوط هئي. هنن وٽ ترارون، زرهون، ڍالون، تير ڪمان ۽ زرهون جنگي هٿيار هئا. هنن جون ڪمانون سنڌ جي ڪمانن کان ڊگهيون هيون ۽ مضبوط اهڙيون هيون جو تير گهوڙن ۽ ڍڳن کي لڳڻ سان آرپار ٿي ويندا هئا. سندن گهوڙا ڊگهي ڪنڌ ۽ وارن وارا هئا. هنن سنڌ جي ماڻهن جا عهدا بحال رکيا ۽ سندن همت افزائي ڪئي. سميجا، مهر ۽ بلوچ سنڌي لشڪر ۾ شامل ڪيا ويا، جن جي بازوئن جي قوت سان مرزا شاهه حسن ارغون ملتان ۽ گجرات کي فتح ڪيو ۽ اهڙي طرح ملتان جي لانگاهه سلاطين جو خاتمو ڪيو. ارغونن ۽ ترخانن وٽ فوجي نقل و حرڪت لاءِ سنڌونديءَ تي ٻيڙو رهندو هو. فوجي اميرن کي جاگيرن کان سواءِ وظيفا به ملندا هئا ۽ سپاهين کي مال غنيمت به ڏنو ويندو هو. 1539ع ۾ همايون بادشاهه کي شيرشاهه سوريءَ پڃايو ته هو سنڌ ۾ آيو. نسلي لحاظ کان هو، شاهه حسن جو مائٽ هو ۽ رت چڪي پئي ڏني ته شاهه حسن ڀاڄوڪڙ بادشاهه جو خير مقدم ڪري. پر سنڌي افواج جو مزاج ۽ رايو ڏسي، هن همايون سان جنگ ڪرڻ جو خيال ڪيو. شاهه حسن سندس خلاف سنڌين واري پاليسي اختيار ڪئي. هن واپارين کي منع ڪئي ته، همايون جي لشڪر سان ڏيتي ليتي بند ڪن ۽ ميربحرن کي حڪم ڪيائين ته، همايون کي ٻيڙيون نه ڏين. همايون، جڏهن سيوهڻ پهتو ته اتي جا باغ شاهه حسن ويران ڪرائي ڇڏيا. نتيجو هي نڪتو جو همايون جو لشڪر بُک وگهي، پنهنجا گهوڙا ڪُهي، انهن جو ماس ڪائڻ لڳو. جوئر جو سير هڪ اشرفيءَ ۾ ملڻ لڳو. همايون جي هڪ سپهه سالار ابوالمعالي کي بکر وارن ماري وڌو. اها حالت ڏسي سندس فوج جا گهڻا سپاهي ڀڄڻ لڳا. همايون سيوهڻ جي قلعي تي قبضي ڪرڻ لاءِ آيو پر هتان جي سوڍن قلعي تي توبون چاڙهي سندس مقابلو ڪيو. همايوني فوج خندقون کوٽي قلعي جو هڪ برج ڪيرائي وڌو پر قبضو ڪري نه سگهيو. شاهه حسن

ٺٽي کان ٻيڙين تي توبون رکائي سيوهڻ پهتو. اها حالت ڏسي همايون اتان پڄي عمرڪوٽ آيو، جتي جي راجا کيس ٽن هزار سپاهين جي مدد ڏني. شاهه حسن ٻه هڪ وڏو لشڪر وٺي چاچڪن وٽ سندس مقابلو ڪيو ۽ کيس شڪست ڏيئي، ايران ڀڄائي ڪڍيو.

مرزا جاني بيگ جي ڏينهن ۾، سنڌ جي عسڪري قوت مضبوط هئي. سنڌي جديد اسلحي کان واقف ٿي چڪا هئا. . بارود ۽ آتشي هٿيار سنڌ ۾ پهچي چڪا هئا. توبن ۽ بندوقن جو رواج ٻه پئجي چڪو هو. سنڌي فوج کي يڪرنگي فرنگي لباس ڏنو ويو. لهري بندر تي چار توبون نصب ٿيل هيون. مرزا جاني بيگ ٻه پاڻ بهادر ۽ شجيع هو، هن دور ۾ اڪبر کي سنڌ فتح ڪرڻ جو شوق ٿيو. اها سنڌ جيڪا سندس سندس جنم ڀومي هئي، سندس وسيع سلطنت جي اولهه ۾ هئي. سنڌ جي خوشحالي سندس اکين ۾ ڪنڊو ٿي چڀڻ لڳي، ان ڪري هن محمد صادق خان کي ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو. سندس اشاري تي، صادق خان سيوهڻ تي چڙهائي ڪري، شهر جو گهيرو ڪيو، پر سنڌين کيس شڪست ڏيئي ڀڄائي ڇڏيو. هن شڪست اڪبر جي وقار کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو. ماثر رحيمي جو مصنف لکي ٿو ته- ”سنڌ جي فوج نه صرف اڪبري فوج کي جاني نقصان پهچايو، پر ان جو توبخانو ۽ مال اسباب کي کسي ورتو. هن شڪست فاش کان پوءِ، صادق خان درٻار ۾ حاضر ٿي، شهنشاهه کي روداد ٻڌائي. اهو سُڻي اڪبر سنڌ جي صورتحال تي، سنجيدگي سان غور ڪيو ۽ طئي ڪيو ته مرزا جاني ۽ سنڌ جي رهاڪن کي ضروري تنبيهه ڪئي وڃي.

پوءِ هن 999هه ۾، پنهنجي خاص جرنيل عبدالرحيم خان خانان کي زبردست لشڪر ڏيئي سنڌ موڪليو ۽ پاڻ صلاح مشوري ۽ حڪم احڪام ڏيڻ لاءِ لاهور ۾ اچي رهيو. مؤرخ لکن ٿا ته ”دارالسلطنت کان پري، لاهور ۾ اڪبر جي قيام مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو هِن لشڪر ڪشيءَ کي ڪيترو اهم سمجهندو هو. هن لاهور ۾، ٻيڙين جوڙڻ جو ڪارخانو کولايو ۽

خان خانان کي ٻن سَون جهازن جي آرماڙ، توبخاني ۽ هاٿين سان سنڌ روانو ڪيو. ان زماني ۾ سنڌين وٽ ٻه سو جهاز، تير ڪمانن سان ڀريل ۽ مضبوط توبخانو هو. ٺٽي ۾ 5 هزار لشڪر رهندو هو. ۽ هتي بندوقن ۽ توبن ناهڻ جو ڪارخانو به هو. هڪڙي مسلح سنڌي سپاهيءَ جي بدن تي هٿيارن جو وزن ٻه مڻن جيترو هوندو هو.

سنڌين اڪبري لشڪر سان، پورو هڪ سال، خشڪي ۽ ساموندي، ٻنهي جاين تي مقابلا ڪيا. سنڌي لشڪر هڪ تربيت يافته ملٽري وانگر خندقون کوٽي مقابلو ڪيو، پر عين موقعي تي مرزا جاني بيگ جو ڀيءُ ۽ پٽ مري ويا. عمرڪوٽ جي راڻي سوڍي اڪبر کي فوجي امداد ڏني ان ڪري مجبوراً سنڌين کي صلح ڪرڻو پيو. حالانڪ اڪبري فوج جو به سنڌي فوج نَڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو.

هيءَ هڪ تاريخي حقيقت آهي ته هند جي ٻن شهنشاهن سان هن دور ۾، جيڪي سنڌي فوج جنگيون ڪيون سي سنڌن فوجي مهارت جو زنده ثبوت آهن، نه ته ترخانن جهڙن عياش حڪمرانن کي اهڙي دل ۽ جذبو ڪٿان آيو جو، پنهنجن مائٽن سان جنگيون جوٽين ها.

مرزا جاني بيگ ۽ غازي بيگ ٻيئي، سنڌين جي فوج جي بهادري ۽ سورهيائي ڪري اڪبر ۽ جهانگير وٽ پنج هزاري ۽ ڏهه هزاري منصبن تي فائز ٿيا.

سنڌ واسين، تڏهن به هنن مغلن ۽ ترخانن جي غلامي قبول نه ڪئي ۽ سنڌ کي مغلن جي تسلط کان ڇڏائڻ لاءِ هڪ منظم تحريڪ هلايائون، جن جو ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ڪيون ٿا.

مغلن جو دور

مغل گورگان، هندوستان جي مغلن جو ڏاڏو، امير طرغلائي برلاس جو پٽ هو، جيڪو 1333ع ۾ ڄائو. سندس وڏا چغتائي جي دربار ۾ وزارت تي معمور هئا. قيشن شهر سندس جاگير هئي. هجري 9 صدي جي پڇاڙي ۽ عيسوي 15 صدي جي شروعات ۾، تيموري شهزادا، خراسان افغانستان ۾ نظر اچن ٿا. منجهان ظهيرالدين بابر بن عمر شيخ مرزا بن ابو سعيد بن سلطان مرزا بن ميران شاهه بن امير تيمور گورگاني ڪابل جو بادشاهه هو، جنهن1526ع ۾ هندوستان کي فتح ڪيو. سندس پٽ همايون 1555ع ۾ ٻيهر تخت کي هٿ ڪيو. همايون کي، سنڌ ۾ جلاوطني جي حالت ۾ اڪبر پٽ عمرڪوٽ ۾ ڄائو. جڏهن اڪبر (1556ع) تخت تي وينو تڏهن 1591ع ۾ سنڌ کي پنهنجي جاگير شاهي ۾ داخل ڪيو. 1605ع کان 1627ع تائين جهانگير تخت تي وينو. 1627ع کان 1658ع تائين شاهجهان شهنشاهي ڪئي. 1658ع کان 1707ع تائين اورنگزيب عالمگير شهنشاهت جي حدن کي، اپرندي ۾ اراڪان ۽ دکن جي چيڙي تائين پهچائي ٿو. هن دور، سنڌ تي دهلي پاران نواب حڪومت هلائيندا هئا. سنڌ ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. بکر ۽ ٺٽو. بکر تي 27 نوابن ۽ ٺٽي تي 38 نوابن حڪومت ڪئي. ٻئي حڪومتون ملتان جي ماتحت هيون. ٺٽو پنجن ۽ 18 محالن ۾ ورهايل هو. بکر 12 محالن ۾ ورهايل هو.

(تاريخ تمدن سنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 542)

مغلن جي دور ۾، فوجي قوت مضبوط هئي. مغليہ فوج چئن قسمن ۾ ورهايل هئي. ”سرڪاري، منصبداري، داخلي ۽ عهدي فوجن ۾ اڪثر افغان، سيد، بلوچ ۽ راجپوت ڀرتي ٿيندا هئا. سپاهين وٽ بندوقون هيون. عراقي گهوڙي رڪندڙ جي ماهوار پگهار 30 روپيا ۽ رواجي گهوڙي رڪندڙ سوار کي ماهوار ٻارهن روپيا پگهار ملندي هئي. پيادل سپاهيءَ کي ماهوار ويهه روپيا

پگهار ملندي هئي. منصبدار جي ماهوار پگهار هڪ سؤ کان وٺي ستن سون تائين هئي. ، منصبدار پاڻ وٽ سوارن جو دستو رکندا هئا، جن لاءِ ڪين حڪومت کان پگهار ملندي هئي. توبخانو ٻن قسمن جو هو. هڪڙو وزندار، جن کي هاٿي ڇڪيندا هئا ٻيو هلڪو توبخانو جو ٻيڙين وسيلي ڪٿجي سگهندو هو. ڪي توبون اُنن مٿان ٻه ڪڄنديون هيون، جهڙوڪ زنبورڪ ۽ شترنال. اهي توبون تيل جون هيون. فوجي هٿيارن ۾ خود، چلته، چار آئينه، زرهه، بڪتر، ترار، ڍال، نيزو، قرابين ۽ بندوق هيون. جنگ ۾ هاٿي، سوار ۽ پيادا دستا دشمن سان لڙندا هئا. مغليه لشڪر خندقن کوٽڻ ۽ قلعن کي بارود سان اڏائڻ کان ٻه واقف هئا. هنن مغربي سفيد فام قومن کان ٻه ڪم ورتو، جن آگري ۽ لاهور ۾ توبن ڍالڻ جا ڪارخانا کوليا، ۽ وڏين پگهارن تي مغليه توبخاني ۾ ڪم ڪندا هئا. هر هڪ فرنگي توبچيءَ کي ماهوار ٻه سؤ پگهار ملندي هئي. فوجي منصبدارن وٽ نقارا ۽ جهنڊا ٻه هئا. سنڌ جي عوام کي هنن پنهنجي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. اورنگزيب پنهنجي ملتان جي نائبي جي زماني ۾، بلوچن کي ويڙهائي، نوحاڻين، هوتن، نومڙين ۽ جوکين کي ڪمزور ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو پر پوءِ سنڌ جي مغليه نوابن کي مجبورن بلوچن سان دوستي رکڻي پيئي. (جنت السنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 425)

مغل حڪمرانن، سنڌين کي پنهنجو ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر سندن نوابن سنڌ جي مسلمانن سان ڌورن کان بدتر ورتاءُ ڪيو. جهانگير پنهنجي تزڪ ۾ پنهنجي ٺٽي جي نواب مرزا رستم لاءِ لکيو آهي ته- ”ماڻهن سان هن ايڏا ظلم ۽ تعديون ڪيون، جو چؤطرف دانهن پئجي ويئي، ۽ ٻيون ٻه ڪيئي خرابيون هن بابت ٻڌڻ ۾ آيون.“ سندس هڪڙي مغل نواب فوج علي بابت جيڪو بکر جي ماتحت هڪ جاگير جو حاڪم هو، ان لاءِ ذخيرة الخوانين ۾ آيل آهي ته ”ٻه ڪٽاهه پاڻي جا، سدائين وٽس باهه تي پيا ٽهڪندا هئا ۽ ڪوبه چور يا ساڌو يا ٻيو ڪو ڏوهي يا بيڏوهي هٿ چڙهيس ته، ان جا هٿ پير ٻَڌي، انهن ڪٽاهن ۾ اڇلارائي ڇڏيندو هو ۽ اهي اتي ئي رَجهي پاهه ٿي ويندا هئا.

اٽڪل هڪ هزار کن ماڻهو، اُن پٽ جا هن اِئين ماريا. ڪميٽپ ۽ بي پرواهي ۾ هن جو ٻيو ڪو مثال نہ هو.“ شاهجهان جي دور ۾، نواب احمد بيگ، جيڪو سيوهڻ جو گورنر هو، بيحد سُست، نااهل ۽ نڪمو هو، جنهن حڪومت جون واڳون، پنهنجي ڀاءُ مرزا يوسف جي حوالي ڪيون، جنهن پنهنجي ظلم ۽ ڪنورتا سان، سڄي صوبي کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. هو هر روز شهر جي بي گناهہ ماڻهن کي (ڪوڙا) هٽائيندو هو. ڌُرن جي لڳندي لڳندي مظلومن جي گل لهي ويندي هئي ۽ اڪثر اهي مري ويندا هئا. ائين ٻن ٽن سون بي گناهن جو مرڻ، هن لاءِ روزانو جو معمول هو. صوبي ۾ جنهن بہ ماڻهو بابت خبر پوندي هيس تہ مالدار آهي، ان تي ڪوڙيون تهمتون رکي، پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ معمولي سوال جواب کان پوءِ، پهريون تہ هن کي خوب ڌُرا هٽائيندو هو. ان کان پوءِ هن جو سڄو مال اسباب ضبط ڪري وٺندو هو. سندس هي سلوڪ نہ رڳومَردن سان هوندو هو، پر مالدار عورتن سان بہ اهائي ڪار ڪندو هو.
(تاريخ مظهر شاهجهاني- مترجم. نياز همايوني ص نمبر 133)

سنڌ جي عوام، جنهن دلي طرح مغل راڄ کي قبول نہ ڪيو، تنهن پنهنجي فوجي صلاحيت کي ڪم آڻيندي، مغل سامراج خلاف بغاوت شروع ڪئي. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ- سنڌ جا طاقتور ۽ نامور قبيلا، شروع کان وٺي، مغلن جي تسلط کي ذهني طرح سان قبول ڪري نہ سگهيا هئا. مرڪز جي ڪمزوري ۽ ڀائرن جي جنگ و جدل ۽ هڪ ٻئي خلاف، سازشن جو فائدو وٺي، سنڌين ازسر نو پنهنجي هلچل جو آغاز ڪري ڏنو. اورنگزيب انهن آزاديءَ جي سورمن کي، متمردن جي شرارت ۽ رهزنن جو فساد سڏي ٿو. حالانڪ شاهجهان جي زماني اندر بہ اها تحريڪ موجود هئي. اورنگزيب 28 نومبر 1650ع ۾ سنڌ جي صورتحال بابت، شاهجهان کي جيڪو خط لکيو. ان ۾ سنڌ جي سورهين بابت هيٺيان نقطا واضح ٿين ٿا: 1- سنڌ تي ڌارين، ارغونن جي دور ۾ قبضو ڪيو ۽ سنڌين جي جدوجهد آزادي جو آغاز، ارغونن جي دور کان شروع ٿيو، سو ترخانن کان ٿيندو اڪبر ۽ جهانگير جي دور ۾

قائم رهندو، شاهجهان جي آخري ايامن تائين اچي پهتو هو. ۽ انهيءَ سلسلي ۾ تقريباً سمورا قبيلا متحد طور، برسر پيڪار هئا. 2- عالمگير تسليم ڪري ٿو تہ مغلن ڪان اڳ بہ، سنڌ جي قبيلن ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ ڪونہ نِوايو هو- (تذڪره امير خاني- ص نمبر 352) جناب غلام حيدر گبول لکي ٿو تہ، ”سنڌ جا آزاد، فارغ البال باشندا، مغلن جي اثر ۽ اقتدار کي پسند ڪونہ ڪندا هئا. سنڌين جي طبيعتن مان آزاد زندگيءَ جو روح فنا ڪونہ ٿيو هو. مغلن جي طرز حڪومت سان سنڌين جي ڪا گهٽي دلچسپي ڪانہ هئي.“

ان دور ۾ سنڌ جي سميجن، انڙن، ڏاريجن ۽ ٻين سنڌي ذاتين، جيڪي مغليہ گورنرن، انهن جي لشڪرن، نوابن ۽ جاگيردارن سان لڙايون لڙيون، سي سندن فوجي مهارت، پنهنجي انانيت، خودداري ۽ قومي غيرت جو زندهہ ثبوت آهن. جناب رسول بخش پليجو لکي ٿو تہ، ”سنڌ جي وطن دوست ماڪوڙين، سامراجي هاٿين سان نہ رڳو وڙهڻ جي جرئت ڪئي پر هنن ڪين اهڙا ٽوٽا چباپا، جو سامراج جي بدن مان سدائين سوٽون اپرنديون رهيون. بي واجبي ڍلن مڙهڻ، بي واجبي گرفتارين ۽ ٻين ظلمن خلاف اٿي ڪڙا ٽيندا هئا ۽ سامراجي ڪامورن ڪانوني ويندي سامراجي حاڪمن تائين، ڪنهن تان ڪونہ ٽرندا هئا. هڪڙو سنڌي قبيلو اهڙو هوندو هو، جنهن جي سامراج دشمن ويڙهہ جي پيٽ، اسين سڄي هندوستان توڙي ٻي دنيا جي نامور آزادي پسند، قبيلن جي ويڙهہ سان ڪري سگهون ٿا.“ (جن جهونا ڳڙهہ جلايو- ص نمبر 52) ان دور ۾ نومڙيا ۽ جوکيا ٻين قبيلن سان متحد ٿي، ملڪ اندر منتشر لڙائي لڙي رهيا هئا. هارون، ڪڙتل، ڪانيو، نومڙين مان ۽ جوکين مان مريد جوکيو، پنهنجي همراهن سان انهيءَ تحريڪ جي، مهنداري ڪري رهيا هئا. جن جي جدوجهد جو دائرو، سنڌ مان وڌي، هڪ طرف ڪيچ مڪران ۽ ٻئي پاسي ڪَڇ ڀڄ تائين پهچي چڪو هو. جعفر نومڙيو، علي جا پٽ، حاجي رونجهو، ڄام جمعو، ٻڍو نهمردي وغيره پڻ ساڳئي تحريڪ جا معاون ۽ مددگار هئا. خاص نٽي جي، علائقي ۾ ڪڪرالي جا ڄام، جهڙوڪ: ستابو، هالو ۽ گاهي هالو عالمگير جي

قول مطابق دست اندازي ڪري رهيا هئا. سنڌين جي ان خودمختياري ۽ آزاديءَ واري تحريڪ کي منهن ڏيڻ لاءِ مرڪز طرفان، ملڪ حسين کي موڪليو ويو. پر سنڌين جي فوجي قوت ايڏي تہ مضبوط ۽ قوي هئي جو مغلن جو لشڪر ڪين دٻائي نہ سگهيو. پير حسام الدين لکي ٿو تہ- ”باوجود وڏي لشڪر، توبن، تفنگن، غرابن ۽ غورابن جي بہ ملڪ حسين، سنڌي قبيلن جي پنيان ناڪام هلندو رهيو.“ (تذڪره امير خاني- ص نمبر 353)

ٺٽي جي صوبيدار جوکين تي غير واجبي ڏل مڙهي، پر هنن اها ڦرلٽ قبول نہ ڪئي ۽ پنهنجن ڳوٺن مان لڏي جبل طرف روانا ٿي ويا. ان تي شاهہ محمد فوجون وٺي سندن پنيان ويو. مغلن تلوارن ۽ نيزن جي لڙائي ڪئي ۽ جوکين تيرن جي. آخر جوکين، شاهہ محمد کي 50 فوجين سميت قتل ڪري، سندن گهوڙا ۽ هٿيار لُٽي جبل ۾ گهڙي ويا. نومڙين جي ٽن سون سوارن ۽ اٺ سؤ پيادن سان مغلن جي لشڪر بندوقن سان مقابلو ڪيو، پر مغلن جي ازبڪ فوج ڪان ڪوبہ ڪڙ تيل نڪري نہ سگهيو. شاهجهان جي ڏينهن ۾، شورا، دل ۽ ٻبر ٽن قبيلن سندن حڪومت کي تباهہ ڪري ڇڏيو. ٺٽي جي گورنر خسرو بيگ جو پٽ رستم سندن هٿان قتل ٿي ويو. ان ڪري هو فوج وٺي مٿن ڪاهي ويو پر ناڪام وريو. جهانگير جي ڏينهن ۾، هنن ٽولن جي قوت کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏي فوج رواني ڪئي ويئي. سنڌين کي بہ خبر پئجي ويئي ۽ هو گهَٽ وٺي ويهي رهيا، تان جو نيرون ڪوٽ جي آسپاس اچي پهتا. سنڌين هر سوار سان چار پيادا، يعني بہ سوار هڪ پاسي ۽ بہ ٻئي پاسي ڪري ويهاريا. جيئن مغلن حملو ڪيو تہ سنڌين جي پيدل فوج دشمنن جي گهوڙن جو ٺنگون ڪپي ڇڏيون ۽ مغليہ فوجن گهوڙن جي پُنن تان اچي ٿي پَٽ تي ڦهڪو ڪيو.

مغلن جو سپهہ سالار خواجہ محمد سلطان مارجي ويو ۽ ٻيا شڪست کائي وڃي نيرون ڪوٽ ۾ لڪا (تاريخ مظهر شاهجهاني- سنڌي ترجمو- نياز همايوني- ص نمبر 241) مغلن جي دهليءَ واري مرڪزيت جي دور ۾ سنڌين جي هنن مسلسل

جنگين، راتاهن، شب خونن، دوبدو لڙاين مان، سنڌ واسين جي فوجي مهارت ۽ آزاديءَ لاءِ محبت جو ثبوت ملي ٿو ۽ پتو پوي ٿو تہ هيءَ قوم، پنهنجي بهادري، سورهيائي ۽ شجاعت جي لحاظ کان هڪ غير معمولي ۽ شاندار روايتن جي وارث رهي آهي. اهڙين شڪستن ۽ سنڌين جي روزانہ جنگين ۽ جهڙپن کان ڪَڪ ٿي، سندن آزاديءَ جي جدوجهد کي تسليم ڪندي، آخر مغلن سنڌين کي خودمختياري ڏيئي ڇڏي ۽ اهڙي طرح سنڌ وري بہ هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت ماڻي، جنهن ۾ مادرِ وطن جي فرزندن جي عظيم قربانين کي بنيادي حيثيت حاصل آهي.

ڪلهوڙن جو دور

ڪلهوڙا سنڌ جي اصل رهاڪن جو هڪ مُک قبيلو هئا، جيڪي سنڌ جي بين پاڻ جهڙن، مُک قبيلن وانگر سدائين سنڌ جي ڌارين خلاف، پنهنجي مُنهن وڙهندا رهندا هئا. سنڌن وڏو ڄام چنو، ستن مُک قبيلن ڪوريجن، سهتن، چنن، سمن، مهرن، ٻلالن ۽ ڏهرن جو پڳدار هو. هن سيوهڻ کان ڇهه ڪوهه پري جهانگارا باجارا جا شهر ٻَڌايا. هو هڪ وڏو ڀاڳيو ۽ سجاڳ زميندار هو ۽ وڏي ساک وارو، سخي، پهلوان مڙس هو. هن 1220ع ۾ وفات ڪئي. هن قبيلي مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو پيدا ٿيو، جنهن جا ڪافي مريد هئا. هو الله وارو ۽ درويش صفت انسان هو. سندس ڏينهن ۾ خان خانان سنڌ تي ڪاهه ڪئي. هن ترخانن ۽ مغلن جي تصادم جو فائدو ورتو، پنهنجي مريدن کي منظم ڪري، ڌارين فاتحن جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. ان ڪري ملتان جي گورنر کيس شهيد ڪرائي ڇڏيو. ان کان پوءِ هن جي پوٽي ميان الياس گادي سنڀالي. ميان الياس کان پوءِ شاهل محمد پنهنجي مريدن کي گڏ ڪري مغلن خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو، جنهن ڪري کيس شهيد ڪيو ويو. ڪانئس پوءِ ميان نصير محمد 1657ع ۾ شاهجهان جي ڏينهن ۾، گاديءَ کي زور ونرايو، جنهن جي وفات کان پوءِ سندس پُٽ دين محمد گاديءَ تي وينو جنهن مغلن خلاف بغاوت کي زور ونرايو، ان ڪري کيس قتل ڪيو ويو. ميان دين محمد کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ ميان يار محمد پنهنجي اهل عيال ۽ بين پنهنجن ماڻهن سميت جابلو علائقن ۾ پناهه ورتي ۽ اتان مغل شهزادي معزالدين سان جنگ جاري رکي ۽ ان کي شڪست ڏني. ان کان پوءِ هو جبلن تان هيٺ لهي آيو ۽ نئينگ کان تيندي، منڇر ڊنڊ جي ڪناري وارا شهر سامتائي ۽ ڳاهن جي ايراضي، فتح پور، شڪارپور، ڪڇيرو، ڪاري، ڪنديارو ۽ لاڙڪاڻو آزاد ڪرائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيا. 1701ع ۾ مغلن پنهنجي اختيار جي سج جو زوال ڏسندي سبي، بکر ۽ سيوهڻ جي علائقن جا اختيار سندن

حوالي ڪري خدايار خان جي لقب سان گڏ خلعت، سوني جڙت واري ڪَلنگي، ترار، گهوڙو ۽ هاٿي بہ هن جي پذيرائيءَ طور ڪيس ڏنا. (شاهہ سچل سامي- محمد ابراهيم جويو- ص نمبر 55) هن اتر سنڌ ۾ پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪري، خداآباد کي پنهنجو تخت گاهہ بڻايو. 1718ع ۾ ميان يار محمد جو پُٽ نور محمد تخت ڏٽي ٿيو، جنهن لاڙ ۾ ڪڪرالو ۽ سري ۾ شڪارپور ۽ سيوي تائين قبضو ڪيو. 1736ع ۾ دهلي سرڪار کان بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽو فتح ڪري، ساري سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳو. ان کان پوءِ غلام شاهہ دبدبي سان حڪومت هلائي. آخر ۾ 1783ع ۾ ٽالپرن کانئن حڪومت گسي.

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪلهوڙا دور سياسي، ثقافتي، اقتصادي ۽ فوجي لحاظ کان وڏي اهميت جو حامل آهي، ميان يار محمد، نور محمد ۽ ميان غلام شاهہ هن خاندان جا روشن ستارا هئا جن سنڌ کي آزاد، خودمختيار، سرسبز ۽ عوام ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ پنهنجي محدود وسيلن ڪتب آڻڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي. هنن سنڌ جي جاگرافيائي وحدت کي بحال رکڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ڪيون. ملڪ ۾ آبپاشي ۽ زراعت کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هنن سنڌ ۾ واهن جو جار وڇايو. مسٽر ڊيل هوسٽ ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ ڪوٽايل هي واهہ ڄاڻايا آهن. پراڻ، نارو، اڙل، قليلي، گوني، پيڄارو، گانگرو، لکي، سيتا، بگهاڙ، داديجي، گهار، امرڪس ۽ نُور واهہ. واهن جي انتظام ڪري سنڌ جي آباديءَ ۾ اضافو ٿيو ۽ ماڻهو روزي ڪمائڻ لائق ٿيا. ڪلهوڙن حاڪمن مراد آباد، الله آباد ۽ خدا آباد شهر تعمير ڪرايا. ميان غلام شاهہ، شاهبندر جو بندر ٺهرايو ۽ پراڻ جي موريءَ کي بند ڏياريو، جنهنڪري ٺٽر جي آباديءَ ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. ملڪ جي زراعت زور ورتڻ ڪري سنڌ جي سالياني اُپت وڏي اسي لکن تي پهتي. سندس دور ۾ امن امان هو ۽ عوام اطمينان سان پنهنجي روزاني ڪِرت ۾ رُڌل هو. گلدستہ نورس بهار جو مصنف لکي ٿو تہ، ”رستن جو امن ۽ رعيت جي بهبودي تمام اعليٰ درجي تي پهتل آهي. مسافر توڙي مقامي ماڻهو،

پنهنجي ڪاروبار ڪي لڳل آهن. هِت ايڏي پئماني تي امن امان آهي جو مسافر، هر انديشي کان فارغ ٿي، رات ڏينهن امن امان سان هر هنڌ اچن وڃن ٿا.“

ڪلهوڙن جي دور ۾، سنڌين جي فوجي قوت نهايت مضبوط هئي. ڪلهوڙا بذاتِ خود هڪ بهادر ۽ با اثر زميندار هئا جن ٻه سؤ سالن جي، غير سنڌي حڪومت کان، سنڌ کي پنهنجي سياسي بصيرت، سرجوشي، بهادري ۽ ذهانت سان آزاد ڪرايو ۽ سنڌ ۾ سنڌين جي حڪومت قائم ڪئي. هنن پنهنجي فوج کي چڱي خاصي تربيت ڏني هئي ڇوته هنن کي پنهنجي دور حڪومت ۾ ڪيترين لڙايون ڪرڻيون پيون. هنن کي دهليءَ جي مغلن کان سنڌ، انهن جي فوجي ڪارنامن جي ڪري ئي ملي هئي. ”ڪتاب التبصرة الناظرين“ جي بيان مطابق ڪلهوڙن جي فوج پروري حيرت انگيز هئي. (سنڌ جو عسڪري نظام- ڊاڪٽر محمد علي قاضي ص نمبر 286) هن دور ۾ ميان يار محمد، ميان نور محمد ۽ ميان غلام شاهه مشهور فاتح ٿي گذريا آهن ۽ راڄو ليکي، حبيب الله نائچ، محمد حسن ڪهاوڙ، الله بخش جهنجهڻ، عزت يار خان، تاجو سامٽيو، تاجو جتوئي، بلاول نائچ، شالمين شيدي، ٻيو خان، ڏگاٽو خان جتوئي، بجار جوکيو، محراب خان جتوئي ۽ شاهه ٻهارو مکيه سپهه سالار ٿي گذريا آهن. ڪيترين ئي جنگين ۾ پاڻ موکيو. شاهه ٻهارو جهنجهڻ هن دور جو، چانڊڪا پرڳڻي جو ڪماندر انچيف هو، جنهن جي ڪمان ۾ ڏهه هزار سپاهه هوندو هو. هن 84 جنگيون ڪيون ليڪن هر جنگ ۾ ڪاميابيءَ سندس قدم چميا.

ڪلهوڙن جي فوج هڪ طرف بهادر ۽ بي باڪ هئي ته ٻئي طرف تربيت يافته ٻه هئي. هيءَ فوج هر وقت تيار رهندي هئي. ان وقت سنڌي فوجن جي طاقت جو اندازو آئين اڪبريءَ ۾ هِن ريت ڏيکاريل آهي. ڪلمتي بلوچ لکيءَ وارا ويهه هزار سوار ميدان ۾ آڻيندا هئا. نومڙيا سيوهڻ جي ٿَر ۾ سؤ سوار ۽ ست هزار پيادل فوج جي طاقت رکندا هئا. مزاري بلوچ هڪ هزار جوان وقت سر ميدان ۾ آڻيندا هئا. ميان يار محمد ڪلهوڙي جو فوجي فورس اعليٰ پائي جو هو. هن جي فوج ۾ بلوچ ۽ سنڌي سپاهي هئا. هن سنڌي ۽ بلوچن کي

دعوتون ڏيئي فوج ۾ ڀرتي ڪيو ۽ سنڌن سردارن کي جاگيرون ڏنيون. هن بلوچن جي مدد سان سڄي سنڌ تي قبضو ڪيو. هن پنهنجي آرمي فورس جي طاقت ۽ سورهيائي سان ئي مغلن کان سنڌ آزاد ڪرائي. ميان نور محمد ڪلهوڙو هڪ اعليٰ فوجي جرنيل هو. هو پنج هزاري منصب تي فائز هو. هن جي فوج ۾ سمات ۽ بلوچ سپاهي هئا. هن ڏاريجا لاڙ ۾، عمرڪوٽ ٿر ۾، سِري ۾ شڪارپور ۽ لکي ۽ عبدالله خان ”شهباز- ڪوهستان“ کان ڪڇي فتح ڪري، سنڌ جي سرحدي پرڳڻي چانڊوڪي ۾، لاڙڪاڻي کي تختگاهه جوڙي، اتي مٽيءَ جو قلعو تعمير ڪرائي مٿس توبون رکائي ڏهه هزار لشڪر شاهه بهاري جي نگراني هيٺ رکيو. ميان نور محمد پنهنجي لشڪر کي جديد اسلح سان آراستہ ڪيو. سندس مدراس جي راجا سان دوستي هئي، جنهن جي معرفت هن انگريزي قلعي کان پراڻيون توبون خريد ڪيون. ڪي توبون پرچوگيزن ڪيس سوکڙيءَ طور ڏنيون هيون. جڏهن سيويءَ کي شڪارپور جي افغانن فتح ڪيو، تڏهن ميان نور محمد، پنهنجي پٽ دائود خان جنهن ترتيب سان ميدان جنگ ۾، ڪبي ۽ سڄي کان سپاهه آرائي ڪري، دشمن تي حملو ڪيو، سو قابل تحسين آهي. دشمن کي شڪست ملي ۽ ڪلهوڙن کي فتح حاصل ٿي. ميان نور محمد جو ٻيو پٽ غلام شاهه بہ نهايت بهادر ۽ دلير جوان هو. جڏهن هن عطر خان کي شڪست ڏني، تڏهن قنڌار جي بادشاهه ڪيس شاهه وردي جو خطاب ڏنو. ان کان سواءِ جڏهن هن ڪڇ جا بندر فتح ڪيا، تڏهن بادشاهه ڪيس صمصام الدولہ جو خطاب ڏنو. (تحفة الڪرام- مير قانع ٺٽوي ص نمبر 266)

ڪلهوڙن ايشيا جي ٻن عظيم قوتن ۽ ڏاڙيلن نادر شاهه ايراني ۽ احمد شاهه ابدالي سان جيڪي جنگيون جوٽيون سي سنڌن ملٽري فورس ۽ عسڪري نظام جو زنده ثبوت آهن. چون ٿا تہ جڏهن نادر عمرڪوٽ وجي رهيو هو، تڏهن ماڇي قبيلي جي فوج جو هڪ دستو نادري لشڪر جي سامهون رستو روڪي بيهي رهيو ۽ وڏي بهادريءَ سان وڙهيو. اها جنگ اجا

جاري هئي تہ رڻ پٽ جي پاسي کان هڪ ٻي فوج نمودار ٿي. اها مهيري قبيلي وارن جي فوج هئي، جنهن ۾ فقط نو سؤ سوار هئا پر انهن اهڙي تہ تيزيءَ سان حملو ڪيو جو ايرانين جا پير اکڙي ويا. پر وطن جي ويرين نادر کي ڪامياب ڪرايو. هن دور ۾ پاڻيپٽ جي ٽين جنگ ۾ سنڌي سپاهي وڙهندي نظر اچن ٿا. 1761ع ۾، جڏهن احمد شاهہ ابداليءَ کي هندوستان جي مسلمانن، مرهٽن ۽ سِکن جي تشدد کي ختم ڪرڻ لاءِ هن کي گهرايو تڏهن سرفراز خان ڪلهوڙي، شاهہ فقيرالله علوي جي چوڻ تي ڪافي سنڌي فوج ساڻس رواني ڪئي، جنهن اسلام جي بلنديءَ لاءِ، ڪفر جي ڪوٽن کي ڪيرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پنهنجي اسلام دوستي جو ثبوت فراهم ڪيو. (ماهنانہ نئين زندگي- 1971ع ڪريم بخش خالد. سنڌ ۽ آزادي جي جدوجهد)

هن دور ۾ جنگي هٿيارن ۾ تير، تلوار، ڀالا، خنجر، ڍال، توبون ۽ بندوقون ڪم ايندڙيون هيون. جنگ جي ميدان ۾، گهٽو ڪري گهوڙا استعمال ٿيندا هئا، وقتي هاٿي بہ ڪم ايندا هئا. هر سپاهيءَ کي ماهوار پگهار ٽي روپيا ۽ سوار کي گهوڙي لاءِ روزانو هڪ روپيو ملندو هو. فوجين کي سرڪاري راشن بہ ڏنو ويندو هو.

بهرحال ڪلهوڙن جو دور سنڌ جي عسڪري نظام جي لحاظ کان اعليٰ پائي جي حيثيت رکي ٿو. جنهن جي زور ۽ قوت تي ڪلهوڙن، سنڌ کي دهلي جي مرڪزي تسلط کان آزاد ڪرائي، نادر شاهہ، مدد خان پناڻ ۽ تيمور شاهہ جي شورش کي منهن ڏيئي هڪ خودمختيار ۽ پاڻ ڀرو ملڪ بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ٽالپرن جو دور

ٽالپر اصل ۾، ايراني ميد آهن، جي ڪلهوڙن جي صحبت ۾ رهي، سنڌ ۾ آيا ۽ آهستي آهستي زور وٺي حڪومت تي قابض ٿيا. ٽالپر اصل ۾ ٽال-پور آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ٽال يا ٽالي خان جو اولاد- ٽالپرن کي ٽالمر يا تن مير سان ٻه ملايو ويندو آهي، جنهن کي يوناني پالميرا سڏيندا هئا. جيڪڏهن اِئين آهي ته ٽالپر عرب، قبطي، يوناني، يهودي ۽ رومين جي مخلوط نسل مان آهن. ٽالپرن جي شڪل شباهت، اُٺ ويهه، بدني بناوت ۽ پڻ سندن ٻوليءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي آريا آهن، جي يا ته ڪردن جي جنگجو قبيلي جي هڪ شاخ آهن يا ميد آهن، جن ايران، خراسان ۽ آذربائيجان جي علائقن تي ڪيترا سؤ سال حڪومت ڪئي. سندن اصل وطن مازندران يا ڪئسپين سمنڊ جي ڏکڻ اوڀر وارو علائقو آهي. (شالمين شيدي- ڊاڪٽر ممتاز پناڻ- نئين زندگي) مؤرخ سنڌ مولائي شيدائي جو چوڻ آهي ته ٽالپور لفظ ٻن بلوچي لفظن جو مرڪب آهي. ٽال معنيٰ شاخ- ٻر معنيٰ وڏڻ. وڻ چانگيندڙ يا ڪانيار- ٽالپرن مان مير آلودو خان ۽ مير مسعود خان ميان مير محمد جا مريد هئا، جن کي ميان يار محمد دعوت ڏيئي خداآباد گهرايو- رچرڊ برٽن جو چوڻ آهي ته جڏهن هو سنڌ ۾ آيا، تڏهن هنن ٻنهي سردارن جي ڪلهن تي ڪانيو ۽ هٿن ۾ ڏاس جي ڍيري هئي، جا هو وٺيندا آيا. سندن پنيان ٻڪرين جو ڌڻ هو ۽ سندن ٻار ٻچا ۽ اثالو گڏهن تي سوار هو. اهڙي حالت ۾ هو تختگاهه خدا آباد ۾ وارد ٿيا. بلوچ سنڌي آهن ۽ بلوچستان جي سيني ضلعن لسٻيله، مڪران، جهالاوان، قلات، خاران ۽ ڪڇي ۾ سنڌي قومن جو تعداد تمام گهڻو هو. سلطان محمد غزنوي جي والده سيتان جي بلوچاڻي هئي. رند ۽ لاشار جي جنگ ۾، سمن لاشارين جو طرف ورتو هو. ٽالپرن کان اڳ بلوچ پهريان سنڌي هئا جن شاهجهان جي ڏينهن ۾ مغلن جي خلاف فساد ڪيا هئا. ٽالپرن کان اڳ ڪوسا ڪلهوڙن جي لشڪر ۾ سپاهي هئا جن کي ڪلهوڙن کان جاگيرون مليل هيون. مير شهداد خان کي

جيڪڏهن يار محمد ڳهرائي سپهه سالار ڪيو ته ان معنيٰ نه آهي ته سنڌي بلوچ ٻه جدا قومون آهن. حقيقت ۾ بلوچ هڪ جنگجو سنڌي قوم آهي جا پنهنجي هن فطري طبيعت ڪري هر وقت سنڌ ۾ با اقتدار حيثيت سان زندگي بسر ڪري ٿي. (تاريخ تمدن سنڌ ۽ جنت السنڌ- مولائي شيدائي)

مِيان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ ڪلهوڙن حاڪمن سمات وزيرن جي ڇُرچ تي ٽالپري سردارن کي مارائڻ شروع ڪيو. ان ڪري ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جي وچ ۾ 1783ع ۾ هالاڻيءَ جي جنگ لڳي، جنهن ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ملي ۽ سندن حڪومت جو بنياد پيو. جملي ڇهن اميرن 1843ع تائين حڪومت ڪئي. سندن ٻه چوياريون مشهور آهن. مير فتح علي خان 1783ع کان 1802ع تائين حڪومت ڪئي. هن سنڌ کي ٽن خاندانن ۾ ورهايو. جيڪي مير شهداد خان پيڙهي مان هئا سي شهداداڻي سڏجڻ لڳا ۽ سندن تختگاهه حيدرآباد ٿيو. مانڪاڻي ٽالپرن جو ميرپور خاص ۽ سهراباڻين جو خيرپور ٿيو. انهن ٽنهي رياستن جو نظامِ حڪومت هي هو ته جڏهن ڪوبه دشمن، حملو ڪندو ته هو ٽيئي متحد ٿي، ان جو مقابلو ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ تي پاڻ قبضو ڪندا هئا ته اهو انصاف سان پاڻ ۾ ورهائيندا هئا. هنن حاڪمن پنهنجي ٻَڌيءَ سان سنڌ جا اصلوڪا علائقا ٻه واپس ورتا، جيڪي ڪلهوڙن جي دور ۾، ٻين جي قبضي ۾ هئا. مثلاً سبزل ڪوٽ کي نواب بهاولپور کان، ڪراچي ۽ ان جي ٻين علائقن کي خان قلات کان، ۽ ريگستان کي راجا جوڌپور کان واپس ورتو. اهڙي طرح هنن سنڌ جي حڪومت کي وسعت بخشي مضبوط ڪيو. (لُب تاريخ سنڌ- ص نمبر 145)

ٽالپر بلوچ هئا. سندن پيشو سپهه گيري ۽ هٿيار هلائڻ هو، ان ڪري هنن جي ڏينهن ۾ سنڌ جو آرمي فورس مضبوط هو. مولانا قدوسي صاحب جو هي چوڻ بلڪل غلط آهي ته "ٽالپر حڪومت وٽ ڪنهن به قسم جي فوج نه هئي، صرف چند سپاهي قلعي حيدرآباد ۾ متعين هئا- (تاريخ سنڌ- جلد 2- ص نمبر 777) پر حقيقت هن طرح آهي ته وٽن باقائده سِڪيا ورتل فوج هئي. ان دور ۾ هر

سنڌي، سپاهي هو. نازڪ حالت ۾، سردارن تي سپاهي فراهم ڪرڻ جو تعداد مقرر هو. ميرن جي گڏيل فوجن جو 11 سوار ۽ 19 هزار پيادا هئا. ماڙڪاڻي ۽ سهراباڻي پنجاهه هزار لشڪر ڏيندا هئا. قلات ۾ 33 هزار، بهاولپور ۾، 3 هزار سوار ۽ 5 هزار پيادل فوج ۽ جنگ وقت سردار 17 هزار لشڪر گڏ ڪري ڏيندو هو. ملتان ۾ 2 هزار سوار ۽ چار هزار پيادل فوج هئي. شهداداڻين، ماڙڪاڻين ۽ سهراباڻين جي گڏيل فوج هئي. مير فتح علي خان 25 هزار لشڪر آڻي سگهندو هو. سهراباڻي لشڪر جو تعداد 10 هزار هو. ميرن جي لشڪر ۾ نظاماڻي، لغاري، پتافي، جوکيا، جمالي، پرڳڙي، بوزدار، مري، چانگ، ڪٽياڻ، ڪپري، لاشاري ۽ شيدي وغيره شامل هئا، جيڪي سڀ سنڌي هئا. خيرپور رياست جي لشڪر ۾ غير سنڌي فوجي به پرتي ٿيل هئا، جيڪي هندوستان، ڪابل ۽ پنجاب جا هئا.

ميرن جي دور ۾، سڄي سنڌ ۾ ٽيويهه مضبوط قلعا هئا. جن ۾ بکر، امام ڳڙهه، شڪارپور، ڪنڊڪوٽ، فتح ياسين ڪوٽ، لاڙڪاڻو، خداآباد، رني ڪوٽ، حيدرآباد، عمر ڪوٽ، سڪرنڊ، اسلام ڳڙهه، فتح ڪوٽ، نئون ڪوٽ، منهوڙو ۽ ڪوٽ ڏيجي مشهور هئا. منهوڙي، حيدرآباد، عمر ڪوٽ، ڪوٽ ڏيجي، لاڙڪاڻي، فتح ڪوٽ ۽ اسلام ڳڙهه تي توبون رکيل هيون. منهوڙي جي قلعي ۾ تہ هر وقت ٽي هزار مسلح لشڪر تيار رهندو هو. ميرن جا خاص جنگي هٿيار تلوارون ۽ ڍالون هيون، جنهن تي هو وڏو خرچ ڪندا هئا. ان ڪان سواءِ هو بندوق، پستول، ڀالا ۽ خنجر بہ استعمال ڪندا هئا. اهي هٿيار وڏين قيمتن تي خراسان، ايران ۽ عربستان کان گهرائيندا هئا. جيمس برنس ڪي سوڪڙي طور ڏنل هڪ تلوار جي قيمت پنجاهه هزار روپيا هئي. وٽن پرمار بندوقن بہ هيون، جن جون ناليون ڍگهيون هئڻ ڪري پري تائين نشانو چُٽي سگهنديون هيون. وٽن توبخانو بہ هو. حيدرآباد ۾ هٿيارن ناهڻ جا ڪارخانا بہ هئا. ميرخاني پناڻ توبون بہ ناهيندا هئا. ڪراچي، ٺٽي ۽ حيدرآباد ۾ بارود ناهڻ جا ڪارخانا هئا. هر سپاهي جديد ۽ ديسي هٿيارن سان مسلح هوندو هو. رچرڊ

برٽن جي بيان مطابق سالار توڙي سولجر راڻُن تائين زره پهريندا هئا، مگر ٻانهون کليل رکندا هئا. امير پاڻ غير ملڪي ريشم جا ڪوٽ ڍڪيندا هئا، جن سلائي اهڙي قسم جي هوندي هئي جو انهن ۾ تلوار جي هر زخم کان محفوظ رهندا هئا.

ميرن جي دور ۾ سنڌ ۾ ٻن قسمن جي فوج هئي. بري ۽ بحري فوج ۾ گهوڙن کي وڏي اهميت هئي، جيڪي خراسان، ايران ۽ عربستان کان وڏي قيمت تي گهرايا ويندا هئا. فتح نامي ۾ انهن گهوڙن جي هن طرح تعريف ٿيل آهي.

ه گويم رفتار آن بادپا- ڪہ جويد سراغش نسيم ازمبا

بہ شهباز فڪرم هم آهنگ بود- ڪہ بروي فضاءِ زمين تنگ بود.

گهوڙن کان سواءِ هو لشڪر جي رسائي ۽ رسد جي فراهمي لاءِ اُٺ بہ ڪم آڻيندا هئا. بحري فوج ڪي ٻيڙين جي فوج چئبو هو، جنهن ۾ دريائن ۾ لشڪر کي جنگ ڪرائي ويندي هئي. سپاهين کي باقائدي پگهار ملندي هئي. جنگ جي دوران في پيادي کي هڪ سير چانور ۽ 5 پئسا روڪ ملندا هئا. في سوار کي گهوڙي جي خرچ سميت روزانو چار آنا ملندا هئا. پوسٽنس جي چوڻ مطابق اها پگهار روزانو 3 پيسن يا ماهيانہ 4 روپين کان ڪجھ گهٽ هئي. گهوڙي سوار کي ٻيڻي پگهار ملندي هئي. ان کانسواءِ ڊريس ۽ ٻيو روزمره جو سامان بہ ڪين حڪومت طرفان ملندو هو. جنگ کٽڻ کان پوءِ لشڪر کي انعام بہ ڏنو ويندو هو، جيڪو نقد ۽ قيمتي سامان جي صورت ۾ هوندو هو.

ميرن جي دور جو سنڌي لشڪر جَري ۽ بهادر هو. هو دشمن تي شينهن وانگر حملو ڪندا هئا. جوش وقت بندوقون ڇڏي، تلوار سان، دشمنن جي وچ ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ مرندي مري ويندا هئا، پر پوئتي نہ هٽندا هئا. سندن ٻارن کي بہ چيلھ سان لونگين مان خنجر پيا لٽڪندا هئا. سر ٿامس هنگر بورڊ لکي ٿو تہ ” بلوچ پنهنجي دشمن کي للڪاري، ساڻن کليل ميدان ۾ مقابلو ڪن ٿا. صلح ۽ امن جي زماني ۾، جڏهن پنهنجي قومي پوشاڪ مٿان، چمڪندڙ هٿيارن کي، زيب تن ڪري نڪرن ٿا، تڏهن سندن ڊگهن لڙڪيل وارن کي

ڏسيءَ انسان پاڻمرادو تسليم ڪندو هو تہ بلوچ ايشيا جي قومن ۾ انسانيت جي غير معمولي تصوير آهن. هو بلند قامت ۽ بانڪا بهادر آهن.“ ساڳي طرح هڪ ٻيو انگريز مسٽر گرئٽن لکي ٿو تہ ”بلوچ هڪ شريف قوم آهن. جيتوڻيڪ هو ظاهري طرح خاموش ۽ صابرين نظر اچن ٿا، مگر سندن طبيعت بدلجڻ ۾ ڪا ويرم ئي ڪانہ ٿي لڳي. اهي بدن ۾ جاننا ۽ چست آهن. هر وقت سجاڳ رهڻ سندن عادت آهي.“

ميرن جو دور، سنڌ ۾ مردانگي، سورهيائي ۽ جنگين جي گهٽائيءَ جو دور هو. انگريز دشمن ڏکڻ ايشيا ۾ پهچي چڪو هو ۽ سنڌ تي ڳجهين وارا لامارا ڏيڻ شروع ڪيا هئائين، جنهن ڪان سنڌي لشڪر پوري طرح واقف هو. ميرن سنڌي فوج کي منظم ڪري، هر خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رکيو. ان دور ۾، سنڌي فوج جي صلاحيت ۽ بهادري سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ مشهور هئي. 1799ع ۾ جڏهن ٽيپو سلطان، سرنگاپٽم ۾ انگريز سامراج خلاف جهاد بلند ڪيو، تہ ان ويڙهہ ۾ سنڌي سپاهين سندس مدد ڪئي. جناب ڪريم بخش خالد لکي ٿو تہ ”ٽيپو سلطان انگريزي ۽ فرانسسي، واپاري ڪوٺين جي اصول تي، مسقط ۽ ڪراچيءَ ۾ بہ ڪوٺي قائم ڪئي هئي. ڪراچي واري ڪوٺي، بندرگاهہ تي، نصير خان بلوچ جي ماتحت هئي. ٽيپو سلطان جي طرفان ڪراچيءَ ۾ ڪوٺي قائم ڪرڻ جو مقصد، محض واپار يا بين المملڪتي تعلقات قائم ڪرڻ کان علاوه فوجي نوعيت پڻ هو ۽ يقيني طور چئي سگهجي ٿو تہ نصير خان جهڙي محب وطن، مشڪل وقت تي ضرور سلطان جي فوجي مدد ڪئي هوندي.“ وري جڏهن انگريزن جي اشاري تي پنجاب ۾ رنجيت سنگهہ جي ڏينهن ۾ مسلمانن سان سِکن ظلم ڪيا ۽ سندس عورتون زوريءَ ڪٽي ويا، تڏهن سيد احمد شهيد بريلوي فوجي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ 1824ع ۾ آيو. تڏهن سنڌ جي هڪ جيد عالم، آزاديءَ جي روح روان، حر فوج جي ڪمانڊر انچيف سيد صبغت الله شاهہ بن حضرت محمد شاهہؒ ڪيس پنهنجي غير سرڪاري فوج مان 5 سؤ مُريد ڏنا ۽ ڪين خاص قسم جون

ڏريسون پارائي روانو ڪيو. پير صاحب هن قافلي کي هڪ هزار روپيا نقد، هڪ بندوق ۽ هڪ خنجر جي جوڙِي بہ سوکڙي طور ڏني. (علماءِ هند کا شاندار ماضي، محمد ميان ص نمبر 520) اهڙي طرح هي سنڌي فوجي پشاور جي سرزمين ۾ ڪوٽ ادو وٽ ظالمن سان وڙهندي امن ۽ ايڪانت قائم ڪرڻ ۽ مظلومن جي مدد ڪرڻ جي زرين اصولن کي پنهنجائيندي سنڌ جو شان بلند ۽ بالا رکيو ۽ ثابت ڪيو تہ هيءَ فوجي قوم، پنهنجي پائرن سان هٿ هٿ ۾ ملائي دشمنن سان لڙي سگهي ٿي. ساڳئي طرح انگريزن جي چُرچ تي جڏهن افغانستان جي حاڪم شجاع الملڪ سنڌ تي متواتر چار حملا ڪيا، تڏهن سنڌ جي فوجن جنهن شجاعت ۽ دليريءَ سان مقابلو ڪري، سکر جي ڪرڙيءَ واري ميدان ۾، شجاع کي جيڪا شڪست ڏني سا هن دور ۾ سنڌي فوجن جي فوجي مهارت جو زنده ثبوت آهي. انهيءَ زماني ۾ انگريزن جي فوجي ڇانوٽين، ايجنسين، جاسوسن ۽ سندن واپاري قافلن کي ڦرڻ، لُٽڻ ۽ کين قتل ڪرڻ لاءِ انفرادي طور بہ سنڌي جوڌا شب خون هڻندا هئا يا ساڻن مقابلا ڪندا هئا. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي عوام ڇاتو ٿي تہ انگريز سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياريءَ جا ظاهر ظهور دشمن آهن. انهن ٽولن ۾ جاني پٽ قنبر جکراڻيءَ جو ٽولو مشهور هو، جنهن جي نالي ٻُڌڻ سان انگريز ڏڪي ويندا هئا. هن افغانستان ڏانهن ويندڙ انگريزن جي ڪابل واري لشڪر جو نڪ ۾ دم ڪري ڏنو هو ۽ سندن فوجي ڇانوٽين ۽ رسدگاهن تي مسلسل حملا ڪري، انگريزن کي ڪافي نقصان پهچايو. هن هڪ ئي وقت انگريزن جي 48 فوجين کي قتل ڪيو هو. (نئين مصر جا پراڻا ورق- ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ) ان ڪانپوءِ، سنڌي فوج انگريزن جهڙي سامراج، منظم ۽ جديد اسلح سان آراستہ ملٽري سان جهڙي نموني جنگ ڪئي، سا دنيا ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. تاريخ شاهد آهي تہ انگريزن ڪهڙي حرفت، چالبازي، ننگي ۽ انسان دوستي جي نالي ۾ سنڌ جي پاڙيسري ملڪن ڪڇ، جوڌپور، جيسلمير، بهاولپور، قلات ۽ ڪابل کي ڪمزور بڻائي ڇڏيو. ان ڪانسواءِ نوابن ۽ پرڏيهي ماڻهن کي جاگيرون ڏيئي پنهنجو ڪيو. مثلاً باڪاسر جو ٽڪر، جوڌپور جي

راجا کي، اتر وارو ٽکر نواب بهاولپور کي، ۽ ڪراچي اولهه وارو ٽکر نواب قلات کي ڏنو. ان ڪانسواءِ سري ۾ مير مراد علي خان، لاڙ ۾ مير صوبدار خان کي خريد ڪيو. ميرن جي پرڏيهي نوڪرن ۾ جان هاويل ۽ سائمن بہ انگريزن جي چنبي ۾ آيا. ڏيهي نوڪرن کي لالچون ڏيئي هنن پنهنجو ڪيو. ميرن سان هر وقت دوستيءَ جو ڊنڊورو پٽيندا رهيا ۽ سنڌن نمڪ کائيندا رهيا. اهو نمونو ۽ طريقو سڄو ان ڪري ڪيو ويو تہ ٻاهريان ميرن جي ڪابہ مدد نہ ڪن ۽ اندروني طرح سنڌن اتحاد ٽُٽل هجي، جيئن سنڌن فوج کي نہ ٻاهران امداد ۽ رسد پهچي سگهي ۽ نہ اندروني طرح هن جي ڪو ڪمانڊ ڪري سگهي. ان هوندي بہ سنڌين جنهن فوجي مهارت، جنگي سِڪيا، بهادري ۽ وطن دوستيءَ جو جيڪو مظاهرو ڪيو، ان کي خود دشمن بہ تسليم ڪن ٿا. انگريز فوج جو نڪ، نيپئر لکي ٿو تہ، ”هتي بندوقن ۽ سنگينن تي تلوارن ۽ ڍالن جي سبقت ڏسڻ وٽان هئي. بلوچ جوڌا، پنهنجن پستولن ۽ بندوقن سان وڙهيا ۽ پوءِ وڏي بهادريءَ سان ترارون هلائڻ شروع ڪيائون.“ پوسٽنس لکي ٿو تہ، ”هو اِئين وڙهيا، جيئن ڪو ماڻهو، پنهنجي اهڙي شيءِ لاءِ وڙهندو آهي، جا ڪيس زندگيءَ کان وڌيڪ پياري هجي.“ ميجر وائيڊ گن لکي ٿو تہ، ”جنگ تمام ڇِتي هئي ۽ وڙهندڙ بلوچن، ڪڏهن بہ پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.“ 22 نمبر گوري ريجمينٽ جي هڪ سپاهي هڪ سنڌي سپاهي جي سيني ۾ سنگين لنگهائي وڌي تہ اهو سنڌي زمين تي ڪرڻ بدران، پنهنجي ڍال کي ڦِٽو ڪري، دشمن جي سنگين کي کاٻي هٿ ۾ جهلي، ٻُت کي اڳيرو ڪري، ساڄي هٿ سان اهڙو وار ٿو ڪري جو مٿس حملو ڪندڙ، سپاهي ۽ پاڻ هڪ ئي هنڌ ڳڙ مَرن ٿا. سنڌي تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان ڪم پورو ڪندا آهن ۽ بلڪل ورلي، هنن کي ٻئي ڌڪ هڻڻ جي ضرورت پوندي آهي. جيتوڻيڪ ميرن جنگ هارائي ۽ سپاهہ آهستي آهستي پوئتي هٽيو، تنهن جي باوجود نہ هو ڇڙوڇڙ ٿيا ۽ نہ وري مٿن ڪو خوف ئي طاري هو. ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، جٿن جي صورت ۾ هلندا رهيا. فاتحن ويجهو وڃي مٿن گوليون هلايون ۽ قتل ڪندي

ڪندي ٽڪجي پيا ان جي باوجود بہ هي سخت جان جوڌا، پوري صبر ۽ استقلال سان، ساڳي ريت هلندا رهيا. پر موت جي ڪنڌ تي هئڻ ڪانپوءِ بہ هو نہ ڀڳا ۽ نہ سندن رفتار ۾ ڪا تيزي آئي. (مياڻي جي جنگ- باب ٻيو- قادر بخش نظاماڻي)

ڊُبي ۽ مياڻي جي جنگين ۾ سنڌي لشڪر جا سپهہ سالار هوش محمد قنبراڻي ۽ شير محمد ملڪاڻي جنهن سورهيائي ۽ بهادريءَ سان وڙهيا ان مان صاف ظاهر آهي تہ هو جديد جنگ جي طريقن ۽ اسلحي جي استعمال کان پوري ريت واقف هئا. سندن سورهيائي ۽ ويڙهہ جي طريقي جي خود انگريزن بہ تعريف ڪئي آهي. وليم نيپيئر لکي ٿو تہ، ”هوشو شيدي نهايت منظم طريقي سان جنگ ڪري رهيو هو ۽ هو جنگ جي فن ۾ ڪنهن بہ انگريز جرنيل کان گهٽ ڪين هو. هن جنگ ۾، هن هڪ عظيم توبچيءَ جو ڪردار ادا ڪيو.“ ميجر جيڪب جو چوڻ آهي تہ، ”مان 17 جنگين ۾ وڙهيو آهيان پر مون هوشوءَ جهڙو بي ڊپو ۽ سرڪش جرنيل نہ ڏٺو آهي.“

وليم نيپيئر وري ٻيءَ جاءِ تي لکي ٿو تہ، ”هوش محمد شيديءَ جي اها بهادري بي مثل هئي ۽ جنگ ڪرڻ، توڙي ٻين کي همٿائڻ ۾ هو ڪنهن انگريز جنرل کان گهٽ نہ هو.“ اهي مثال سنڌي قوم جي شان، مردانگي، سورهيائي ۽ جنگي مهارت تي شاهد آهن، جن کي هو صدين کان سانديندا اچن ٿا. هن ٽن ڪلاڪن جي مياڻيءَ جي جنگ ۾، سنڌين کي شڪست غدارن جي ڪري ملي. برٽن لکي ٿو تہ، ” انگريزن، ميرن جي توبچين کي اڳواٽ روپيا ڏيئي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو هو. انهن جنگ جي ميدان ۾ توبن جا منهن مٿي ڪري گولا ڇڏيا. ٻيو تہ فوج جا سردار عين جنگ جي موقعي تي ميدان ڇڏي ويا.“ سنڌي عوام ۾ پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ ايڏي تہ سِڪ هئي جو جنگ جي ٻئي ڏينهن ڏهہ هزار لشڪر ميدان ۾ آيو ۽ ڏهہ هزار وڌيڪ پر وارن ڳوٺن ۾ موجود هو، مگر جنهن صورت ۾ ميرن سندن رهنمائي ڪانہ ڪئي، ان ڪري هو واپس گهرن ڏانهن موٽي ويا.(جنت السنڌ- مولائي شيدائي ص نمبر 540)

انگريزن جو دور

هندوستان ۾ انگريز، واپارين جو ويس پهري داخل ٿيا. برطانيا جا هڙئي غندا، گڏ ڪري ايسٽ انڊيا ڪمپني ناهي، ڏهہ لک روپين جي موڙيءَ سان، 1612ع ۾ هندوستان جي حاڪمن کان جازت وني، احمد آباد، سورٺ ۽ بمبئي ۾ پنهنجا تجارتي مرڪز ۽ ڪارخانا قائم ڪري، اچي دونهي دکايائون ۽ هوريان هوريان ويا اثر رسوخ وڌائيندا. هنن پوءِ سياست ۾ دخل اندازي ڪري هندوستان جي نوابن کي پاڻ ۾ ورهائي، ملڪ کي ڳڙڪائڻ شروع ڪيو. جڏهن هو هندوستان تي مڪمل قابض ٿي ويا، تڏهن سنڌ جهڙي سوني جهرڪيءَ تي سنڌن حريص نگاهون پيون. هت بہ هو پهريون واپارين جي شڪل ۾ آيا ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾، ٺٽي ۾ واپاري ڪوٺي کوليائون. ڊاڪٽر جيمس برنس معالج بڻجي اچي اميرن جي دربار ۾ رهيو، جيڪو سياسي مقصد سان هت آيو. انگريزن سان ٽيون عهدنامو ٿيو. مير مراد علي جي ڏينهن ۾، انگريزن سنڌونديءَ ۾ جهازراني ڪئي ۽ چوٿون عهدنامو ڪيائون. 1833ع ۾، مير محمد جي ڏينهن ۾، هنن بنگال ۽ بمبئي لشڪر کي، زوريءَ سنڌ مان لنگهائڻ لاءِ، بکر ۽ ڪراچي تي قبضو ڪيو. 1840ع ۾، مير نصير خان گاديءَ تي وينو. خيرپور رياست جو والي مير علي مراد ٿيو. هي مير گهر جو ويري بڻيو. 1843ع ۾، انگريزن سنڌ فتح ڪري، مير حاڪمن کي گرفتار ڪري، ڪلڪتي ۾ نظربند ڪيو.

انگريزن کي سنڌ واسين ٿوٿا ڇاپايا هئا ۽ هو سنڌ جي عوام کان، مڪمل پلاند ونڻ لاءِ، موقعي جي تاڙ ۾ هئا. پهريائين هنن، سنڌ ۾ انگريزي راڄ قائم ڪيو ۽ سر چارلس نيپئر کي، سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو جيڪو 1847ع تائين رهيو. هي سڄو دور، سنڌ ۾ فوجي راڄ رهيو، جنهن ڪري سنڌ جي ماڻهن کي هڪ عجيب استبدادي دور مان گذرڻو پيو. ان کان پوءِ برطانيہ جي گورنر جنرل، سنڌ جي صوبائي حيثيت کي ختم ڪرڻ لاءِ بمبئي جي گورنر

سر جارج ڪلارڪ کي حڪم ڪيو تہ هو سنڌ لاءِ ڪمشنر مقرر ڪري. ان ڪري 1847ع ۾ مسٽر آر ڪي يونگل کي، سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. اهڙي طرح انگريزن سنڌ جي علحده پرڳڻي واري حيثيت ختم ڪري، سندس خودمختياري کسي، سنڌ کي بمبئي کاتي سان لاڳو ڪري، سندس حيثيت محض هڪ ڊويزن واري رکي. حڪومت ڇاڻي واٽي سنڌ جهڙي سکئي ستابي، ملڪ کي بمبئي جي ماتحت بڻايو تہ جيئن سنڌ جي دولت، انگريز قوم جي پيٽ جو ٻَل بڻجي سگهي ۽ سنڌ جا ماڻهو، پنهنجن مالي مشڪلاتن ۽ مصيبتن ۾ مبتلا هوندا تہ هو آزادي وني نہ سگهندا، ڇو تہ انگريز سرڪار کي ڊپ هو تہ مبادا سنڌي قوم بہ، افغانستان وانگر بغاوت ڪري، خود مختياري حاصل ڪري. ان ڪري انگريزن سنڌ کي ڦُرڻ ۽ لُٽڻ لاءِ انيڪ پروگرام بڻايا. حڪومت سپ ڪان، سنڌ جي جاگيردارن، زميندارن ۽ پيرن سان اهڙو برتاءُ ڪيو، جيئن هو پنهنجي مانَ ۽ مرتبي کي، سلامت رکڻ لاءِ سرڪار جا خوشامدي ٿي رهن. انهن پاڻ کي سرڪار سان وفاداريءَ جو ثبوت ڏيکارڻ لاءِ، ڪيئي طريقا اختيار ڪيا، جنهن ۾ آفيسرن جو دعوتون، سرڪاري ڪامورن کي شڪار ڪرائڻ، تحفا ۽ سوغاتون پيش ڪرڻ وغيره هو. جنهن بہ جاگيردار يا زميندار خودداري ٿي ڏيکاري ان کي ڪُچليو ويو. زميندار کي، پنهنجي عزت رکڻ لاءِ سرڪاري ڪامورن جي آڪِي پرڻ لازمي هئي. مختيارڪار ۽ ڪليڪٽر جي دربار ۾، ڪرسي حاصل ڪرڻ لاءِ، عملدار جي خوشامد ڪرڻ ضروري هئي. جنهن لاءِ ڪيترائي اجايا خرچ ڪرڻا پوندا هئا. سنڌي پورهيت 70 سيڪڙو هو، جيڪو زميندار ۽ جاگيردار جي چنبي ۾ قابو هو، عدالتن جو نظام رائج هو. وڪيل ملزم جا مددگار ٿيا. پوليس ۾ رشوت جو رواج پيو ۽ ان سان گڏ انگريز حڪومت ۾ رشوت جو مرض وڌڻ لڳو، هي رشوت، عوامي راءِ آزادي ۽ ايمانداريءَ جي واڌاري ۾ وڏي رڪاوٽ ثابت ٿي. ڪُوڙيون شاهديون شروع ٿيون. ڏوهي ۽ بي ڏوهيءَ جي تميز مشڪل ٿي پيئي. ڏوهہ جي جانچ دوران ماڻهن جي زالن، ٻارن، ڌيئرن، پينرءِ

مائرن تي بہ ظلم ٿيڻ لڳو. سنڌ، سرڪاري ڪامورن جي شڪارگاهہ بڻجي ويئي، جنهن جو سارو خرچ زميندار ڪندو هو. عام ماڻهو رستا ناهڻ، تنبو کوڙائڻ، گاهہ ميسر ڪرائڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن ۾ مصروف ٿي ويندا هئا. سرڪار پرست زميندارن، انگريز سرڪار جي خدمت ڪري وڏا انعام، لقب ۽ خطاب حاصل ڪيا. ڪاموري ڪي صاحب بهادر سڏيو ويو ۽ انگريز سرڪار کي فيل مست (جابر ۽ طاقتور) سرڪار جو تصور ڏنو ويو. (سنڌ جي سياسي جدوجهد- ڊاڪٽر محمد لائق زرداري)

تاريخ شاهد آهي تہ سنڌ جي عوام، منڍ کان ئي انگريزن کي صفا پسند نہ ڪيو. سنڌي چوندا ئي اِئين هئا تہ، ”اسان ٽوپلو ڏنو، ڇڻ ڪيهر شينهن ڏنو- انگريزن جي پوليٽيڪل ايجنٽ آخوند لطف الله بہ پنهنجي سوانح عمري ۾ صاف لکيو آهي تہ سنڌي ماڻهو انگريزن کي نفرت جي نگاهہ سان ڏِسن ٿا. اهوئي سبب آهي جو، مياڻيءَ ۽ دٻي جي جنگين کان پوءِ حالانڪ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت پڪي ٿي ويئي، پر سنڌي، انگريزن جي فوجي ڇانوڻين تي، ڇاپامار حملا ڪري کين پريشان ڪندا هئا. هن جاءِ بئريسٽر محمود مرزا جا هي لفظ اسان جي هِن خيال جي تائيد ڪن ٿا تہ، ”جڏهن انگريزن پنجاب تي قبضو ڪيو تہ اتي اُن مهل سِکن جو راڄ هو ۽ پنجابي مسلمانن انگريزن جي آجيان ڪئي ۽ انهن کي سِکن کان چڱو سمجهيو. ان جي ابتڙ سنڌ ۾، انگريزن جي قبضي مهل، هِتي ٽالپرن جو راڄ هو.... سنڌي قوم نہ رڳو فرنگي حڪومت کي دل سان قبول نہ ڪيو، پر انهن خلاف ويڙهہ ڪيائون ۽ انگريزن جي فوجي ڇانوڻين تي حملا ڪندا رهيا، معنيٰ تہ انگريزن کي پنجابين جيان نجات ڏيارينڌڙ ڪونہ ليکيو ويو پر کين پرڏيهي قابض ۽ غير مهذب وارا حاڪم سمجهي ڪانئن نفرت ڪئي ويئي. (اجوڪي سنڌ- روزانہ جنگ ڪراچي- 23- 2- 1984ع) ان ڪري انگريز حڪومت سنڌين مان اهي مردانگي ۽ بهادري ۽ فوجي صلاحيت جا گُڻ ڪسڻ لاءِ هڪ طرف کين جاگيرداريءَ جي نظام ۾ جڪڙي عوام کي محڪوم بڻائي، کين ناس ڪيو، وڏيرن، زميندارن ۽ چڱن مڙسن

کي لقبن سان نوازي، پنهنجو پَنُو بڻائي منجهانئن خوداريءَ جي خوءِ، عزت پسندي ۽ وطن دوستي جي جذبي کي ختم ڪيو ته بئي طرف سگريٽ نوشي، چانهه، پَنگ ۽ چڪلن جو رواج وجهي، سنڌين کي مخرب الاخلاق شين جو عادي بڻائي، بهادري، جرئت ۽ همت جا اوصاف ختم ڪري ڇڏيا ۽ اسانجي وجي اها حالت ٿي جو ڪوتوال کي پيرين پوڻ لڳاسون ۽ ڪمشنر جي آفيس ۾ سنڌي جُتي ٻاهر لاهي، پٽڪو ڪَڇ ۾ ڪري اندر وڃڻ لڳا. انگريزن مڪمل پاليسي ناهي پروپئگنڊا شروع ڪئي ته سنڌي بزدل ۽ ڳِيدي آهن ۽ هو فوج ۾ پرتي ٿيڻ جي لائق ئي نه آهن. خود ڪرنل فلپ لکي ٿو ته، ”اسان ڳُجهي طرح رپورٽ ۾ واضح طور لکي ڇڏيو هو ته، فوج ۾ سنڌين کي پرتي نه ڪيو وڃي، ڇوته هو حُڪم بجاءِ عقل کي وڌيڪ سمجهندا آهن، جڏهن ته فوج ۾ صرف حُڪم هلندو آهي پر عقل نه....“ (سنڌ جا شهيد- اجرڪ پبليڪيشن جو پهريون ڪتاب) ان ڪان سواءِ انگريزن اسڪولي ڪتابن ۾ به اهڙا سبق ڏيڻ شروع ڪيا، جنهن ڪري سنڌي ٻارن مان جنگي صلاحيتون، بهادري، بي خوفي ۽ حڪومت ڪرڻ جي خوبين ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ريسارو گدڙ ۽ ٿانءِ پريو سامبر، ان جا ڪي ٿورا مثال آهن.

شکایت ہے مجھے، خداوندا ان مکتبوں سے،

قوم کے شاہینوں کو ملتا ہے، جہاں سبق خاکبازی کا.

پر اصول آهي ته پِٽ هميشه ايئري تي ويندي آهي. ”کل شيءِ يرجع اليٰ اصلهِ“- قدرتي قانون آهي- آخر سنڌي ڪيستائين، ان غلامي ۽ محڪومي جي جار ۾ جڪڙيل رهي سگهندا. اسين ڏسون ٿا ته، چند سالن ڪان پوءِ، 1857ع جي جنگ آزاديءَ ۾، هي ڪُوپا مرد ۽ ڪونڌر جوان، سڀ ڪان اڳرا رهيا ۽ هميشه وانگر طاغوتي طاقت کي ڪُچلڻ لاءِ انگريز سامراج ڪان وطن عزيز کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، سِر سان ڪفن ٻَڌي ميدانِ جنگ ۾ ڪُڏي آيا. ان دور ۾، شهنشاهه هند ۽ آزادي تحريڪ جي منظم اعليٰ بهادر شاهه ظفر، شير سنڌ مير شير محمد ملڪاڻي کي خط لکيو ته، ”هو انقلابين جي مدد ڪري (مير محمد بخش

ٽالپر- سه ماهي مهراڻ- 1- 1968ع ص 162) مير شير محمد، سپاهي، بارود ۽ پئسا مدد لاءِ دهليءَ موڪليا. ان کان سواءِ هت سنڌ ۾ مخفي جدوجهد لاءِ ڪيترائي منصوبا ٺاهي، سنڌ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تحريڪ هلائي ويئي. خانبهادر خداداد خان، انگريزن جو مؤرخ لکي ٿو ته، ”1857ع جي فساد عظيم ۾ عَلم غدر هندوستان ۾ برپا ٿيو، جنهن سبب سنڌ جي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور جيڪب آباد ۾، مختلف پلٽڻين جي عملدارن سپاهين نافرماني ڪندي شورش ۽ فساد برپا ڪيو ته مارٽينو لکي ٿو ته ”سنڌ ۾ باغين جو منصوبو هو ته، حيدرآباد جي قلعي تي قبضو ڪري ان کي تحريڪ جو مرڪز بڻايو وڃي. تنهن کان پوءِ ڪراچي، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ملتان ۾ هڪ ئي وقت عملي قدم کنيو وڃي. پر هي منصوبو ظاهر ٿي پيو ۽ منصوبي رٿيندڙن کي ڦاسين تي لٽڪايو ويو.“ سنڌ ۾ ان دور ۾ دريا خان جکراڻي ۽ دلمراد کوسي اهم ڪردار ادا ڪيو. بارٽل فريئر لکي ٿو، ”160 ديسي پيادي فوج جي صوبيدار، جيڪو باغين جو رهنما هو، پنهنجي موت کان اڳ ٻُڌايو ته، جيڪڏهن ڪيس ٻن ڏينهن جي مهلت ملي ها ته هو دنيا کي پنهنجون رٿون چڱيءَ طرح ڏيکاري سگهي ها.“ (سر بارٽل فريئر- لطف الله بدوي- سه ماهي مهراڻ)

هن عوامي تحريڪ کي انگريزن جنهن سختي ۽ بيدردي سان ڪچليو ۽ ماڻهن تي جيڪي ظلم ڪيا، سي تاريخ ۾ موجود آهن ۽ مرڪزي ليول تي، هندوستانين جا حوصلا پست ٿي ويا ۽ هيءَ تحريڪ دٻجي ويئي، ليڪن سنڌ ۾ بغاوتن جي باهه پڙڪندي رهي ڪيترن هنڌن تي، سنڌ جي مسلح باغين رڻ ٻاري ڏنو. 15 اپريل 1859ع ۾ ٿر جي راڻن انگريزن خلاف هڪ مسلح بغاوت ڪئي. هنن انگريزي ٿاڻي تي حملو ڪيو. ڪچهري جلائي، خزانو لٽيو، انگريزي نوڪرن کي موت جي مني ننڊ ۾ سمهاريو تارون وغيره ڪپي ڇڏيون. اها حالت ڏسي ڪرنل ايونس احمد آباد، ڪڇ ۽ حيدرآباد جون فوجون وٺي، جديد اسلحو کڻي ننگر پارڪر تي ڪاهي آيو. سوڍن سنڌن زبردست مقابلو ڪيو، پر راڻو ۽ سندس سپاهي گرفتار ٿي پيا. جڏهن اڏيسنگهه کي اها

خبر پيئي تڏهن هن ڪافي سنڌي گڏ ڪري انگريزي لشڪر تي راتاهو هڻي، جيل جو دروازو ڀڃي، راڻي ۽ ٻين سيني سپاهين کي آزاد ڪرايو. اهڙي طرح مسلسل ڇهه مهينا، پارڪر جا هي سوڍا انگريزي فوجين سان وڙهندا رهيا. آخر انگريزن چند ناڻي جي طالبن جي معرفت راڻي ۽ اڏيسنگهه کي مارائي ڇڏيو، پوءِ وڃي پارڪر ۾ امن قائم ٿيو. (پراڻو پارڪر- منگهارام اوجها- ص 35)

ان دور ۾، انگريزن کان سنڌ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ سنڌين ڪيترين ئي زيرِ زمين تحريڪون هلايون جن جي ڪارڪردگي هن طرح هئي:

(الف) سنڌ ۾ هڪ کان وڌيڪ هنڌن تي زيرِ زمين تحريڪن جا مرڪز رهيا. (ب) سنڌ ڪيترن ئي ناميارن باغين کي پناهه ڏني. (ت) سنڌ، پرڏيهه ۾ هلندڙ وطن جي آزادي وارن زيرِ زمين تحريڪن سان تعاون ڪيو. (ث) سنڌ واسين پرڏيهه ۾ رهي به، ڏيهه جي آزاديءَ خاطر تحريڪ هلائي.

سنڌ ۾ زيرِ زمين تحريڪن جو آغاز 1909ع کان شروع ٿيو. جڏهن مهاراج گوورڌن شرما تي، هڪ پمفليٽ ڇپرائڻ جي الزام ۾ ڪيس داخل ٿيو. ان وقت سنڌ ۾ جن ٻاهرين باغين پناهه ورتي، ان ۾ پهريون باغي خوديرام بوس آهي، جنهن 1908ع ۾ مظفرپور ۾ بم گولو اڇليو. ان کان پوءِ دهليءَ ۾ گورنر تي بم گولا اڇلائيندڙ رامسد بهاري، گوش، ڪاڪا، ڪاليڪر، گردت سنگهه ۽ هنس راج وائرليس، جنهن وائسراءِ جي ٽرين کي بارود سان اُڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، جهڙا عالمي باغي سنڌ ۾ آيا. سنڌين نه رڳو پناهه ڏني پر سندن رهنمائي ۽ مدد به ڪئي. جڏهن دهليءَ ۾ گورنر جي جاءِ تي بم گولو اڇلايو ويو، تڏهن ان ۾ به سنڌي لوڪرام ۽ وشنو به هن منصوبي ۾ شامل هئا. ان عرصي ۾ سکر، شڪارپور ۽ حيدرآباد انهن تحريڪن جا مرڪز هئا. سنڌ جون اخبارون الامين ۽ هندو زيرِزمين تحريڪن جو نقيب هيون. (ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ- آئينو ۽ اولڙو ص 140)

1914ع ۾ جڏهن پهرئين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، تڏهن انگريزن هندوستان مان، تمام گهڻي ديسي فوج پنهنجي محاذ تي موڪلي. ان ۾

جيڪي سنڌي سپاهي هئا، تن انگريزن جي طرفان وڙهڻ کان انڪار ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هنن پنهنجي سنڌي ڀائرن کي مارڻ نہ ٿي چاهيو ۽ انگريز سامراج کي مضبوط ڪرڻ نہ ٿي چاهيو، ان ڪري هو انگريزن جا لاڏلا نہ ٿي سگهيا. ان دور ۾ مدرسہ مظهرالعلوم کڏو ڪراچي، سنڌ ۾ زيرِ زمين تحريڪن جو مرڪز هو. مولانا محمد صادقؒ ، جيتوڻيڪ سپهہ سالار ڪونہ هو، پر هڪ آزمودگار جرنيل ضرور هو. ان انگريزن خلاف لسٻيلي ۽ مڪران ۾ بغاوت ڪرائي، جيڪا سردار نورالدين مينگل ڪئي. جنهنجو نتيجو هي نڪتو جو ڪمڪ ۽ رسد نہ پهچڻ ڪري، جنرل پانوسن جيڪو عراق ۾ شهرن پنيان شهر فتح ڪندو ٿي ويو، تنهن جي پيش قدمي رڪجي ويئي ۽ هو ڪوٽ العمارت ۾ قلعو بند ڪري ويهي رهيو. سندس ٽيهہ هزار فوج مان باقي ٽيرهن بچي، ۽ ٻي ساري مارجي ويئي. (نقش حيات- مولانا حسين احمد مدني)

1915ع ۾ جڏهن برِصغير ۾ ريشمي رومال تحريڪ شروع ٿي تڏهن ان جو سارو نظام سنڌين ئي سنڀاليو، جن ۾ مولانا عبيدالله سنڌي، مولوي عبدالله لغاري، مولوي محمد صادق، مولانا تاج محمد امروٽي ۽ ٻيا چوٽيءَ جا سنڌي ليڊر هئا، جن جي ڪوشش سان سنڌ جا لکين ماڻهو رضاڪارانہ طور هن تحريڪ ۾ شامل ٿي، انگريزن کي ملڪ مان تڙڻ لاءِ پروگرام ٺاهيا. مولانا عبيدالله سنڌي هڪ اعليٰ فوجي سپهہ سالار هو. هن ڪابل ۾ جيڪا فوج ”جنود ربانيہ“ تيار ڪئي، ان ۾ سنڌي عوام جي فوجي صلاحيت جو اعتراف ڪندي ڪيترن ئي نامور عالمن ڪي، وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا. خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ ۽ قطع تعلقات تحريڪ، جيڪي هند جون ملڪ گير تحريڪون آهن، جن انگريزي اقتدار کي لوڏي ڇڏيو، تن سڀني جو روح روان سنڌ ئي آهي. 1920ع ۾ حضرت مولانا تاج محمد امروٽيؒ جي مشوري تي آل انڊيا ليول تي، هنن تحريڪن کي اپنايو ويو ۽ سنڌ مان ڪيترائي قافلا هندوستان کي ”دارالحرب“ قرار ڏيئي، افغانستان لڏي ويا. اهڙي طرح سنڌ هر انگريز خلاف تحريڪ ۾ ڀرپور پوزيشن حاصل ڪندي سڀ کان اڳري رهي.

سنڌ جي حريت پسند عوام، سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪرائڻ ۽ سنڌس آزادي ۽ صوبائي خودمختياري حاصل ڪرڻ لاءِ 1906ع کان آئيني جدوجهد شروع ڪئي ۽ برطانوي سرڪار کي ايڏو تہ مجبور ڪيو جو هن سنڌن بصيرت افروز بحث مباحثن کي تسليم ڪندي، پهرئين اپريل 1936ع ۾، سنڌ کي خودمختيار صوبو بڻائي سر لئنسيلاٽ گرهام کي گورنر مقرر ڪيو.

انگريزن جي ظلم، بربريت ۽ تشدد کي ڏسي پير پاڳاري حضرت صبغت الله ثانيؒ 1922ع ۾ پنهنجي حُر فوج کي منظم ڪرڻ ڪرڻ شروع ڪيو. هن وٽ فارورڊ بلاڪ جا پڳل قيدي موجود هئا، جن جي رهنمائي هيٺ حرن اعليٰ فوجي تربيت حاصل ڪئي. مکي ٻيلي ۾ هٿيارن ناهڻ جا ڪيترائي ڪارخانا تيار ڪيا ويا ۽ ان جي چئن ئي پاسن کان سرنگهن جو وسيع ڄار پکيڙيو ويو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پير صاحب، پنهنجي هن سرفروش ۽ جانباز فوج ۾ مرشد سان عقيدت، ساٿيهہ سان سِڪ، ملڪ جي آزادي ۽ خودمختياري حاصل ڪرڻ جو جيڪو روح ڦوڪيو هو. سو ڪنهن ٽرينڊ فوج کان ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ هو. هيءَ جماعت مڪمل جنگي سکيا ورتل هئي. جڏهن هو دشمن جي گهيري ۾ ايندا هئا، تڏهن بہ سرنگهون ناهي، انگريزن جي قبضي مان نڪري ويندا هئا.

سنڌ جي هن غير سرڪاري فوج جنهن جانبازي ۽ سرفروشي سان انگريزن جو مقابلو ڪيو، اهو تاريخ جو سونهري ورق آهي. پيٽرمئن، ”سينٽين آف سنڌ“ ۾ لکي ٿو تہ، ”جڏهن ٻي جنگ عظيم جو اعلان ٿيو، تڏهن عوام ۾، هي افواهہ اٿيو تہ پير صاحب پاڳاري طرفان هڪ نجي فوج تيار ڪئي پيئي وڃي، جنهن کي فوجي تربيت بہ ڏني ٿي وڃي ۽ ڪافي اسلحو بہ گڏ ڪيو ويو آهي. جڏهن حڪومت کانئن پڇيو تڏهن چيائون تہ هو فوجي امداد لاءِ ڪوشش ڪري پيو. هن چيو تہ مان حُرن کي سول گارڊز ۾ ڀرتي ڪري رهيو آهيان.“ پير صاحب حرن کي غازيءَ جو لقب ڏنو ۽ ڏهہ هزار روپيا چندو گڏ ڪيو. هن حرن کي مخاطب ٿي چيو تہ- ”اڄ اوهان پنهنجون جانيون، منهنجي حوالي

ڪيون آهن. تمام جلدي، مون کي انهن جي ضرورت پوندي. اوهان ٻڌو آهي ته، ماڻهو گانڌيءَ جي گرفتاريءَ تي مشتعل ٿي پيا آهن. جي انهن مونکي به گرفتار ڪيو ته اوهان لائينون ٽوڙجو- رسل رسائل جو سلسلو درهم برهم ڪجو. واهن کي ڀڃجو. باهيون لڳائجو. (بحواله سياره ڊائجسٽ سراج نظامي- آڪٽوبر 1966ع) پير صاحب، جنهن هن تحريڪ جو آغاز ڪيو، سو هڪ محب وطن عالمِ دين هو. هن هر صورت ۾ انگريز سامراج کان نجات حاصل ڪرڻ پئي گهري. هيءَ تحريڪ خالص سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ هئي. جيئن ڪرنل فلپ لکيو آهي ته، ”1912ع ۾ حر تحريڪ کي، پير صبغت الله پهرئين زور ونايو، چاڪاڻ ته اها هڪ مذهبي تحريڪ هئي، پير صبغت الله (ٻيو) جي به پنهنجي تحريڪ آزاد مسلمان تحريڪ هئي پر هيءَ تحريڪ ”آزاد سنڌ“وطنيت تي ٻڌل هئي، جيڪا پهرئين جي مقابلي ۾ وڌيڪ خوفناڪ ۽ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي.“ (اجرڪ پبليڪيشن جو پهريون ڪتاب- سنڌ جا شهيد)

ان کان پوءِ پير صاحب جي اشاري تي هيءَ آزاد سنڌ تحريڪ شروع ٿي ۽ وڏي پئماني تي هلي. سنڌي سورما سر تريءَ تي رکي، ميدان ۾ ڪلندي آيا. حرن حڪومت ۽ ان جي مشينري کي اپاهج ڪرڻ لاءِ قرلٽ ڪرڻ، ڪئنال ٽوڙڻ، ريلوائي اسٽيشنن تي حملا ڪرڻ ۽ انهن جي عملي کي قتل ڪرڻ، سرڪار جي دلالن، خابرن ۽ چاڙتن کي مليا ميٽ ڪرڻ جي رٿا رٿي. سرڪار به جوابي ڪاروائي ڪندي هن ايراضيءَ ۾ حرن ۽ ٻئي عوام کي هيسائڻ لاءِ وڏي پئماني تي گرفتاريون ڪري، ڄڙتو مقدما هلائي ماڻهن کي وڏيون سزائون ڏنيون، پرسرڪار جو اهو دڙڪو به حرن جي هلچل کي ٿڌو ڪري نه سگهيو. آخر هنن پير صاحب کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو. هن جي دليري ڏسو جو صبح جو ڪيس تخت دار تي چڙهڻو هو ۽ ان رات هڪ انگريز ساڻس شطرنج راند ڪيڏڻ وينو ته ڪيس راند به ڏيئي نه سگهيو.

پير صاحب جي ڦاسيءَ تي چڙهڻ کان پوءِ ”حر“ مشتعل ٿي ويا پر انگريز حڪومت به تشدد ۾ اضافو ڪيو. ڪوٽ تي بمباري ڪري ان کي ڊير ڪري

چڏيو. هزارين حرن کي گرفتار ڪري، ڪين لوڙهن ۾ بند ڪيو ويو. 1942ع کان 1945ع تائين، سنڌ ۾ مارشل لا لڳائي، هزارين حرن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. اٽڪل چاليهه هزار حر شهيد ٿي ويا، پر هو هڪ تر به پوئتي نہ هٽيا. (حر هلچل- ميجر جنرل وصال محمد- سنڌ ڪوارٽرلي) ان وقت جي هڪ اخبار ”باب الاسلام“ پنهنجي ادارتي نوٽ ۾ لکيو تہ ”اسان کي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ سنڌ جا هي ورهين کان ماريل ۽ خانہ بدوش چند حُر جرمني جي طاقت آهي يا ايشيا جي ڪميونسٽ قوت، جن جي خلاف ايترا هٿيار استعمال ڪرڻ ۽ رات ڏينهن پوليس ۽ سنڌ رائفل فوج ڇڏڻ جي باوجود بہ هو اجا تائين حڪومت جي قبضي ۾ نٿا اچن.“ هن تحريڪ ۾ مَردن سان گڏ سنڌي عورتن بہ وڏي بهادريءَ سان ڪم ڪيو. محترمہ ڊاڪٽر قمر واحد لکي ٿي تہ ”سنڌي حُر عورت، جنهن دليري ۽ شجاعت جو مظاهرو ڪيو، اهو ساراهڻ لائق آهي. حر عورتون انهن مَردن کي، جيڪي جهنگ ۾ لڪل هوندا هئا، ڪاڏو ۽ هٿيار پهچائينديون هيون. سندن غير موجودگيءَ ۾ زمين جي نظرداري ڪنديون هيون ۽ ڪن حالتن ۾، انگريز فوج جي چرپر تي، نظر رکنديون هيون. انهن عورتن وقت اچڻ تي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ ضرورت پوڻ تي، سنڌي عورت پنهنجي سون چانديءَ جون چوڙيون لاهي، لوهہ جون بندوقون کڻي سگهن ٿيون. هي اهي ساڃيون عورتون هيون، جيڪي ڪڏهن اڪيلو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين وڃي نہ سگهنديون هيون پر ان وقت اڌ رات، پيادل جهنگ پار ڪري، جهنگلي جانورن ۽ انگريزن جي لشڪر کان پاڻ بچائي، ساري ڏينهن جي ڪاروائي کان مجاهدن کي آگاهہ ڪري ايند يون هيون ۽ انگريز فوج تي شب خون مارڻ ۾ پنهنجي مَردن سان گڏ هونديون هيون. انهن عورتن ۾ وساڻ، نظاماڻي، هنگورا، ڳاها ۽ راڄڙ خاندان جون عورتون قابل ذڪر آهن. (سنڌي عورت- صدين جي آئيني ۾- جنگ ميگزين 8-2- 84ع)

سنڌ جي آزاديءَ لاءِ حُرن جي هيءَ هلچل پنهنجن جي غداريءَ ڪري، ڪچلجي ويئي. جيڪڏهن آل انڊيا ليول تي، هن تحريڪ جي حمايت ڪئي

وجي ها تہ انگريز بروقت ٽپڙ ٻڌي وڃن ها. ڪرنل فلپ لکي ٿو تہ، ”جيڪڏهن اسين حُر تحريڪ کي ختم نہ ڪري سگهون ها ۽ سنڌ آزاد ٿي وڃي ها تہ ايشيا مان ڏسندي ڏسندي اسين ختم ٿي وڃون ها، جو سنڌ آزاد ٿيندي بنگال آزاد ٿئي ها.“

هند سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جي مسلح جدوجهد جي هڪ تمام وڏي سگهاري تحريڪ ”آزاد هند فوج“ آهي جيڪا سنگاپور کي فتح ڪرڻ وقت قائم ٿي. هن فوج کي قائم ڪرڻ ۾ سنڌ جي ماڻهن مالي مدد ڪئي. انهن سنڌي ليڊرن مان هڪ سنڌي عورت مسز پٽائي ۽ ٻيو سنڌي ليڊر ٿي اين آهوجا هو. جيئن تہ هي سنڌي واپار جي سلسلي ۾ ٻاهرين ملڪن ۾ رهندا هئا، ان ڪري هو هنن سنڌي تحريڪن جي مدد ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا هئا. هن ”آزاد هند فوج“ ۾ سنڌي ماڻهن جي جنگي صلاحيت ۽ بهادرانہ ڪارنامن جو خيال ڪندي کين وڏن عهدن تي رکيو ويو. انهن ليڊرن مان نارائڻ داس منسڪائي پڻ هو، جيڪو آزاد هند فوج جو پهريون سنڌي ميمبر هو ۽ ايم ٽي پنج ڪئمپ جو ڪمانڊر هو. هن کي برطانيا سرڪار قيد ڪري ملتان جيل ۾ رکيو هو. (ديس دروهي- اديب انقلابي ص نمبر 96)

مطلب تہ انگريزن جي دور ۾ سنڌ واسين جون هي قربانيون آزاديءَ جي تاريخ ۾ سونهري باب جي حيثيت رکن ٿيون. خاص ڪري سنڌين جي منظم فوجي حُر تحريڪ هڪ اهڙي تحريڪ هئي، جنهن برطانيا سرڪار کي مجبور ڪيو تہ هو، هن قوم جي آزادي ۽ خودمختياري بحال ڪري، نہ تہ ٻي صورت ۾ هيءَ سنڌي قوم، انگريزن کي سڄي دنيا ۾، منهن مٿي نہ ڪڍڻ جهڙو بڻائي سگهي ٿي، اهوئي سبب آهي جو 1943ع ۾ حُر تحريڪ شروع ٿي ۽ 1947ع ۾ آزادي ملي.

پاڪستان جو دور

هيءَ حقيقت آهي ته، پاڪستان جي تحريڪ ۾ ننڍن صوبن وڏو ڪردار ادا ڪيو، جن مان سنڌ جو نالو سرِ فهرست آهي. سنڌ هر ننڍي خواهه وڏي تحريڪ ۾ پاڻ ملهايو. سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري تحريڪ کان وٺي 1947ع تائين، سنڌي عوام پاڪستان جي قيام لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ سنڌ ڏار صوبو ٿيو، تڏهن هتان پاڪستان لاءِ آواز بلند ڪيو ويو. مسلم ليگ، جنهن تي پاڪستان ٺاهڻ جو سهرو آهي، ان جو بنياد 1906ع ۾ انهيءَ وفد کان پوءِ پيو، جيڪو شملي ۾ وائسراءِ هند سان مليو. ان وفد جو اڳواڻ، سنڌ جو نامور فرزند سر آغا خان هو. 1938ع ۾ آڪٽوبر مهيني ۾ ڪراچيءَ ۾، مسلم ليگ جو هڪ اهم ۽ عظيم الشان اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ گڏيل هندوستان جا سيئي مسلمان ليڊر شريڪ ٿيا. هن اجلاس جي صدارت قائد اعظم ڪئي. هن اجلاس ۾ پهريون دفعو پاڪستان جو مطالبو ڪيو ويو ۽ شيخ عبدالمجيد طرفان مطالبو ڪيو ويو ته مسلم گهڻائيءَ وارن صوبن کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪيو وڃي ته جيئن ٻيئي قومون، پنهنجن علائقن ۾ پنهنجي مرضيءَ مطابق، آزاد حڪومتون قائم ڪري سگهن. اهو نهراءُ 23 مارچ 1940ع تي پاس ڪيل آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري نهراءُ ”قرارداد پاڪستان“ کان اٽڪل ڏيڍ سال اڳ پاس ڪيو ويو هو. نه صرف ايترو، پر ڪراچيءَ وارو نهراءُ لاهور جي نهراءَ کان وڌيڪ کُليل ۽ واضح هو. برِ صغير جي تاريخ ۾ سنڌ پهريون صوبو آهي، جنهن پاڪستان جو مطالبو ڪيو. ان کان پوءِ هندوستان جي يارهن صوبائي اسيمبلين مان، سنڌ اسيمبلي پهرين اسيمبلي هئي، جنهن 3 مارچ 1940ع تي، آئيني طور پاڪستان جو مطالبو ڪيو. اهو مطالبو سنڌ مسلم ليگ جي صدر جي- ايم- سيد پيش ڪيو. هي کُليل ثبوت آهي ته سنڌ اسيمبلي، ان کان اڳ ۽ نه وري ان کان پوءِ اهڙو مطالبو پيش ڪيو. پاڪستان کان اڳ، پاڪستان ۾ اهڙو ڪوبه صوبو ڪونه هو جيڪو مسلم ليگ جي وزارت ناهي

سگهي. پر اها سنڌ هئي، جتي پنجن سالن کان مسلم ليگ جي وزارت قائم هئي. 1946ع ۾ هندوستان ۾ مسلم ليگ کي، مسلمانن جي واحد سياسي جماعت معلوم ڪرڻ لاءِ جيڪي چونڊون ڪرايون ويون، ان ۾ مسلم ليگ سؤ سيڪڙو ڪامياب ٿي. بهرحال سنڌ سياسي طرح پاڪستان ٺاهڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو. 1947ع ۾ جڏهن پاڪستان نهيو، تڏهن سنڌ ئي مرڪزي حڪومت کي، پنهنجي صوبائي سيڪريٽريٽ جون عمارتون پيش ڪيون ۽ پاڪ حڪومت کي پنهنجو صنعتي علائقو ڪراچي گاديءَ لاءِ ڏنو. سنڌ واسين فراخدليءَ جو ثبوت ڏيندي لُٽيل، ڦُٽيل، بي گهر ۽ خانہ بدوش مسلمان پائرن کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندي، پنهنجي ساري ملڪيت انهن جي حوالي ڪئي، جڏهن تہ ٻين صوبن گاڏيءَ تان پليٽ فارم تي ڪين پير بہ رکڻ نہ ڏنو. غير سرڪاري انگن اکرن موجب سنڌ واسين نون پائرن کي ساڍا 27 لک ايڪڙ زمين آباديءَ لاءِ ۽ 99 هزار ست سؤ ڏهہ گهر ۽ انٽيهہ هزار 5 سؤ دڪان ڏنا. اهڙي طرح 1955ع ۾ جڏهن ون يونٽ ٺاهيو ويو تڏهن سنڌ ٽيهہ ڪروڙ روپيا روڪ ۽ پنجاهہ ڪروڙ روپين جون جايون، دفتري سامان نئين حڪومت جي نذر ڪيون. ان کان سواءِ هر صوبي جي ماڻهوءَ کي، سنڌ پاڻ وٽ رهائي، ان جي آسودگي ۽ خوشحاليءَ لاءِ، پاڻ کي وقف ڪيو آهي.

هي سچ آهي تہ، جنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ قربانيون ڏيون آهن ۽ تڪليفون برداشت ڪيون آهن، اُها ساهہ کان وڌيڪ پياري هوندي آهي ۽ ان جي بقاءَ ۽ سالميت لاءِ، ماڻهو جان ڏيڻ کان بہ ڪين ڪيٻائيندو آهي. پاڪستان سنڌ واسين لاءِ ان قيمتي چيز جو درجو رکي ٿو. سنڌين جي حب الوطني ۽ پاڪستان سان محبت ڪنهن تعارف جي محتاج نہ آهي، پر شرط هي آهي تہ، ان کي خلوص ۽ سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ۽ پاڻ سان گڏ ٻئي کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي. پاڪستان چئن صوبن جو هڪ گلدستو آهي، جنهن ۾ هر گُل خوشبوءِ ۽ سونهن پيدا ڪئي آهي. پاڪستان پنهنجي بقا ۽ سالميت لاءِ ٽي جنگيون لڙي چڪو آهي ۽ انهن جنگين ۾ سنڌ جي عوام، پنهنجي حب

الوطنيءَ جو ثبوت ڏيندي هر محاذ تي، دشمن جو دليريءَ سان مقابلو ڪيو. 1965ع جي جنگ ۾، سنڌين جنهن سرفروشي، حريت پسندي، قوم پرستي ۽ اسلام دوستيءَ جو ثبوت ڏنو آهي، سو پاڪستان جي تاريخ ۾ يادگار رهندو. هن جنگ ۾ سنڌ جي غير سرڪاري ۽ خانگي فوج ”حُر فورس“ جنهن نموني دشمن سان مقابلو ڪيو، اهو ڪنهن به طرح ٽرينڊ ملٽري کان گهٽ نہ هو. ميجر جنرل وصال محمد خان لکي ٿو تہ- ”آءٌ حُرن جي بهادري، ريگستاني علائقن ۾ سنڌن تيز رفتاري، حالتن جي صحيح ڪَٿ ڪرڻ جي صلاحيت ۽ مقصد خاطر، جان قربان ڪرڻ جي تڙپ کان متاثر ٿي، 1965ع واري جنگ ۾ حرن کي ڀرتي ڪرڻ جي سفارش ڪئي.“ (سنڌ ۾ حُر تحريڪ- هلال ميگزين- سيپٽمبر 1983ع) اهڙي طرح 7 سيپٽمبر 1965ع تي 25 هزار حُر، مجاهد فورس ۾ ڀرتي ٿي، ملڪ جي حفاظت خاطر ميدانِ جنگ ۾ آيا. ان وقت ڪين پاسي پُٽ کان، دشمن تي حملي ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو تہ جيئن دشمن دهلجي وڃي. اهي حملا هن ريت هئا.

(1) دشمن جي مواصلاتي لائين تي حملا.
(2) دشمن جي ڪئمپن تي راتاها.
(3) دشمن جي آسانيءَ سان ٻٽجنڊڙ حِصن ۾ پاسَن ۾ ٽرٽلو مچائڻ.
(4) دشمن جي، انتظامي ايراضي ۾ داخل ٿي، هن جي رسد ڪاريءَ جي نظام کي ناس ڪرڻ.

حُر جيئن تہ هِن ريگستاني ايراضيءَ جا سونهان هئا، انهيءَ ڪري رات هجي يا ڏينهن، آسانيءَ سان چرپر ڪري سگهيا ٿي. هنن کي جيڪو ڪم سونپيو ويو هو، سو ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان ادا ڪري رهيا هئا. ڏسڻ ۾ هو اهڙا طاقتور تہ نظر نہ ايندا هئا پر جڏهن دشمن جي مواصلاتي لائين ۽ ذخيري جي اَڏن تي حملا ڪندا هئا تہ تباهي مچائي ڇڏيندا هئا ۽ دشمن مجبور ٿي پويان پيرَ ڪندو هو. نتيجو اهو نڪتو جو حملہ آور تنگ ٿي، پاڪ و هند سرحد کان ٻہ پوئتي هٽي ويو ۽ سنڌن پنهنجو علائقو اسان جي وڙڻ لاءِ خالي

ٿي ويو. جيئن تہ مارواڙ جي ريگستاني ايراضي، اسانجن هنن سورمن جي جاتل سڃاتل ۽ ڏٺل وائٺل هئي، انهيءَ ڪري انهن تي بہ، هِنن سولائيءَ سان قبضو ڄمائي ورتو ۽ دشمن جي فوج ڪي، پنهنجا مورچا خالي ڪرڻا پيا. هنن بهادر حُرن. دشمن سان جيڪا ويڙهہ ڪئي، تنهن جي نتيجي ۾، جنگبنديءَ جي اعلان تائين، هندوستاني رڻ پٽ جو وڏو علائقو، اسان جي قبضي ۾ اچي چڪو هو. آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ ريگستاني گوريلا جنگ ۾، حُرن جو مشڪل سان بہ ڪو مَٽ يا ثاني ٿي نٿو سگهي ۽ ڪوبہ غير سپاهي، هنن کان انهيءَ ۾ قطعي گوءِ نہ ٿو کٽي سگهي. (سنڌ ۾ حُر تحريڪ- هلال ميگزين- سيپٽمبر 1984ع)

سيپٽمبر جي جنگ ۾، اسان جي هن غير سرڪاري سنڌي فوج راجستان سيڪٽر ۾ روهڙي، ساچو چندور، مليسر، پوتيلي، ڪلان، برادا، آچوري، ٽويا، ساڌو والاتار، گنارو، نوتارا، ۽ شاهہ ڳڙهہ تي قبضو ڪيو هو. گڏڙو جي اُتر ۾ هنن پوچينا، مائيا، رام ديرو، ڏيگوري، رام تلا، ۽ ڏکڻ ۾ ڪيلمور، سوپالا، بت دادوسرا ۽ ڪلدون ڪاٽالا تي قبضو ڪيو. راجستان سيڪٽر ۾ پارت جي اهم قلعن ڪانسواءِ، ويهن فوجي چوڪين تي پڻ قبضو ڪيو. مجموعي طور هڪ هزار چورس ميل پارت جو علائقو فتح ڪيو. ڪڇ جي رڻ کان رحيم يار خان تائين، سَون ميلن جي سرحد تي، هن مادرِ وطن جي حفاظت ڪئي. حُرن رام ڳڙهہ تي جڏهن حملو ڪيو، تڏهن اتي چار هزار هندوستاني فوج هئي، پر سنڌن هڪ هَڪل سان ئي اها فرار ٿي ويئي. ان وقت خيرپور ڊويزن جي ڪمشنر چيو هو تہ- ”اُهي حُرن جا جگر آهن، جن اهرو قلعو فتح ڪيو.“ هڪ ڪمانڊر چيو هو تہ- ”مون کي حُرن تي ناز آهي. اهي بلڪل اهڙي طرح وڙهن ٿا، جيئن تربيت يافتہ فوجي وڙهندا آهن.“ روزانہ ڪوهستان ملتان جي نمائندي لکيو تہ، ”حُر مجاهدن جنگ جي محاذ تي، جيڪو منظم ڪردار ادا ڪيو آهي، تنهن جو مَٽ ناهي. حُر وڏا بهادر آهن.“ روزانہ مارننگ نيوز ڪراچي جي نمائندي لکيو تہ- ”جڏهن راجستان جي جنگ متعلق، تاريخ لکي ويندي. تڏهن

حُر مجاهدن جا ڪارناما تاريخ ۾، هڪ سونهري باب جو اضافو ڪندا، جن کي محبت ۽ عزت سان پڙهيو ويندو.“ روزانه مغربي پاڪستان سکر لکيو ته، ”جڏهن جنگ جي تاريخ لکي ويندي، تڏهن حُر مجاهدن جي ڪارنامن کي سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو. حُرن ۾ ايتري قوت ۽ صلاحيت اڄ به موجود آهي، جو هنن پارٽي سورمن کي عبرتناڪ شڪستون ڏيئي، سندن علائقن مان ڀڄائي ڇڏيو آهي.“ محترم سراج نظاماڻي لکي ٿو ته- ”حُر موت کان نه ڊڄندا آهن. هو سمهي يا مورچو ناهي وڙهڻ کي بزدلي سمجهندا آهن. هو سدائين سيني تي گولي کائيندا آهن. وٽن ميدانِ جنگ مان پٺي ڏيڻ ڪفر برابر آهي. اهوئي سبب آهي جو راجستان جي اهم چوڪين تي قبضو ڪري انهن دشمن کي هراسان ڪيو. بيشڪ پاڪستان کي لال خان مگّرئي، حاجي خان راڄڙ، مارو مگّرئي، ۽ جمال جهڙن سرفروش حُرن تي فخر آهي، جن جي سرڪردگيءَ ۾ حُر مجاهدن درخشان ڪارناما انجام ڏنا.“

سنڌي شاعرن به حُرن جي انهن ڪارنامن کي ور ور ڪري ڳايو. عارف المولا جي هڪ ڪافيءَ جا بند آهن:

مَرد مٿير مجاهد آيا، ڪونڌر ڪُوپا ڪاهي،
سِر ڏيڻ لاءِ سورهيه هليا، لوڪ لاڳاپا لاهي،
موذي ماري ڍير ڪري، اڄ ورنهه آيا دلير-
اجهي آيا حُر فقير.
جنگ ڳتي اڙٻنگ لڳايو، رنگ انهن رٽن،
محبت جو ميدان ملهائي، موج سدا ماڻن،
راجستان جا راجا آيا، لاڪيٽا لکمير-
اِجهي آيا حُر فقير.

بهرحال سنڌين جي هِنن سوڍن پنهنجي روايت کي قائم رکي، پاڻ ۾ اهوئي پراڻو فوجي مهارت وارو عنصر ۽ ويڙهه جو ڏِنگ زنده رکيو آهي.

پَڄاڙي

گذريل ورقن ۾، سنڌ واسين جي بهادري، سورهيائي ۽ فوجي مهارت جا جيڪي تاريخي ثبوت پيش ڪيا ويا آهن، تن مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي قوم هڪ باقاعده مارشل ريس ۽ فوجي صلاحيتن سان آراسته آهي ۽ سندن تاريخ، بهادري ۽ جانفروشي جي تاريخ آهي. سنڌين جي اُن جذبي ۽ صلاحيت کي هر دور جي شاعر ڳايو آهي. پِٽ ڏٽي چوي ٿو ته:

سَرها ڏنم سي، جن ساجاءِ سِراڻ سين،
تيغ تنين جي کي، ڪَٽُ نه لڳي ڪڏهين.

-

چار تراريون چيلهه سين، ٻَڌي ٻه پاڳون،
ايءَ اڳين جون آڳون، ڪانڌ قلعي ۾ موڪيون.

خليفي نبي بخش چيو ته:

ڪٺاري ۽ ڪات، مَن مرادون پنيون،
رَت پريائون وات، مانجهين هڏ مچائيا.

سنڌي عورت جي بهادري ۽ سورهيائي به ضرب المثل آهي. پِٽ ڏٽي سنڌي عورت جي جذبءِ غيرت کي هن طرح پيش ڪري ٿو:

پڳو آءٌ نه چوان، ماريوسين وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان؛
ته پڻ لڄ مران، جي هوئنس پُٺ ۾.

خليفي نبي بخش چيو ته:

جي تون ڀَڄي آئين ڀڄڻا، ته آئون تنهنجي ڀيڻ،

ٿَتِ تنهنجي ٿَڪَ ۾، وجهان ڏيئي وِيڻ،
جي توڏي ڪٽان نيڻ، تہ پَسان پنهنجي پُٺِ ڪي.

سنڌي قوم جي انهيءَ بهادرانہ صلاحيت ۽ قرباني جي انگ ڪي: انگريزن پنهنجي پاند ونڻ لاءِ غلط پروپئگنڊا ڪري سنڌن فوجي معيار کي ڌڪ لڳايو. روزانہ ڪاروان جو ايڊيٽر لکي ٿو تہ، "انگريزن کي سنڌ جي متعلق جيڪي بدگمانيون هيون، تن جي پيش نظر هنن نہ فقط سنڌ جي ماڻهن کي، فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جو موقعو نہ ڏنو پر هنن کي سنڌ جي انتظامي طرح الڳ صوبو بڻائڻ يا مغربي پاڪستان جي ڪنهن ٻئي قريبي علائقي سان ڳنڍڻ بدران ان کي بمبئي جي هندو اڪثريت واري صوبي جو حصو بڻائي ڇڏيو." ساڳئي طرح روزانہ مهراڻ جو ايڊيٽر لکي ٿو تہ- "انگريزن ڏٺو هو تہ سنڌي محب وطن ۽ غيور قوم آهي ۽ ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي عزت ۽ غيرت کي وڪڻڻ وارا نہ آهن. اهو اندازو هنن انهيءَ امر مان لڳايو تہ اُها سنڌ ئي هئي، جيڪا هندوستان جي ٻين سيني علائقن کان پوءِ قبضي ۾ آئي ۽ اُهي سنڌ جا احرار ئي هئا: جيڪي انگريزن جي حڪومت سان آخري وقت تائين لڙندا رهيا. ليڪن انگريز وڏا سياستدان هئا، جن سنڌين کي فوج ۾ ڀرتي نہ ڪرڻ جو عذر اِهو پيش ڪيو تہ سنڌي بزدل ۽ تن آسان آهن ۽ نہ صرف اهو پر انگريزن سنڌين جي دل ۽ دماغ ۾ پڻ بزدلي ۽ تن آسانيءَ جي اثرات کي داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ساڳئي وقت پروپئگنڊا جي مهم کي ايترو تہ تيز ڪري ڏنو جو بيرون سنڌ ۾ پڻ اهو تاثر پئدا ٿي پيو تہ سنڌي ڳِيدي ۽ سست آهن." انگريزن جي انهيءَ پروپئگنڊا جو اهو نتيجو نڪتو جو سنڌين لاءِ عام چوڻ ۾ آيو تہ اهي بزدل آهن، ڪانئر آهن، ڊڄڻا آهن، ڇُلهہ جا مارنگ آهن ۽ مارشل ريس نہ آهن، ان ڪري کين فوج کان پري رکيو ويو.

1947ع کان پوءِ، جڏهن انگريزن جو منحوس ۽ ملعون پاڇو، اسان تان هٽيو تڏهن سنڌ جي عوام پر زور مطالبو ڪيو تہ کين فوج ۾ شامل ڪيو

وجي. سنڌ جي روزانه اخبارن جا ادارتي نوٽ هن امر جي نشاندهي ڪن ٿا ته سنڌين فوج ۾ شموليت لاءِ هر وقت پئي رڙيون ڪيون آهن. پاڪستان جي حڪومت، سنڌين کي فوج ۾ شامل ڪرڻ لاءِ، پيٽارو ۾ 1959ع ۾ هڪ فوجي تربيت گاهه قائم ڪئي. ان موقعي تي روزانه ڪاروان جي ايڊيٽر لکيو ته، ”غلاميءَ جي منحوس ۽ ملعون دور جي خاتمي ۽ فوجي قيادت جي بر سر اقتدار اچڻ کان پوءِ، سنڌ کي موقعو مليو آهي ته هو پنهنجي تاريخ ڏانهن موٽي ۽ سنڌي جوان پنهنجي وطن جي ناموس لاءِ بهادري ۽ قربانيءَ جا اهي ساڳيا جوهر ڏيکارين، جيڪي سؤ ورهيه اڳ هنن کان سندن مائرون، پينرون ۽ زالون طلب ڪنديون هيون. اسان کي اميد آهي ته، پيٽاري جو فوجي ڪاليج، سنڌ جي سُتل فوجي روح کي جاڳائيندو ۽ هن ڪاليج مان تربيت حاصل ڪري اهڙا جوان نڪرندا جيڪي ملڪ ۽ قوم جي اڳواٽي ڪندا ۽ ملڪ کي ترقي ۽ خوشحاليءَ ڏانهن وٺي ويندا.“

سنڌين کي فوج ۾ڀرتي ڪرڻ لاءِ روزانه الوحيد 12 مارچ 1952ع تي ڪي رِٿون ۽ مشورا پيش ڪيا هئا جن جي ايتري ئي اهميت آهي جيتري اڳ هئي. ان ڪري مان اهي هِت پيش ڪريان ٿو ته، جيئن حڪومت انهن تي غور ڪري.

(1) پاڪستاني فوج ۾، سنڌ مان سپاهين جي ڀرتيءَ لاءِ هڪ بورڊ قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن تي سنڌ جي سيني اثر رسوخ ۽ معزز هستين کي نامزد ڪيو وڃي ته جيئن هو پنهنجي اثر رسوخ ذريعي، سنڌي نوجوانن کي پاڪستاني فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ شوق ڏيارين. جيڪڏهن ائين ڪيو ويو ته، سنڌ جي ڪافي نوجوانن کي پاڪستاني فوج ۾ ڀرتي ڪري سگهبو.

(2) سرڪار طرفان، سنڌ جي مشهور ۽ مصروف اديبن ۽ شاعرن تي، مشتمل هڪ ڪميٽي مقرر ڪرڻ گهرجي جا سليس سنڌي مضمونن، شعرن، غزلن، بيتن، نظمن وغيره ذريعي سنڌي نوجوانن ۾، فوج ۾

ڀرتي ٿيڻ لاءِ چاهه پئدا ڪرائي. ان ڪميٽي طرفان ڪي دلچسپ ۽ دلپذير اشتهار وغيره پڻ شايع ڪرائي سنڌ جي مختلف حصن ۾ تقسيم ڪرڻ گهرجن ۽ اهي سنڌ جي جدا جدا اخبارن ۾ شايع ڪرائڻ گهرجن.

(3) سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۽ ثانوي اسڪولن جي سمجهدار شاگردن کي درخواست ڪئي وڃي تہ هو رضاڪارن جا جٿا ناهي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گشت ڪري ۽ مختلف هنڌن تي ميٽنگون ۽ جلسا ڪري، تقريرن ذريعي سنڌين ۾ فوجي روح پئدا ڪن ۽ سنڌين جي دلين ۽ دماغن مان فوجي زندگي متعلق غلط فهمين دور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن.

(4) جيڪي بہ سپاهي ڀرتي ٿين، تن لاءِ لوئر سنڌ بئراج واري زمين مان ڏهه ايڪڙ في سپاهي جي حساب سان مخصوص ڪري، اها کين پينشن طور عطا ڪرڻ گهرجي.

(5) ڀرتي ٿيندڙ سپاهين کي پنجن سالن جي عرصي لاءِ سنڌ کان ٻاهر نہ موڪليو وڃي ۽ انهن کان فقط سنڌ جي سرحدن جي حفاظت جو ڪم ورتو وڃي.

آفيسرن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سفارشن موجب ڪرڻ گهرجن ۽ خاص سنڌ لاءِ فوجي آفيسرن جي لياقتن ۾ ترميم ڪئي وڃي. مثال طور موجوده وقت ۾ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ جيڪا 21 سال عمر آهي، تنهن کي وڌائي 30 سال ڪيو وڃي. آفيسرن کي ڀرتي ڪرڻ وقت تمام سخت حلف نامن تي صحيحون ڪرايون وڃن ۽ انحرافي ڪندڙ کي سزا ڏني وڃي.

1952ع ۾ حڪومت پاڪستان، فوج ۾ سنڌين کي ڀرتي ڪرڻ لاءِ هڪ رڪروٽمينٽ انڪوائري ڪميٽي قائم ڪئي، جنهن سنڌين کي فوج ۾ ڀرتي ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ سنڌ ريجمينٽ ناهڻ جي سفارش ڪئي، پر پوءِ مجاهد

فورس قائم ڪري، سنڌين کي ڀرتي ڪيو ويو. سنڌ جي اخبارن سنڌ ريجمينٽ قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي لکيو ته ”سنڌ واسي، جداگانه ريجمينٽ جي تقاضا ان ڪري، ڪري رهيا هئا جو هنن محسوس ٿي ڪيو ته انهيءَ ريجمينٽ جا آفيسر خواهه انسٽرڪٽر به سندن پنهنجا سنڌي هوندا. جيڪي نه صرف سندن غيرت ۽ عزتِ نفس جو خيال رکندا پر ڪين ٽريننگ جا اشارا وغيره به آسانيءَ سان سمجهائي سگهندا. ائين ڪرڻ سان سنڌين کي اهو يقين ٿي ويندو ته سندن جذبات جي مجروح ٿيڻ يا سندن روايات جي توهين ٿيڻ جو امڪان نه رهندو.“ اهڙي طرح روزانه الوحيد، ڪاروان، نواءِ سنڌ، هفتيوار آزاد، سنڌ ريجمينٽ جي قيام لاءِ لکنديون رهيون ۽ عوام به پر زور مطالبو ڪندو رهيو. آخر 1973ع ۾ سنڌ ريجمينٽ وجود ۾ آئي، مگر اجا تائين ڪو خاطر خواه نتيجو نه نڪتو آهي. فوج ڀرتي ڪرڻ لاءِ، ڪيترائي دفعا ڀرتي ڪاميٽين، سنڌ جي ڳوٺن ۾ چڪر لڳايا آهن، پر سنڌين ان ۾ گهٽ چاهه ورتو آهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته سنڌ ۾ اڃا به نيم جاگيردارانه نظام موجود آهي. هتان جو عوام وڏيرن، پيرن، سيٺين ۽ زميندارن جي ظالمانه چنبي ۾ جڪڙيل آهي. ان ڪري ضروري آهي ته حڪومت، سنڌ جي پيرن، سيدن، زميندارن ۽ سردارن جو مڪمل تعاون حاصل ڪري. پنجاب ۽ ٻين صوبن ۾ به اتان جي عوام کي، معزز ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن جي معرفت ئي فوج ۾ ڀرتي ڪرايو ويو آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن سنڌ جا اهي افراد، فوج ۾ دلچسپي وٺندا ته شايد سٺو نتيجو نڪري سگهندو ۽ عوام فوج ۾ دلچسپي وٺندو.

(1) سنڌ جي سيني اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ فوجي تربيت لازمي قرار ڏني وڃي ۽ تيستائين ڪنهن به شاگرد کي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت نه ڏني وڃي، جيستائين هو پنهنجي ڪاليج، يونيورسٽي يا اسڪولن لاءِ مقرر ڪيل فوجي عملدارن طرفان فوجي ڪورس پوري ڪرڻ متعلق، سرٽيفڪيٽ پيش نه ڪري.

(2) سنڌ جي مختلف سياسي جماعتن طرفان متحده طور ساري سنڌ ۾ يومِ سنڌ ريجمينٽ ملهايو وڃي ۽ ان ڏينهن تي صوبي جي هر ڳوٺ ۽ شهر ۾ جلسا ۽ ميٽنگون ڪري، اهڙيون تقريرون ڪيون وڃن، جيئن سنڌي نوجوانن ۾ فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ جو شوق ذوق پيدا ٿئي. اهو سارو انتظام يونين ڪائونسلن ۽ تعلقي ڪائونسلن جي حوالي هجي.

(3) سنڌ جي وڏن ميلن ۽ ملاکڙن جي موقعن تي اتان جي ضلع ڪائونسل، ادبي ۽ سماجي تنظيمن جي تعاون سان فوج ۾ ڀرتي ڪنڌڙ ڪاميٽي، فوجي پريڊن، فوجي ڪرتبن ۽ ورزش جو انتظام ڪري ۽ فوجي ڀرتي لاءِ زور شور سان پروپئگنڊا ڪري.

(4) اخبارن، ريڊيو ۽ ڪتابچن ذريعي سنڌ جي نوجوانن ۾ حب الوطني، مردانگي، فوجي لوازمات ۽ انعامات جو پرچار ڪري، سنڌين کي آماده ڪيو وڃي.

(5) سنڌين جي ذاتي وير ۽ ڪيني، پراڻن پلاندن، قبائلي لڙاين، چورين ۽ ڌاڙي واري رجحان کي ختم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته تعليم کي عام ڪيو وڃي ۽ ٿر جي با اثر ۽ مقتدر شخصيتن تي ضابطو رکجي. اهڙي طرح سنڌين ۾ قومي ۽ سياسي شعور پيدا ڪري، سندن بهادري ۽ سورهيائي واري عنصر کي منظم ڪري ملڪ ۽ ملت جي اصلاح لاءِ ڪم ونڻ لاءِ فوج ۾ ڀرتي ڪجي.

هنن چند تجويزن تي جيڪڏهن عمل ڪيو ويو ته لازمي طرح سنڌي، فوج ۾ شامل ٿي، پنهنجون سابقہ روايات کي بحال رکي، پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ سِر ڌڙ جي بازي لڳائڻ کان نہ هٽندا. هن وقت بہ، سنڌين ۾ اهائي بهادري ۽ سورهيائي موجود آهي. ميجر جنرل وصال محمد لکي ٿو تہ: ”آئون سنڌ جي بهادر ماڻهن جو قدر ڪريان ٿو، جيڪي سنڌ جي فتح يعني 1843ع کان وٺي ڌارين اڳيان نہ جهڪيا آهن.“ ان ڪري لازمي آهي تہ سنڌ جي هر فرد کي محب

وطن سمجهي سندس قدر ڪيو وڃي ۽ ڪين بزدل، ڪانئر، ٺوٺي ۽ وطن دشمن جهڙا حقير ۽ برطانوي حڪومت جي غلامانہ دور وارا لفظ استعمال نہ ڪيا وڃن. سنڌي محب وطن، سورهيہ ۽ بهادر آهن. سنڌن اعلان آهي تہ:

به گريز دا از صف ماهر ڪہ غوغا نيست،

ڪسي ڪہ ڪشتا نہ ٺہ از قبيلۂ ما نيست

يعني ڀاڄيو اسان جي صِفن مان ڀڄي وڃي ۽ جيڪو سِر اڏيءَ تي رکڻ لاءِ تيار نہ آهي، سو اسان جي ڪٽنب مان نہ آهي.

تاريخ هڪ منتقل فن آهي. تاريخ قوم جو عظيم ورثو آهي. تاريخ قوم جي تجربي گاهہ آهي. تاريخ جي لئبارٽريءَ ۾، قوم جي نسل کي عظيم درس ڏنو وڃي ٿو. قوم افراد جو مجموعو آهي ۽ فرد تاريخ جي پئداوار آهي. تاريخ نئين نسل جي تعمير ڪندي آهي. تاريخ فرد ۾ حب الوطني جو جذبو، ٻَڌي، اتحاد، گري ۽ ڪوٺي جي سُڃاڻ، پنهنجن ۽ پراون جي پَرک، احساس خود شناسي، احاس بالاتري ۽ غدارن جي ڄاڻ پئدا ڪندي آهي. تاريخ هڪ روشن مينار آهي جيڪو پُنيان ايندڙ افراد جي رهنمائي ڪري، منجهن اباڻي ورثي جي ساڃهہ پئدا ڪندي آهي. تاريخ زندهہ قومن جي جيون جو نشان آهي. قوم جي زندگيءَ جو اهڃاڻ آهي. جنهن قوم جي تاريخ نہ آهي اها قوم دنيا ۾ پنهنجو وجود برقرار رکي نٿي سگهي. تاريخ اهو روشن ڏيئو آهي، جيڪو ملڪ ۽ ملت جي بقا جو راز ٻڌائي ٿو. تاريخ اهو آئينو آهي، جنهن ۾ قوم جي شاندار ماضي جو اولڙو نظر اچي ٿو ۽ اها قوم ان اولڙي جي رهبريءَ هيٺ حال ۽ مستقبل جي تعمير ڪري ٿي. تاريخ هڪ قوم جي نئين تعمير ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي ۽ نئين نسل جي تربيت ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو زندهہ ۽ خوددار قومون، پنهنجي تاريخ کي محفوظ ڪنديون آهن. پنهنجون تاريخي روايتون نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ وڏا وڏا ادارا قائم ڪنديون آهن.

اسان جي تاريخ عظيم آهي. اسان جو تاريخي ورثو قابلِ فخر آهي. اسان زندهہ قوم جا فردَ آهيون، اسان جي قوم تاريخ ۾ اڻ مِٽ نقش ڇڏيا آهن. اسان

هڪ فوجي ۽ جنگجو قوم جا وارث آهيون. اسانجن وڏن، پلنگن ۽ سيجن تي رڳڙي رڳڙي، عزرائيل سان منهن نہ ڏنو پر هنن جنگ جي ميدان تي دشمنن سان لڙندي، گهاءَ کائيندي ۽ ترارون هلائيندي، جان قربان ڪئي. هو موت کان نہ ڊنا پر ان جي مُرڪندي آجيان ڪيائون. اسانجن ننڍڙن نؤنهالن، ٻارن ۽ مڪڙيءَ جهڙي زندگي گذاريندڙن، ننگر سومري، خاڪي لنگ، مير حسين علي ٽالپر جهڙن اکين نارن ۽ هِئين جي هارن کي بہ مائرن ۽ ڀينرن هٿيارن سان ليس ڪري ڳراٽڙي پائي وطن جي ويرين ۽ ديس جي دشمنن سان وڙهڻ لاءِ روانو ڪيو.

سماج تغير پذير آهي. اڄ جو دور سائنٽفڪ دور آهي. صدين واريون ڳالهيون اڄ نہ آهن. اسان سنڌي پنهنجو وجود، هن سنگلاخ زمين تي تيستائين سلامت رکي نہ سگهنداسين، جيستائين پاڻ ۾ فوجي صلاحيت ۽ سپاهيانہ شعور پئدا نہ ڪنداسين. فوج ۾ شامل ٿيڻ اسان جي روايت آهي ۽ دشمن سان منهن ڏيئي وڙهڻ اسان جو شيوو آهي. ترارن جا گهاءَ کائڻ اسان جو مَرڪ آهي ۽ موت سان لائون لهڻ اسان جي تهذيب آهي ۽ ها، سپاهي تي ڀينرن ۽ مائرن جي حفاظت ڪرڻ اسان جي ثقافت آهي.

اهي ڳالهيون ڌيان ۾ رکي، مون هي مختصر ڪتاب تاليف ڪري، نوجوانن جي خدمت ۾ پيش ڪندي عرض ڪريان ٿو تہ اچو- اڳيرا ٿيو، وِڪ وڌايو پنهنجو اباڻو ورثو سنڀاليو. وَر وَر ڪري اوهان کي سڏيو ٿو وڃي. سنڌ ريجمينٽ ۾ شامل ٿيو. فوج ۾ ڀرتي ٿيو. اهڙي طرح اوهان پنهنجو ۽ ملڪ ۽ ملت جو مستقبل روشن ڪري سگهندؤ.

دادا سنڌي

جنوري 1985